
ناول
وري
وري
وجايل
ناشاد رحم علي

# وري وري وڇايل

[ناول]

## ناشاد رحم علي

سنڌيا پبليڪيشن
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | وري وري وڃايل |
| ليکڪ: | ناشاد رحم علي |
| ڇاپو پهريون: | 2017ع |
| لي آئوٽ: | تولارام سوٿهڙ |
| ڪمپوزنگ: | امر عبدالستار ٻاڪڙ |
| ڇپيندڙ: | سنڌيا پبليڪيشن |

**WARI WARI WINJAAYAL**
by: **Nashad Rahm Ali**
Lay out: Tolaram Suthar
Composing: Amar Abdul Sattar bakar
Printed: sindhiya publication
First Edition 2017

# ارپنا

**وصل جي وڇوڙن**
**نهارن ۾ نپايل چاهتن**
**۽**
**رهجي ويل حسرتن**
**جي نالي!**

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”وري وري وڃايل“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ **ناشاد رحم علي** جو لکيل ٽيون ناول آهي. ان کان اڳ سندس ناول ”هينئڙو ۽ اڌ“، ۽ ”رِي اسٽور ٽيل ماٿپو“ ڇپيل آهن جيڪي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ به آنلائين اپلوڊ ڪيل آهن. هو لکي ٿو:

”هونئن ته هيءُ ناول، ان غير معمولي محبت جو داستان آهي، جنهن ۾ وڇوڙا ئي وصل بڻبا آهن، پر اهڙي محبت ۾ ڇا، ڇو، ڪيئن ۽ ڪيترو ڪجهه غير معمولي هوندو آهي، جنهن کي عام رواجي طور محسوس ڪرڻ ۽ سائنسي طور اظهارڻ مشڪل آهي!؟
مون ان ئي سوال کي هن ناول ۾ جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سان گڏوگڏ اهو پڻ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪيئن نه اسان جي ملڪ جي سول سوسائٽي، عورتن، اقليتن ۽ ٻين مظلوم طبقن سان همدرديءَ جي نشي ۾، ڪڏهن ڪن فردن سان سوفسطائي قسم جو ظلم ڪري وجهندي آهي!“

هي ڪتاب 2017ع ۾ **سنڌيا پبليڪيشن** پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ناشاد رحم علي صاحب جا جنهن ڪمپوز ڪتاب سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پيائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

ناشاد رحم علي سنڌ جي انهن چند منفرد قلمڪارن هڪ آهي، جن جو نثر پنهنجي مستقل پڙهندڙن لاءِ سدائين اڻٽر ٻاڙ جيان رهيو آهي، جنهن ۾ محظوظيت ۽ دلچسپيءَ جي سموري سامان سان گڏو گڏ عالماڻي سنجيدگي ۽ عبارتي حُسن جون مڙئي هڳڪارون بہ هڪيون حاضر هونديون آهن.

ناشاد جي قلمي خوبين مان هڪ خوبي اها بہ آهي جو هو مطالعي مشاهدي سان ڀرپور پنهنجي لکڻين ۾ گهڻو ڪري غير مانوس ۽ مختلف موضوعن جو انتخاب ڪندو آهي گهڻائيءَ ۾ دبجي ويل ٿورائي جو آواز بہ اظهاري ونندو آهي اهائي هن جي ورائتي ۽ معاملن ڪي مختلف زواين سان ڏسڻ وارو انداز جتي سنجيده پڙهندڙن ڪي لُڀائيندو آهي اتي معقول مباحثن جا نوان دروازا بہ ڪلندا آهن!

جڏهن ڪان هن ناول جهڙي سنسني خيز صنف سان سنگت رکي آهي تڏهن ڪان سندس قلمي صلاحيتن جون اعلا خوبيون پڻ نکري نروار ٿيون آهن .هن ٿورڙي ئي وقت ۾ سنڌي ادب ڪي نهايت سهڻا ناول ڏيڻ شروع ڪيا آهن. هن جي ناولن ۾ ناول جي بنيادي خوبين سان گڏو گڏ سماجي تصوير ڪشي، ڪائناتي قدرن جي کوج ۽ نج ادبي موضوعن تي منفرد آميزش پڻ موجود آهي. هن جي ناولن ۾ وندر اصلاح ۽ اندر جي اُپٽار تي مشتمل مواد سان گڏو گڏ فني ۽ فڪري باريڪين جا هانءُ ۾ هٽ وجهندڙ ڇُها بہ موجود هوندا آهن. ان ڪري ئي هن جو پڙهندڙهن جا ڪتاب ايئن ڳوليندو آهي جيئن صحت جو خاص خيال رکندڙ پارکو شخص قيمت بدران ڪوالٽي ڪي اهميت ڏيئي پاروتي فروٽ مان تازا ميوا ڳوليندو آهي.

جتي ماڻهو محض دلپشوريءَ خاطر روايتي سطحي ۽ ورجايل سرجايل ڳالهيون لکي صاحب ڪتاب ٿيندا آهن ۽ جتي جو نقاد عام طور تخليقي گهٽ ۽ تقليدي وڌيڪ هوندو آهي، جتي غير جانبداريءَ جي واڳ اقربا پروريءَ جي هٿن ۾ هوندي آهي، اتي ناشاد رحم علي جي ناولن سان عالماڻو ۽ غيرجانبداراڻو تنقيدي انصاف ٿيڻڻو باقي آهي؟! پر هن مختصر عرصي اندر سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ تخليقي منفرد ۽ ذائيقدار ناول ضرور وڌا آهن ۽ سنڌي ناول پڙهندڙن جي دلچسپيءَ ڪي پڻ وري موٽايو آهي.

ناشاد رحم عليءَ جو هي ناول توڙي جو غير معمولي رومانس جي ڪهاڻي آهي پر ان هڪ ڪهاڻيءَ ۾ علمي ۽ فني طور الاءِ ڪيتريون ئي ٻيون ڪهاڻيون لڪيل آهن جن ڪي ناشاد رحم علي پنهنجي مخصوص انسپريشن سان اظهاريو آهي. ان ڪري ئي هي ناول ناقابل فراموش شاهڪار جيان لڳي ٿو.

سنڌيا اداري طرفان ناشاد رحم علي جو هي ٻيو ناول ڇپيندي اعزاز محسوس ڪيون ٿا. اسانکي اميد آهي تہ اسانجي هيءَ نماڻي وک اوهانکي پسند ايندي.

**عقيل عباس سومرو**

ڊائريڪٽر

سنڌيا پبليڪيشنز

# ليکڪ پاران

## ڪلفي فروش ڪان وري وري وڃايل تائين!

هونئن تہ هيءُ ناول، ان غير معمولي محبت جو داستان آهي، جنهن ۾ وڇوڙا ئي وصل بڻيا آهن، پر اهڙي محبت ۾ ڇا، ڇو ڪيئن ۽ ڪيترو ڪجهہ غير معمولي هوندو آهي، جنهن کي عام رواجي طور محسوس ڪرڻ ۽ سائنسي طور اظهارڻ مشڪل آهي!؟

مون ان ئي سوال کي هن ناول ۾ جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سان گڏوگڏ اهو پڻ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪيئن نہ اسان جي ملڪ جي سول سوسائٽي، عورتن، اقليتن ۽ ٻين مظلوم طبقن سان همدرديءَ جي نشي ۾، ڪڏهن ڪڏهن ڪن فردن سان سوفسطائي قسم جو ظلم ڪري وجهندي آهي!

ايڪيهين صديءَ جي سنڌ ۾، پوليس طرفان ملازمن کي هاف ۽ فُل فرائي ڪرڻ وارو ظالماڻو سلوڪ پڻ هن ناول جي صفحن تي پلٽيل آهي. ڪرپشن جو حُسن بڻجي پيل جمهوري ملڪ ۾ بدانتظامي ۽ پئسي جي غير مساوي تقسيم سبب چانئجي پيل غربت جي اونده ۾ ڪيئن نہ بيوفائيون، ويساهہ گهاتيون، واعده خلافيون، بي وسيون ۽ نو دولتاڻيون ٽرڙپايون، دلين جا شڪار ڪنديون آهن. مون هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي انسپريشن ۾ انهن کي ڦُلهوريو آهي.

پهرين تہ مون کي هن ناول جو نالو ’ڪلفي فروش‘ سٺو لڳو هو پر ڪهاڻيءَ جي مضبوط مناسبت جي ڪري ’وري وري وڃايل‘ رکيو اٿم.

اڳ ڇپيل منهنجن ناولن: ’هينئڙو ٻہ اڌ‘ ۽ ’رِي اسٽور ٿيل ماڻهپو‘ جيان هن ناول جي حوالي سان، مون کي وري بہ پنهنجن پيارن پڙهندڙن جي محبت تي پڪو ڀروسو آهي.

منهنجي محسن عقيل عباس سومري صاحب جهڙي علم ادب جي پارکو جا لک ٿورا جنهن مون کي اوهان پيارن پڙهندڙ تائين پهچڻ جا ڀرپور موقعا ڏنا آهن..

پياري تولارام سوٿهڙ جا لک ٿورا، جنهن هن ناول کي لي آئوٽ سميت پروف ريڊنگ جي معاملن مان گذاريو.امر عبدالستار ٻاکڙ جون محبتون ڪمپوزنگ ۾ شامل رهيون،سندس ٿورا.

ميرپورخاص، سنڌ

16 جون2017

**ناشاد رحم علي**

Cell:03468922422

nashadrahimali@gmail.com.com.

## (1)

”ايڪسڪيوز مي“

بلديہ ميرپورخاص جي پُر هُجُوم گليءَ ۾، مون سان ڪُلهو لڳڻ بعد بيساختہ چيو هُيئي. چنچل نگاهن جو اولڙو هڻي، پرهجوم بازار ۾ گم ٿي ويئي هُئينءَ. ٽڪل قدمن سان توکي ڳوليو هئم. ڪپڙي، ڪاسميٽڪ ۽ جوتن جي دڪانن تي!

دڪاندارن سان اگهن تي ڳالهائيندڙ چَپَ، ريڙ جي گُڏين کي پاتل ريڊي ميڊ ڪپڙا ڏسندڙ اکيون، نفيس سينڊلن کي پائيندڙ گلابي پيرَ ۽ ورتل سامان ٿيلهين ۾ پيڪ ڪندڙ سونهري هٿ چتائي ڏٺا هئم. هرهنڌ سهسين سهڻيون صورتون موجود هيون، پر تون نہ هئينءَ!

توکي وري ڏسڻ جو سپنو هو جنهن کي نہ وڪاميل ڪپڙي جي ٿاڪي جيان، الاءِ ڪيترا دفعا کوليو ۽ وري ويڙهيو هئم!

ڦهريون پيرو ملي جدا ٿي ويل تنهنجن نيڻن کي وري ڏسڻ واري آس ڪٺي، الاءِ ڪيترا ڀيرا ان ساڳيءَ بازار ۾ آيو هئس ۽ توکي نہ ڏسي سگهڻ واري محرومي، دل جي شيپر ۾ لِڪائي گهر موٽيو هئس. جتي اڪثر بابا جي نگاهن، منهنجي دل جو خاليپڻو ڏسڻ بنا منهنجن خالي هٿن ڏانهن ڏٺو هو ۽ ناگوار نگاهن جو ڪانگهارو مون تي اُڇلي، وري وري ورجايل سوال مون کان پڇيو هو:

”ڪنهن روزگار سان لڳندين يا واندو پيو روڊ ماپيندين؟“

”اڄ وري نوڪريءَ لاءِ انٽريو ڏنو اٿم.“

الاءِ ڪيترا دفعا ساڳيو ڏٺو هنيو هئم، اها خبر هوندي بہ تہ بابا جو ان جملي تان ويساهہ ايئن هليو ويو هو جيئن سندس پوڙهي گڏهہ جي ڪنڌ جا وارَ گاڏيءَ جي پَٽن سان گسي گم ٿي ويا هئا!

بابا سڄي چمار گڏهہ گاڏي هلائي، امان، مون ۽ منهنجين ٻن ڀينرن جو پيٽ پاليو هو. هن اُن پراڻي گڏهہ گاڏيءَ تي سامان سٽيندي، منهنجي حوالي سان پنهنجي دل ۾ بہ الاءِ ڪيترا خواب سٽي ڇڏيا هئا. جن جي تعبير منهنجي نوڪريءَ سان مشروط هئي. پر ماسٽرس ڊگري ڪٺي الاءِ ڪيتريون ٽيسٽون ۽ انٽرويا ڏنا هئم، پر نوڪري هئي، جيڪا بابا جي سُکن جيان اٽلپ ٿي پيئي هئي.

چاتل سچاتل نوجوانن جي هٿ ۾ آفر آرڊر ڏسندو هئس، تہ ڪنهن بااثر ماڻهوءَ سان واسطا نہ هئڻ واري محرومي چِتن ڪُتن جيان ڏاڙهيندي هئي! پئسن سان آرڊر وٺي ڏيندڙ ايجنٽن جي جيتري محويت سان ڳولا ڪئي هئم، ايتري ڏيان سان جيڪر نندپڻ ۾ تعليم پرايان ها، تہ پلي نوڪري نہ بہ ملي ها، تہ بہ ايم. بي. ايس جي ڊگري وٺي، ڪنهي ڀهراڙيءَ ۾ اسپتال کولي ڏوڪڙن سان وينو کيڏان ها! پر آءٌ تہ ڏاهپڙيي واپاريءَ جيان سستي ايجنٽ هٿان ماڳهين ٺڳجي پيس.

امان کي پنهنجي ڏاج جو آخري زيور وڪڻڻ تي مس مس راضي ڪري، پنجويهه هزار روپيا ايجنٽ کي ڏنم، تہ اهو ماڳهين گم ٿي ويو. پوءِ خبر پيئي تہ همراهہ ٻين بہ ڪيترن ئي مون جهڙن پوڪن کي ڪتري، ملڪ ئي ڇڏي ڀڄي ويو هو. ايجنٽ هٿان مٿو ڪوڙائڻ جي خبر بابا کي پيئي هئي تہ مون کي الاءِ ڪٿان ڳولي ڳولي، اُهي لفظ چيائين، جيڪي هن شايد گڏهہ گاڏيءَ ۾ گوهي ڪندڙ گڏهہ کي بہ ڪڏهن نہ چيا هوندا. تڏهن کان ئي سندس نظرن سان گڏ مون ڏانهن ڏينهُو اُڏرندا هئا!

بابا گڏهہ گاڏي هلائي، منهنجي تعليم جا خرچ برداشت ڪيا هئا، پر هاڻ جڏهن تعليم مڪمل ڪري بيروزگار ڀتڪڻ لڳو هئس، تہ منهنجي واندڪائي بابا لاءِ صدموءِ مون لاءِ مهڻو ٿي پيئي هئي. بابا بہ شايد دل جي پڇري مان نوڪريءَ جي آسرن جا پڪي آهستي آهستي اُڏارڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. تڏهن ئي تہ هو مون کي هوٽل جي بيراگيري ڪرڻ يا ريڙهي تي شيون وڪڻي، گهريلو ڪفالت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جا مشورا ڏيندو هو. پر آءٌ ان خوف کان سندس مشورن تي عمل کان لنوائيندو رهيس تہ "ماڻهو ڇا چوندا؟! سنڌ يونيورسٽيءَ جو ماسترس ڪيل ريڙهي تي ڇولا پيو ڪپائي!"

بس امان ئي هئي، جيڪا بابا کان لڪائي خرچي ڏيندي هئم، جنهن مان ڇنڊ ڦوڪ ڪري، دوستن سان گڏ شخصي رتبي جي خالي بندوق، پريل هجڻ جو تاثر ناهي هلندو هئس.

اهو بہ ٿامي جي ٿالهہ جهڙو سياري جو صبح هو. امان لاءِ اشرفيءَ تان دهي وٺي موٽيو هئس. سامهون ويندڙ رڪشي ۾ توکي ويٺل ڏٺي هئم. بيساختہ پوبان ڊوڙيو هئس، والدين سان گڏ هلڻ جو انگل ڪندڙ دادلي ٻار جيان! آس پاس موجود ماڻهو حيرت سان ڏسڻ لڳا هئا. تو بہ ويندڙ رڪشا مان نظرن جا تير اڇليا هُئا. الاءِ ڇا سوچي، نظرون ٻئي طرف ڦيريون هُيئي!

رستي تي ايندڙ ويندڙ سوارين جي رش ۾ ڦاسي پيو هئس. جيئن تيئن ڪري اقبال پيٽرول پمپ ڏانهن ويندڙ چنگچيءَ ۾ چڙهيو هئس. چنگچيءَ مان لهڻ کان اڳ تون حيدر آباد ويندڙ ڪوچ ۾ چڙهي هُئينءَ.

بس ڏانهن وڌيو هئس تہ چنگچيءَ واري پوبان سڏ ڪري ڪرايو گهريو هو. تڏهن ياد پيئم تہ ڪيسو خالي هو. تو سان گڏ ڪوچ ۾ همسفر ٿيڻ جي سپني کي زندهہ درگور ڪري بيهي رهيو هئس. ويندڙ بس جي شيشن جي وٿيءَ مان چتائي ڏٺو هُيئي. شايد ڪو اوباش نوجوان سمجهي ٻئي پاسي ڏسڻ لڳي هُئينءَ. منهنجون حسرتون ويندڙ بس، ٽائرن هيٺيان چيپاٽي اڳتي هلي ويئي هئي ۽ مون پوبان ريزگاري ڳولي چنگچيءَ واري جو ڪرايو مس مس پورو ڪيو هو.

اقبال پيٽرول پمپ کان پيادل گهر ايندي، دنيا ۾ دولت جي غير مساوي تقسيم کي الاءِ ڪيتريون رنگبرنگي گاريون ڏيئي، ڪارل مارڪس کي دنيا جو عظيم ڏاهو قرار ڏنو هئم.

"دهي ڪٿي؟"

امان جي سوال چنگچيءَ ۾ وسري ويل دهيءَ جي ٽيلهي ياد ڏياري هئي. پشيمانيءَ ۾ هٿ مليندو رهجي ويو هئس. گڏهه ڪي گاڏيءَ ۾ جوٽيندڙ بابا جون نظرون ڇيرايل ماڪيءَ جي مکين جيان مون ڏانهن اُڏاڻيون هيون. بيچين ٿي ڪمري ۾ گهڙيو هئس. امان پويان هلي آئي هئي:

"پئسا ڪپائي ڇڏيئي، تڏهن ئي دهي ڪونه آندئي. ڪي ڪونهي، آءُ رُڪي ماني، پاڻيءَ سان کائي ڇڏينديس. تون پريشان نه ٿي!"

بابا جا جملا گولين جيان کوپريءَ مان آرپار ٿي ويا هئا:

"چاڳولي پُٽ ڪي ته خراب ڪيئي، پر هاڻ رُڪي ماني چبي، معدي جي پيڙي نه پوڙ، اجهو آءُ دهي وٺي اچان ٿو!"

امان ناشتو کڻي آئي هئي. ٻه ٽي گرهه کڻي موٽائي ڏنو هئم. پريشان ٿي پڇيو هئائين:

"پٽ پريشان ڇو آهين؟"

وضاحت ضروري نه سمجهي هئم. مٿي ۾ سور جو بهانو گهڙيو هئم.

ٻن مهينن اندر توکي ٻيو پيرو ڏسي، وري وڃائڻ جي درد کي اونٽري ٻار جيان دل ۾ سمهارڻ جي ڪوشش ڪندو، گهر کان ٻاهر نڪتو هئس. سامهون گليءَ مان بابا کي دهي وٺي موٽندي ڏٺم ته پر واري گليءَ ڏانهن مُڙي ويس.

لڪاڏنو لُڙڪ سامهون اچي ويو. پنهنجي تازي شاعري ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪنهن ضروري ڪم جو بهانو گهڙي، ڇڪي جان ڇڏائي هئم. آصف جي دڪان اڳيان بيروزگار سنگت بيٺي هئي.

الهداد ۽ شمن جو تعلق قوم پرست پارٽين سان هو ۽ ان ئي آڙ ۾ پارٽي ڪارڊ ڏيکاري، زباني ڌمڪي يا وري ٽل سل سان هلڪو ڦُلڪو پيتو وٺي، زندگيءَ جو گاڏو گهيلي رهيا هئا. راحت ۽ قادر اسٽريٽ ڪرائم ۾ خرچ پکو پورو ڪري رهيا هئا. مولوءَ جو ڪيسو سدائين گرم هوندو هو. آمدنيءَ جا ذريعا ڳجها هئس، پر ڪن سنگتين جو خيال هو ته منشيات وڪڻندو هو. ڪن جو اندازو هو ته جيب ڪتري ڪندو هو. ڪن انومان ظاهر ڪيو ته وٽس سونيون ڪڙيو هيون، يا ماڳهين ڪيس ڪارُونءَ جو خزانو هٿ آيو هو.

ان ڏينهن ته ڪانئس سوَ روپيا اوڌر گهُريم ته بي ججهڪ ڏيئي ڇڏيائين. پرسان بيٺل الهداد پڇڪيو هو:

"شرلُوءَ ڪي ڪيترا دفعا چيو اٿم ته پارٽيءَ جو ڪارڊ وٺي اسان سان گڏ ٿي وڃ. هٿ منجهه لهي ويندي پر تعليمي ڊگريءَ قانون جو رينگٽ نٿو ڇڏي! اجکلهه ڊگريءَ قانون به پئسن اڳيان مجبور آهن!"

الهداد جي ڳالهه دل سان لڳي هئم. ڪنهن ضروري ڪم جو بهانو گهڙي اڳتي لنگهي ويو هئس.

رڪشا مان لهي، ان ساڳي گليءَ ۾ آيو هئس، جتي تنهنجو پهريون درشن نصيب ٿيو هو. الاءِ ڇو ان گليءَ ۾ وري وري چڪر ڪيڏڻ لڳو هئس! آسپاس تنهنجي موجودگيءَ جي مهڪ وکريل هئي. تنهنجي گلابي چهري، ڪجلين اکين ۽ ڪٽڪ رنگين ٻانهُن جو تصور، ان گليءَ ۾ الاءِ ڇو نرالا احساس آڻيندو

هو؟! جن کي اظهار جا ويس وڳا پارائڻ ايترو ئي مشڪل هو جيترو ڪاروڪاريءَ جي ڪهاڙي هلائيندڙ هٿن کي عشق جي بيخودين جا اسرار سمجهائڻ مشڪل هوندو آهي! بي مقصد چڪر لڳائڻ آڪوَرڍ لڳو هئم. دل تي پٿر رکي واپس وريو هئس. ريلوي لائين مٿان لڳل لوهي سيڙهي چڙهڻ کان اڳ بيهي رهيو هئس. هينئڙو وڳ کان وڇڙيل اوٺي ڦر جيان جهيرائڻ لڳو هو.

تنهنجي تصور جي آڱرين جذبن جي لغڙن کي ڇِڪيون ڏنيون هيون, تہ حيدرآباد اسٽاپ ڏانهن ويندڙ رڪشا ۾ چڙهي وينو هئس. جتي حيدرآباد کان ايندڙ گاڏين مان لهندڙ عورتن کي چتائي ڏٺو هئم, ان ڏڪار جي ڪڪر جهڙي آسري جيان, جنهن کي وسڻ جي اميد نہ هوندي بہ ٿريا حسرت سان نهاريندا آهن!

سڄو ڏينهن تنهنجي تصوير اکين ۾ اٽڪائي, اتي ئي ڏينهن گذاريو هئم. سڄ پوڙهي ماٺهوءَ جي ويهڻيءَ جيان اولهہ ۾ ٽُٻي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي, تہ مون بہ واپس ورڻ جو سوچيو هو. پر ان ئي لمحي وين مان تون لٿي هُئينءَ. مون تي نظر پوندي ئي ڇنل گل جيان ڪومائجي پيئي هئينءَ. شايد صبح ويل منهنجو واٽڙن جيان توکي ڏسڻ ۾ پوبان اچڻ واري ڳالهہ توکي ياد آئي هئي, پر ٻئي لمحي پاڻ کي سنڀالي ورتو هيئي.

هٿ ۾ جهليل ٽشو پيپر اڇلي, مون کي نظرانداز ڪري, رڪشا ۾ چڙهي هُئينءَ. مون تنهنجي اڇليل ٽشو پيپر کي کڻي ورتو هو. اهو منظر اک ٽيٽ انداز سان حيرت مان ڏٺو هيئي. آسپاس جون ڪي نظرون بہ مون تي اٽڪيون هيون.

رڪشا ۾ چڙهي, ڊرائيور کي تو واري رڪشا پويان هلڻ لاءِ چيو هئم. ٻنهي رڪشن واري وڇوٽي غريب ۽ امير جي فرق جيان ويراوير پرپروتي رهي هئي!

رڪشا واري کي رفتار گهٽي تيز ڪرڻ لاءِ چيو هئم تہ هُوشڪي ٿي پيو هو. رڪشا تيز ڪرڻ بدران سامهون لڳل آئيني ۾ چتائي مونکي ڏسڻ لڳو هو. بيوسيءَ مان ڪيس عرض ڪيو هئم:

”يار اٽواقف آهيان. هُن رڪشي ۾ وينل عورت جي گهر پرسان ئي ڪٿي مائٽ رهندا آهن, اتي وڃڻو اٿم. جي اڳيون رڪشا اکين کان الوپ ٿي ويو تہ منزل جو ڏس پتو بہ هليو ويندو. مهرباني ڪري جلدي هلاءِ.“

رڪشا واري جي چپن تي انيڪ سوال اچي بيهي رهيا هئا, پر خاموش ٿي ويو هو.

هن رڪشا جي رفتار وڌائي ڇڏي. اڳيان گلين مان موڙ ڪاٽيندي تو وارو رڪشو لمحن لاءِ اکين کان اوجهل ٿيو ٿي, تہ ڪائنات اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻڻ لڳي ٿي. اميدن جا ديپ وسامڻ لڳا ٿي ۽ هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين توکي وري وري وڃائي ويهڻ وارو تسلسل, دل جو ٻِڳ ٻئنگ ٻڻيو ٿي!

هڪ سوڙهي گليءَ جي موڙ ڪاٽيوءِ تو وارو رڪشو اکين اڳيان پرگهٽ ٿيو هو تہ تون ڪرايو ادا ڪندي نظر آئي هئينءَ. چڙهي چڙهي ڪرايو ڏيئي ٽڪڙو ٽڪڙو رڪشا مان هيٺ لٿو هئس.

مون کي ڏسي واٽڙي تي ويئي هئينءَ. ڪن پل لاءِ اکين ڪان ڇنڀڻ وسري ويو هُيئي. نگاهن ۾ نگاهون اوتيون هيئي، تہ وقت بيهي رهيو هو. جنمن جا جوڙ ختم ٿي پيا هئا. ماضيءَ ۾ مستقبل جا فرق سِڪ جي سُرڪ ۾ هڪ ئي حال جو حصو ٿي پيا هئا. ڪائنات، چنڊ مُهانڊن گلن جو باغيچو پاسڻ لڳي هئي ۾ تون سمنڊ تان لهندڙ سج جي لام ٿي پيئي هُئينءَ. پر منهنجين نظرن جو اهو سراب، ساعتن جي سرهاڻ ٿي تڏهن وکري ويو هو جڏهن چيو هيئي:

"بدتميز ڪٿان جا!"

تنهنجو اهو جملو "ايڪسڪيوز مي" ڪانپوءِ ٻيو جملو هو جيڪو منهنجن ڪنن ٻڌو هو. ٻنهي جملن جي معنيٰ، مفهوم ۾ محرڪن ۾ زمين آسمان جو فرق هوندي بہ پوين جملو اڳئين جملي ڪان وڌيڪ سنو ۾ محظُوظ ڪندڙ لڳو هئم. شايد پهريون جملو رسمي ۾ جذبن ڪان خالي هو جڏهن تہ پويون جملو لغوي طور ڪارو ئي سهي، پر مون کي مِنو ۾ اندر جي آواز سان ڀرپور لڳو هو!

اصل ۾ تنهنجي ڳالهائڻ ۾ حيرت انگيز طور اهڙو ترنم موجود هو جيڪو سماعتن ۾ قدرتي ڪِتڪائي ڪندو آهي! درياهہ جي ڇولين جا پڙلاءَ ڪونجين جا ڪُرلاءَ ۾ رات جي سانت ۾ تاڙي جي تنوار جا سمورا سنگيت شايد تنهنجن چپن جي تنبوري جا فطري دوست هئا. تڏهن ئي تہ تنهنجن اچاريل لفظن ۾ ايتري دلرُبا نغمگي ۾ منو سوز سمايل هو جو تنهنجي واتان زهريلو جملو بہ وري وري ٻڌڻ چاهيو هئم.

ٻارڙي گيٽ کوليو هو. تيزيءَ سان گهر ۾ گهِڙي، زور سان در بند ڪيو هيئي، جڻ مون تي موجود ڪاوڙ در تي اُڇلي هُيئي!

در جا بند ٿيو جڻ ٻن قدرتي ڳنڍيل جسمن کي آپريشن سان الڳ ڪيو ويو هو! ڪي پل پنهنجو پاڻ کي وساري، اتي ئي بيٺو رهيو هئس.

واپس موٽندي، تنهنجي اڇلايل ٽشو پيپر جي دلنشين ڇُهاءَ سان گڏ واس وٺندي، دل ئي دل ۾ توکي مخاطب ٿي چيو هئم:

"توکي حاصل ڪرڻ لاءِ زندگي وڃائڻ جي جوا کيڏڻي پيئي تہ بہ ضرور کيڏندس. ڇو تہ توکي حاصل ڪري، وري وڃائي ويهڻ جي جنم جنم واري چڪر ۾، منهنجو احتياط ۾ تنهنجي غير سنجيدگي، سدائين وڇوڙن جي رت سان نصيبن جو ڪاڳر لکائيندي رهي آهي! ۾ مون سدائين هارايل محبت جي زخمي گهوڙي تي يقيني هار باوجود بازي لڳائي آهي!"

گهر آيو هئس تہ امان پڇيو هو:

"پٽ ڪٿي هئين سڄو ڏينهن؟ صبح جو ناشتو بہ ڪونہ ڪري وئين."

پريشانيءَ ۾ گهر جو ڪم ڪار بہ نہ ٿئي. اڳاٽو پٺين کي بہ ڏندِي ڏيئي چيم:

"تنهنجي ڪُرڪُر ماڳهين شرجيل کي گهر ڇڏائي ڇڏيو آهي."

"امان اڄ اسانجي ڪرڪيٽ ميچ هئي."

وري ڏٺو هنيو هئم. ڏٺو هٽي سوچيو هئم:
“دنيا ۾ جيئن ڏٺا ملي پون ٿا، ايئن پئسو ڇو نٿو ملي؟!”
امان شفيق نظرن جا پوپٽ مون ڏانهن اڏاري رڳو ايترو چيو هو:
“پٽ ماني تہ ڪائي وڃين ها، بکئي پيٽ ڪهڙي راند ٿيندي!؟”
دل ئي دل ۾ کلي سوچيو هئم:
“بکئي پيٽ راند پلي نہ ٿئي، پر پورهيو ۽ عشق. بک جا محتاج هجن ها تہ جيڪر سڀ ملون ۽ معاشقا بيهجي وڃن ها ۽ غريبن لاءِ عشق بہ پئسي جيان اڻلڀ ٿي پوي ها!؟”
امان اڪثر بيمار رهندي هئي. ڪيس معدي جي پراڻي تڪليف هئي ۽ سندس بي. پي بہ وڌيل رهندو هو. ڊاڪٽر، دوائون، فروٽ کائڻ ۽ پُرسڪون رهڻ جي هدايت ڪئي هئي. پر غربت سبب امان نہ فروٽ کائي سگهندي هئي ۽ نہ ئي پرسڪون رهي سگهندي هئي. مون ۽ ٻن ڏيئرن جي شادي، ڏيج پوت ۽ گهر جي غريباڻن مسئلن متعلق سوچي هوءَ اڪثر بيچين رهندي هئي. هن جو سمورو سڪون، دولت جي ديويءَ جي موڊ جو محتاج ٿي پيو هو. پر دولت جي ديويءَ کي، زميندارن، سيٺين ۽ سرمائيدارن جي گهيري منجهہ، غريبن تي ڏيان ڏرڻ جيتري فرصت ئي ڪٿي هئي، جو امان جي اولاد لاءِ چڱا رشتا ۽ کائڻ لاءِ فروٽ اچڻ لڳن ۽ بابا جي جان گڏهہ گاڏي ڌڪڻ مان هميشہ لاءِ ڇُٽي پوي!

# (2)

آصف جي دڪان اڳيان بيروزگار سنگت جي وچ ۾ ويٺو هئس. لڪاڏنو لڙڪ بہ موجود هو ۽ پنهنجو تازو غزل ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جي اهم ميچ ۾ ٿوريءَ دير بعد پاڪستان جو انڊيا سان ميچ ٿيڻو هو. ان ڪري لڪاڏني لڙڪ جو جانئو نہ پئي لڳو. هرڪو ڪرڪيٽ متعلق ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي ماليا خوليا ۾ مبتلا هو. لڪاڏني مايوس ٿي مون ڏانهن نهاريو. الاءِ ڇو؟! مونکي ساڻس همدردي محسوس ٿي. هڪ تہ هن وٽ مون وانگر ماسٽرس ڊگري هئي، ٻيو تہ مون وانگر سندس محبت ون وي هئي. ٽيون مون وانگر سندس والده معدي جي مريض هئي ۽ چوٿون وري هُو مون وانگر خالي کيسن باوجود داداگير سنگتين سان ملي قانون هٿ ۾ نہ کڻندو هو. مون جيئن جيئن سندس متعلق سوچيو تيئن تيئن مون ۽ هن وچان ڪيترين ئي هڪجهڙاين جو انڪشاف ٿيو.

مون ڪرڪيٽ تي ڳالهائيندڙ سنگت سان مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

“دوستو مون ۽ لڪاڏني لڙڪ وچان عجيب مطابقت موجود آهي.”

شمن مون ڏانهن ڪنڌ ڦيري جڻ خواب ۾ وراڻيو:

“هائو... مدثر نظر ۽ مهندر امرناٿ وچان عجيب مشابهت ۽ مطابقت موجود آهي!”

سمجهي ويس تہ ڪرڪيٽ جي بخار ۾، مون ۽ لڪاڏني جو ذڪر فضول هو. لڪاڏني کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ٿورو پرڀرو تاڻيندي چيم:

“هيڏانهن اچ پنهنجي نڪور شاعري ٻڌائي.”

سندس ماڻڪين ۾ چمڪ اُڀري آئي. هن کيسي مان وروڪيل سروٽيل پنو ڪڍي کوليو ۽ شاعري ٻڌائڻ شروع ڪئي. مون لطف اندوز نہ ٿيندي بہ کيس ڀرپور داد ڏنو. غزل جي چوٿين بند پڙهڻ ۾ زبردست اٽڪ ٿي رهي هئس، ڇو تہ اتي وارا لفظ پگهر ۾ ڀُسي ڌهي پيا هئا. پر لڪاڏني هانءُ جي سوجهري تي غزل پڙهي مس مس پورو ڪيو. مون زور زور سان تاڙيون وڄايون. قادر رڙ ڪري پڇيو:

“ميچ شروع ٿي ويئي ڇا؟”

راحت چيو:

“لڳي ٿو انڊيا جي پهرين وڪيٽ بہ ڪِري چڪي آهي، جو تاڙيون پيون وڄن!”

سنگتي اُٿي اسان مٿان اچي بيٺا هئا. قادر پڇيو:

“ڪمينٽري موبائيل ۾ ايف. ايم تي هلي رهي آهي ڇا؟”

چيم:

“دراصل مون لڙڪ جي شاعري ٻُڌي تاڙيون وڄايون هيون.”

سنگت کي ٿورڙي مايوسي ٿي. شمن چيو:

”هلو تہ هلي ماما هوٽل تي رکيل ٽي وي تي ميچ ڏسون.“

هُو سيئي لئارن چيلڙن جيان رونشي واري موڙ ۾ ماما هوٽل ڏانهن هليا ويا. آءٌ ۽ لکاڏنو لڙڪ اتي ئي رهجي وياسين. لکاڏني، ويندڙ دوستن ڏانهن ڏسي چيو:

”رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهہ ٿيا.“

لکاڏنو اهو جملو تڏهن چوندو هو جڏهن ڪوئي سندس شاعري نہ ٻڌندو هو. سندس دل رکڻ خاطر چيم:

”واقعي املهہ هيرن جا خريدار ڪُتي ويا آهن.“

بيمار ٻڪريءَ جهڙي مُنهن تي مهينن کانپوءِ مرڪ تري آيس. ڪيسي ۾ هٿ وجهي، ڪوتاڙو ڪرڻ لڳو. سمجهي ويس تہ مون کي ريسيٽ ڪرڻ لاءِ ٻي شاعري ڳولي رهيو هو. پڇڻ جو بهانو سوچڻ لڳس، پر منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ هن مايوس ٿي چيو:

”منهنجو پائتو ڏاڍو ڪچرو آهي، ڪيسي مان ڪاڳر ڪيڏي ويو. سڄي مهيني جي ڪيل شاعري انهن پنن تي لکيل هئي.“

هن همدردي طلب نظرن سان مون ڏانهن نهاريو. ان وقت هو مونکي اهو ڳوناٽو ٽريو نظر آيو جنهن کي ميلي ۾ اٺ وڪڻڻ بعد لليچن ڪيسو ڪتري ڪنگال ڪيو هجي!

ڪيس دلداري ڏني مانس، پر هن گهر ڏانهن ويندي چيو:

”اديءَ ٻهاري ڪيڏي ڪِچرو گهر ٻاهران گليءَ ۾ اڇليو هوندو. ٿي سگهي ٿو شاعري وارا ڪاغذ اتي ڪٿي ملي پون!“

هو تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن وڃڻ لڳو هو.

اڪيلائيءَ ياڪر ۾ پريو هو تہ تنهنجون يادون بہ ڪونجڙين جيان ڪُرڪي اچي دل جي پٽن تي لٿيون هيون.

جيتوڻيڪ هيستائين نہ توسان ڳالهائڻ جو موقعو نصيب ٿيو هئم ۽ نہ ئي اها سُڌ هئم تہ تو وٽ منهنجي چري چاهت جو تصور ڪهڙو هوندو؟! پر پوءِ بہ الاءِ ڇو ايئن لڳو هئم، ڄڻ تو سان سالن جي شناسائي هجي! ڀهريون پيرو اڪيون اکين سان ٻڪاٽيون هيون، تڏهن بہ تون پنهنجي پنهنجي لڳي هُئينءَ. ايئن ڄڻ ڄمڻ کان اڳ بہ توتي هُجتون هلنديون هيون ۽ مرڻ کانپوءِ بہ توسان گڏجڻ جا سپنا ڪڪوريل رهندا!

آءٌ پاڻ حيران هئس تہ توکي ڏسڻ کانپوءِ منهنجي ڪيفيت ۾ ڪهڙي تبديلي پيدا ٿي پيئي هئي؟! اندر جي اوندهہ هڪدم تنهنجي نيڻن جي چندرمائن سان جرڪڻ لڳي هئي. چيچڙي ۾ وهندڙ اٺ جيان هڪ محوَر پويان چڪر لڳائيندڙ بي نور زندگيءَ ۾، تنهنجي ملڻ سان رونقن جا الاءِ ڪيترا جُڳنُو اُڏرڻ لڳا هئا. راتين جون اڪيلايون تنهنجي شبنمي احساسن جون اجرڪون اوڍي، بستري تي گڏ ليٽي

پونديون هيون. پڇاڙڪن پهرن جي ننڊ ۾، ٻوٽيل اکين جا خواب تنهنجي هوشرُبا جوڀن جي ڇتين شرارتن جي چُغلي تي پوندا هئا!

ايئن بہ نہ هو تہ ڪو آءٌ ٻهراڙيءَ جو ٻالا ڀولو نوجوان هئس، جو تنهنجي شهري فيشن ۾ اچو رنگ ڏسي اکين چڪن تي پيو هئس. پر حقيقت اها هئي تہ ٻالڪپڻ کان شهري ماحول ۾ رهندي، اسڪول کان يونيورسٽيءَ تائين سهسين سُهڻين عورتن جون ڇِهرمتون ڏسي وڏو ٿيو هئس، پر ڪڏهن بہ ايئن محسوس ڪونہ ٿيو، جيئن توکي ڏسڻ بعد بيخودين ۾ بيساختگين وڪوڙي وِڌو هوا! مون آواگون جي فلسفي متعلق بہ ٻُڌو هو پر توسان منهنجي اُنسيت ۾ تعلق کي آءٌ ڪنهن بہ فلسفي ۾ قيد نہ ڪري سگهيو هئس. تون جيئن ئي اوچتو اکين جي رستي دل ۾ داخل ٿي هُئينءَ، تڏهن کان مون دل جي ڌڙڪنن کان آسماني ستارن جي سرگوشين تائين، تنهنجي پهرئين ڳالهايل جملي جا پڙاڏا ٻُڌا هئا. هوائن جي هندورن کان پکين جي اڏارن تائين تنهنجي چُنيءَ جا آنچل اُڏاٽا هئا! فٽ پاٿن تي وڪاميل گُلن کان لهندڙ چنڊ جي تامٽي لڳل زرد رنگن تائين، تنهنجي چهري جي گمان وري وري اکيون پڳيون هيون! سنسان گلين، پُرهجوم بازارن ۾ ڪليل ميدانن تائين تنهنجي موجودگيءَ جي سرابن اڪثر دل کي ڏُتلايو هوا! هرپاسي تون 'موجود' جو پرتوو ٿي پيئي هُئينءَ ۽ آءُ 'عدم' جي آئيني ۾ وڃائجي ويو هئس! امان لاءِ دهي وٺڻ کان لڪاڏني لڙڪ جي شاعري ٻُڌڻ تائين جسماني طور تہ ٻين کي نظر اچي رهيو هئس، پر روحاني طور تو ۾ تحليل ٿي ويو هئس. سموريون سوچون تو ۾ پيوند ٿي پيون هيون!

منهنجي هيستائين جي حرڪتن کي، تو الاءِ ڇا سمجهيو هو؟ ڪنهن اوباش نوجوان طرفان اجايو تنگ ڪرڻ جي ڪميٽائپ محسوس ڪري، خار ڪاڏا هُيئي يا وري غربت زده ناڪام عاشق سمجهي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُيئي؟ پر مون کي تنهنجن نيڻن ۾ ٻُڏي ترڻ دوران، جنمن تي محيط محبت جي ماهيت معلوم ڪرڻ جو اڏوروئي سهي، ناقابل بيان تجربو ٿيو هوا! جنهن ۾ الاءِ ڪيترا ڀيرا توکي حاصل ڪري وري وڃائڻ واري درد جي وائبريشن، حياتيءَ جي آغاز ۽ انجام جا تفاوت مٽائي ڇڏيا هئا! ۽ هر جنم ۾ هارايل محبت جو ماتم، زمان ۽ مڪان جا ليڪا لتاڙي لامحدود ٿي پکڙي پيو هوا!

لڪاڏني لڙڪ جي واپس وڃڻ ڪانپوءِ آصف جي دڪان اڳيان ئي فٽ پاٿ تي ويهي رهيو هئس. آسپاس جي گهرن جا ٻارڙا آسمان تي لغڙ اڏائي رهيا هئا. هنيلين هوائن سان سرڪشيون ڪندڙ نازڪ ڪاغذ جي ٽڪرن جي جدوجهد کي ڏسي، توکي حاصل نہ ڪري سگهڻ جي محرومي مهٽُو بڻي هئي! نيري امبر تي اڏارون ڪندڙ ميل جي ڪبوترن تي رشڪ ڪاڏو هئم، جن کي تنهنجي گهر مٿان اڏامڻ جي ڪا بہ جهل پل نہ هئي! سامهون روڊ جي ڪناري ليٽيل ڏٻرو ڪتو جياپي جي جنگ جو عمدو اهڃاڻ لڳو هئم. پاڙي جي غربت ريزگارين ۾ وکري، ٻارڙن جي ميرن هٿن وسيلي، دڪاندارن جي تجوڙين ۾ لڪندي نظر آئي هئي! سامهون خالي پلاٽن ۾، ڪچري جي ڍيرن مٿان بيٺل قاتل ڪپڙن وارن ٻارن جي پيٽ جي بک. ڪنيڙاتيون ڀڳل پکيءَ جيان ڪارگر شين کي چُڳڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ پريان ديويءَ جي پاڙ ۾ بہ هيروئني، رستي ويندڙ خوبصورت عورت جي پرس کي جهنگلي ٻلن جيان تَڪي رهيا هئا!

شام لڙيءَ جي ڊگهن پاڇولن ۾ ڏامر هاڻي ڪاري روڊ تي، ڪنهن ڏنگي ٻارڙي جي اڇلايل ٽٽل گُڏڙي ڏسي، الاءِ ڇو سوچيو هئم:

“اڇلائيندڙ هٿن جيئن وري هن گڏيءَ جي ڪا بہ خبر ناهي ورتي، تيئن هُن بہ جنمن جي جدائين باوجود، ڪڏهن بہ مونکي ميڙڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي؟! پر زمان ۽ مڪان جي عارضي رفاقتن جي بيبقائيءَ باوجود محبت مدام رهي آهي!!”

گليءَ جي مُهڙ وٽان لڪاڏني ڪي ايندي لڙڪ ڏٺو هئم تہ هيڪر تہ پرواري گليءَ ۾ گم ٿي وڃڻ متعلق سنجيدگيءَ سان سوچيو هئم. پر وري اها دعا گُهري ويهي رهيو هئس تہ:

“شال لڪاڏني ڪي وڃايل شاعريءَ جا پنا ملي نہ سگهيا هجن!”

هونئن تہ ڇهري ڪان تخلص تائين لڪاڏنو غم ئي غم هوندو هو. پر ان ڏينهن مون ڏانهن ايندي، مون ڪيس اٽمين اداسين جو مجموعو محسوس ڪيو. پڪ ٿي پيم تہ ڪيس وڃايل شاعري هٿ ڪونہ آئي هئي.

هن منهنجي پرسان ويهندي ٿڌو شوڪارو پريو. ڪيس آٿت ڏنم:

“افسوس نہ ڪر لڪاڏنا! شال حياتي هجين. شاعري وري ڪري وٺندين!”

وراڻيائين:

“ڪتڪو نہ ڪر، شاعري ليي ويئي، ٻڏايان ٿو پر......!”

لڪاڏني ڪيسي ڏانهن هٿ واريو هو. روح تائين رهڙجي پيو هئس. پڪ ٿي پيم تہ تنهنجي تصور جي رنگن سان پينٽ ٿيل اجوڪي شام جو حسن، لڪاڏني جي شاعري ٻُڏندي غرق ٿي ويندو. مظلوم شخص جيان لڪاڏني ڏانهن ڏسي، ڪنڌ جهڪايو هئم. لڪاڏني چيو:

“تون شاعريءَ جو شوقين ۽ عاشق مزاج ماڻهو آهين. مون کي خبر آهي تہ شاعري ٻُڌڻ لاءِ اتاولو ٿي رهيو آهين.”

لڪاڏني جملو پورو ڪري چتائي مون ڏانهن ڏٺو.

بيوسيءَ مان ڏانهس وري ڏٺو هئم. چيائين:

“پر هڪ افسوسناڪ خبر آهي. پهرين اها ٻڌ”

عجب مان پڇيم: “ڪهڙي خبر؟”

لڪاڏني قابل رحم چهرو ناهي چيو:

“ڪجهہ دير اڳ پوليس ماما هوٽل ڏانهن ويندڙ،قادر ۽ راحت ڪي ڪٽي ويئي آهي!”

دل ڪي جهٻي آئي هئي. قادر ۽ راحت منهنجا ننڍپڻ جا يار هئا. اسڪول ڪان يونيورسٽيءَ تائين گڏگڏ پڙهيا هئاسين. مون کي خبر هئي تہ ٻنهي غربت ۽ بيروزگاريءَ ڪان تنگ ٿي اسٽريٽ ڪرائم جي واٽ ورتي هئي. قادر بيمار پيڻ جي علاج ۾ الهہ تلهہ وڪڻي پالهو ٿيڻ پڄاڻان راحت جي صلاح تي

اسٽريٽ ڪرائم ۾ پير پاتو هو. جڏهن ته راحت ڪانئس ڪجهه سينيئر هو جنهن ضدي محبوبه پاران شاديءَ جي شرط طور الڳ مڪان جي ايڊوانس پوري ڪرڻ خاطر قتل پستول ڏيکاري ڦريون واردات ڪئي هئي. مون کي خبر هئي ته ٻنهي کي پوليس، غنڊن، پوتن ۽ چٽن ڪتن کان ڊپ لڳندو هو پر جڏهن کان مُڪن، ڪهاڙين ۽ تلوارن جي جنگ ختم ٿي هئي، تڏهن کان بهادري، بزدلي ۽ جسماني قُوّتيءَ جا معيار ۾ توازن به ساڳيا نه رهيا هئا. خالي پستول هٿ ۾ جهلي واءَ جي لوڏي تي ڪِرندڙ ۾ پنن جي ڇٽڪي تي ڇرڪندڙ ڪمزور ۽ ڊڄڻي شخص لاءِ پريل بس ڪي پستول جي نوڪ تي نچائڻ ڪو مسئلو نه رهيو هو! ان ڪري قادر ۽ راحت جي چورين ۽ ڦُرون ڪرڻ ڪي، مون سدائين غربت جي جبر کان وڌيڪ اهميت ڪو نه ڏني هئي. لڪاڏني لڙڪ جي ڳالهه ٻُڌي وڌي پيو هئس.

سوچيم: "راحت ۽ قادر سان پوليس الاءِ ڪهڙو سلوڪ ڪندي؟ هاف فرائي ۽ فل فرائيءَ واري ڪلچر مان ڪجهه ٿيو ته ٻنهي جا گهر برباد ٿي ويندا! سندن گهراڻن ۾ عورتن ۽ ٻارن کان سواءِ ڪو به بالغ مرد نه آهي!"

لڪاڏني پلڪو منهن ڪري چيو:

"آءٌ به تو وانگر پريشان ٿي پيو آهيان ته. جي همراهن کي پوليس ڳُٽڪو ڏنو ته موچڙن ۾ ماڳهين پاڻ جهڙي بيڏوهي سنگت جا نالا ڪڍندي به دير نه ڪندا."

تڏهن ياد آيم ته، ڪجهه ڏينهن اڳ پنهور ڪالونيءَ مان گرفتار ڪيل هڪ همراهه ٽاٽي تي ڪرڪيٽ ٽيم جي سمورن ساٿي رانديگر جا نالا ڏاڙيلن طور ڪڍي، سُڪن سان گڏ ساون کي به ساڙائي وڌو هو.

لڪاڏنو ٽُٻيءَ ۾ پئجي ويو. مختصر سوچ ويچار بعد چيائين:

"وڏڙا سهي چئي ويا آهن، بُرن جي سنگت مان جڏهن ـ تڏهن نقصان آهي!"

لڪاڏني جي ڳالهه دل سان لڳي هئم. پڇيم:

"الهداد ۽ شمن به هتان ميچ ڏسڻ گڏ ويا هئا، انهن جو ڇا ٿيو؟"

لڪاڏني بدستور اداسيءَ مان وراڻيو:

"في الحال ته کِسڪي ويا آهن، پر انهن جو گهڙو به پريو پيو آهي. اڄ يا سڀاڻي!"

لڪاڏني جي ڳالهه وري به دل سان لڳي هئم. لڪاڏني مون کي متفق محسوس ڪندي چيو:

"پاڻ کي هاڻ هن ڪبري سنگت سان ملڻ جلڻ ختم ڪرڻو پوندو. نه ته مسڪين ماڻهو اجايو ڪنهن ڏچي ۾ ڦاسي پونداسين!"

لڪاڏني جي ڳالهه وري به دل سان لڳيم. اصل ۾ هن جون ڳالهيون اڪثر دل سان لڳنديون هيون، پر شاعري سدائين مٿي ۾ لڳندڙ هوندي هئي!

لڪاڏني ڳالهه جاري رکي:

“مون کي پوليس ڪٺي ويئي تہ ڪو ضمانت ڪرائڻ وارو بہ ڪون آهي. امان، ادي ۽ بيواهہ ڀاڄائيءَ کان سواءِ مرحوم ڀاءُ جا يتيم ٻارڙا ئي تہ آهن. جن جو پيٽ پالڻ لاءِ، امان مرغيون پالينديون آهي، ادي ۽ ڀاڄائي ڪپڙا سبنديون آهن ۽ آءٌ سيٺ عزيز جي واڙي تي صبح سويل 300 ڏهاڙيءَ تي ڍُڍائي ڪندو آهيان.”

هن جي اکين ۾ لڙڪ ڦُٽي آيا. ڪيس دلداري ڏنم:

“لڪاڏنا! وڏي دل ڪر، پاڻ ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيو آهي، جو پوليس گرفتار ڪندي!”

لڪاڏني وراڻيو:

“پاڻ وٽ پوليس جن جن کي گرفتار ڪري تعديون ڪندي آهي،سڀ ڏوهي هوندا آهن ڇا؟!”

لڪاڏني لاجواب ڪري ڇڏيو. خاموش رهيس. لڪاڏنو ڳالهائڻ:

“پاڻ وٽ اڪثر رشوتن ۽ سفارشن سان ڏوهي آزاد ٿي ويندا آهن ۽ بيڏوهي سزا ڪاٽيندا آهن!”

لڪاڏنو جملو پورو ڪري خاموش ٿي ويو. جڻ اوچتو ڪيس ڪجهہ ياد آيو هو. هن ڪيسو ڦلورڻ شروع ڪيو.

هن جو ڪيسي ڏانهن هٿ وارڻ مون لاءِ خطري جو سگنل هوندو هو! هن ڀيري بہ منهنجو خدشو سچ ثابت ٿيو. هن ڪيسي مان شاعريءَ جا پنج ست پنا ڪڍي ورتا. پڪ ٿي پيئم تہ اوندهہ ٿيڻ کان اڳ اٿڻ نہ ڏيندو. خيال آيو تہ چوان:

“نہ ڪيل گناهن جي سزا رڳو پوليس نہ ڏيندي آهي، پر اڄڪلهہ جا ڪي سنڌي شاعر بہ بي مهلا مشاعرا مچائي، گهٽ تعدي نہ ڪندا آهن!”

پر لڪاڏني جي ڏکويل دل کي وڌيڪ ڏکائڻ پاپ سمجهيم. خاموش رهي، سندس شاعريءَ جو جبر سهندو رهيس. هو هر بند پڙهي، داد طلب نگاهن سان مون ڏانهن ڏسندو هو. جنهن بند تي داد ملندي هئس، اهو ٽي چار دفعا ورجائيندو هو. ان ڪري داد ڏيڻ مونکي مهانگو پئجي رهيو هو! پر داد نہ ڏيڻ بہ گهٽ مهانگو ڪو نہ هو. داد نہ ٻڌي، شاعريءَ تان نظرون هٽائي وري وري پُڇي رهيو هو:

“ٻُڌين پيو يا نہ؟”

ايئن مشاعرو ڇيوگم جيان اٽڪُٽ ٿيندو رهيو.

اوچتو روڊ جي نظر ايندڙ پرپري ڇيڙي وٽان پوليس موبائل ظاهر ٿي. مون لڪاڏني جو ڌيان اوڏانهن ڇڪايو تہ هن تڪڙو تڪڙو ڪاغذ ويڙهي ڪيسي ۾ هنيا ۽ ڀري واري گليءَ ڏانهن مُڙندي چيائين:

“پنهنجو هتي ويهڻ سنو ناهي.”

لڪاڏنو سوڙهين گلين ۾ گم ٿي ويو. پوليس موبائل اڳتي هلي ويئي، ۽ آءٌ وري تنهنجي تصور جي بارش ۾ وهنجڻ لڳس.

## (3)

معمول کان سوير اٿيو هئس. امان اڃا بستري تي ليٽيل هئي. بابا گڏهہ کي لوسڻ ڏيئي رهيو هو. سندس اکين ۾ ڪو بہ ڏينهو نہ ڏٺم. شايد منهنجي معمول کان اڳ اٿڻ ڪيس اهو آسرو ارپيو هو تہ سوير اٿي، ڪنهن ڪم تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هئس.

ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجي، ڪپڙا بدلائي، آئيني اڳيان اچي بيٺو هئس. توڪي قائل ڪرڻ لاءِ آئيني ڪا خاص خوبيءَ جي چغلي ڪون هنئي. وارن کي ڦڻي ڏيئي ٻاهر نڪري آيس. بابا گڏهہ گاڏيءَ جي ٽٽل ڪاٺيءَ کي رسيءَ سان ٻڌي رهيو هو.

گهران نڪري سڌو تنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳس. بهار جو صبح ڌرتيءَ تي ليٽي رهيو هو. ايڪڙ ٻيڪڙ رڪشن جا هارن، شهري زندگي سڄاڳ ٿيڻ جو سگنيچر ٽيُون پيش ڪري رهيا هئا. تنهنجي گهر تائين چاليهن منٽن جو پنڌ. پيادل هلڻ ان ڪري مجبوري بڻيو جو ڪيسي ۾ رڪشو ڪرائي تي ڪٽڻ جيترا پئسا ڪون هئا.

هڪ سوڙهي گليءَ مان گذرندي، ڪليل در منجهان هڪ گهر جي اڱڻ تي جوان ڇوڪريءَ جي نفيس هٿن ۾ جهليل ڪوپ ڏسي، چانهہ جي طلب هيڪاندي وڌي ويئي هئي. ڇو تہ جلد گهران نڪرڻ سبب صبح واري چانهہ پيئي نہ سگهيو هئس. هڪ بنگلي پرسان خالي پلاٽ ۾ ٻهاريءَ جو ڪچرو اڇلائيندڙ نوڪرياڻي عورت، اڇلايل ڪچري ۾ ڪنڌوم ڏسي پنهنجي ساءِ مرڪي رهي هئي. مون سان نظر ملي هئس تہ شرمائي واپس گيٽ ڏانهن مُڙي هئي.

تنهنجي گهر جي اڳيان پهچي آسپاس ڏٺو هئم. ان ئي لمحي تنهنجي گهر جي دروازي جو هڪ تاڪ کليو هو. چنڊ جهڙي ڇهري سان جهاتي پاتي هُيئي. مون کي سامهون ڏسي ڇرڪي پوئتي هٽي ويئي هُئينءَ. بنا ميڪ اپ ڇهري، ڪالهوڪي پاتل لونَ جي سروٽيل وڳي ۾ وکريل وارن سان بي انتها پُرڪشش لڳي هُيئين. توکي ڳراٽي پائي سمورا ٽڪ لاهڻ جي حسرت، نہ ملي سگهيل صبح واري چانهہ جي ٻاڙ سان گڏ اندر ئي اندر ۾ لڪاٽي پيئي هُئم! پنهنجون نظرون نظرن سان مليون بہ هيون پر تنهنجي تڪڙ ۾ درمياني فاصلي سبب منهنجون نگاهون، ان پراسرار نقطي کان اڳتي ٽُٻي هٽي ڪون سگهيون هيون. جتان زندگيءَ کان اڳ زندگيءَ جو ڪوڊ ڪلڻ لڳندو هوا! زمان ۾ مڪان جون ريڪائون ڌهي پونديون هيون! ۽ موت تي محبت جي دائمي جيت جو منظر موجود هوندو هو جتي وصل ۾ جدائيءَ جو فرق وسري ويندو هوا!!

چند لمحن بعد ڏهن ٻارنهن سالن جو ڇوڪرو تنهنجي گهر جي در مان ٻاهر نڪري دڪان ڏانهن مُڙيو هو. تڏهن تنهنجي پاڙي جي اڪيلي دڪان ڏانهن ڏيان ويو هئم. گليءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ٻارڙا پاپا ۽ بسڪيٽ وٺڻ لاءِ دڪان ڏانهن وڃي رهيا هئا. گراهڪن جي گهيري سبب دڪاندار جو ڌيان مون تان هٽيل هو.

ٽڪل وکون ڪٽي دڪان تي پهتو هئس. تنهنجي گهران آيل ڇوڪرو بسڪيٽ وٺي رهيو هو. سندس چهري تي ڪافي قدر تنهنجون اٽوساروں موجود هيون. ڇوڪري سان انوکي انسيت محسوس ٿي هئم. شايد اتر واءَ ۾ هندورو بڻيل ڪينجهر تي پکڙيل تماچيءَ جي ساءُ جيان ڇوڪري مان تنهنجي آسيس آئي هئي. ڇوڪرو بسڪيٽ ۽ ٽافيون وٺي رڱڙي ٿيلهيءَ ۾ وجهي، واپس گهر ڏانهن روانو ٿيو هو. رڱڙي ٿيلهيءَ ۾ بسڪيٽن ۽ ٽافين سان گڏ تو تائين پهچڻ جو منهنجو خواب. ڇوڪري جي هٿن سان ٻيڪڙيل دروازي جي تاڪن وچان پوپٽ جيان اٽڪي ڇڄر جي پيو هو!

”ياءُ چا کپي؟!“

دڪاندار جي آواز جاڳندڙ اکين جي خوابن مان جاڳايو هو. ڪيسو ڪوٺي پنجن جو سڪو ڪڍي، صنم سوپاريون وٺي،دڪان اڳيان نهيل ٿلهي تي ويهي رهيو هئس. نگاهون چقمق جيان باربار تنهنجي گهر جي لوهي دروازي سان چنبڙي رهيون هيون.

تنهنجي گهر مٿان نهيل ٽانڪيءَ تي وينل پکي پڙڪو ڪائي اڏاڻو هو تہ نظرون ڇت ڏانهن ويندڙ سيڙهيءَ تي هارجي پيون هيون. جتان تون ڇت تي چڙهي رهي هُئينءَ. ڪن پل لئہ تنهنجو پُٺيرو ئي سهي، هوائي ديدار نصيب ٿيو هئم. کُليل زلفن هوا تي لُڏي تنهنجي ڪڪوريل جوڀن جو سنيهو فلائنگ ڪِس ڪري آڪاش ڏانهن اماڻيو هو ۽ پوءِ ڇت واري ديوار رقيبن جيان پنهنجي وچان اچي ويئي هئي. پر وِڇ - وراڪي جيان سِگهوئي واپس سيلهو هنيو هُيئي.

هن پيري لمحن لاءِ ئي سهي،تنهنجي آمهون سامهون ڀرپور ديدار نصيب ٿيو هو. شايد مونکي بہ ڏٺو هيئي، جو ساعت ڪن لاءِ پير ٻيڪڙي بيني هُئينءَ ۽ پوءِ تر واريءَ جهڙن نيڻن ڪي اڇايل ۽ دل جي ڪيتن ڪي سڪايل ڇڏي، بدي جي بارش جي اوهيڙي جيئن هلي ويئي هُئين!

”ياءُ توهان ڪٿان جا آهيو؟“

دڪاندار ڀرسان ويهندي پڇيو هو. تنهنجي گهر ڏانهن ڏسندڙ اکين ۾ سيڙهيءَ واري ديدار جي جوت جون رهجي ويل آخري چٽنگون بہ اُجهامي پيون هيون. تلخ سچائين ڇهنڊڙي هنئي هئي:

”دڪاندار شڪجي پيو آهي!“

دل ئي دل ۾ سوچيو هئم.

مون کي خاموش ڏسي دڪاندار وڌيڪ ڪڙڪ ۽ سخت لهجي ۾ پڇيو هو:

”ڪير ۽ ڪٿان جو آهين؟ ٻُڌائين ڇو نٿو؟“

ڪن مٿان هٿ جو ڇٽ ناهي وراٽيم:

”هڪ ڪن سان ڪجهہ ٻوڙو آهيان. تو پهرين پڇيو تہ صحيح سمجهي نہ سگهيس. اصل ۾ منهنجا ساهرا اڳئين محلي ۾ رهندا آهن. رات اتي ترسيل هئس. هاٽي واپس وڃي رهيو آهيان. بخار ڏاڍو پيڙيو آهي، ان ڪري ساهي پٽڻ لاءِ هتي ويهي رهيس.“ بروقت رنگين ڪوڙ ناهي، دل ئي دل ۾ پاڻ کي شاباش ڏني هئم.

گراهڪ سڏ ڪيو هو تہ دڪاندار وڏيڪ ڪجھ پڇڻ بدران ڪيس شيءِ ڏيڻ لاءِ اُٿيو هو. ان ئي وقت تنهنجي گهر جو گيٽ ڪليو. پهرين هڪ ڪرڙانٽ ڏاڙهيءَ وارو شخص ٽُو ڊي ڪار ۾ چڙهي ٻاهر نڪتو. جيڪو گهر جو مالڪ لڳي رهيو هو ۽ پوءِ تون اڳاٽُو دڪان تي آيل ڇوڪري سان گڏ موٽر سائيڪل تي چڙهي هڪ طرف رواني ٿي هُئينءَ. وري اک ٽيٽ انداز سان ڏٺو هيئي پر فقط هڪ سيڪنڊ لاءِ، جيئن تارو ڪڙندو آهي، بس ايئن ئي!!

دڪان جي اڳيان وڌيڪ ويهڻ فضول سمجھيو هئم. پيو وري گراهڪن مان فارغ ٿي ايندڙ دڪاندار جي آڏي پُڇا ڪان بچڻ لاءِ اُٿي ان پاسي هلڻ لڳو هئس، جنهن پاسي توکي ڪٽي ويندڙ موٽر سائيڪل روانو ٿيو هو.

تنهنجي پاڙي جي گهرن اڳيان گذرندي، عجيب احساسن سرگوشيون ڪيون هيون. ڪن گهرن جي ڇتين تي وروڪيل ولين جي ڳاڙهن گُلن هوا تي لُڏي، تنهنجي چوٽيءَ جي گجري جو هُوبهُو نقل ڪرڻ جي اداڪاري ڪئي هئي! سامهون رڪشا ۾ ويندڙ اڇي ائپران واري عورت جي ٻانهن ۾ پاتل سونهري چوڙيون ڏسي، تصور ئي تصور ۾ اهي تنهنجي ٻانهُن ۾ پارائي محظُوظ ٿيو هئس! پرواريءَ گهٽيءَ ۾ پونڪندڙ ڪتيءَ جي آواز خيالن ۾ عارضي رُخنو وڌو هو. ٿورو اڳيان توکي ڊراپ ڪري واپس موٽندڙ ڇوڪرو سامهون آيو هو. بيهي، ڪيس چِتائي ڏٺو هئم. تنهنجن نقشن واري هڪجهڙائپ، دل جي بدن تي چميون ڏنيون هيون! ڪيس اکين جي الوپ ٿيڻ تائين ڏسندو ئي رهيو هئس.

اڳتي هلندي، هرهر اوسي پاسي ان مبهم اميد سان ڏٺو هئم تہ من ڪٿي تون وري نظر اچي وڃين. پر تون ڪٿي بہ نظر ڪون آئي هُئينءَ. ڇوڪرو توکي الاءِ ڪٿي لاهي موٽيو هو؟

تو سان ڳالهائڻ جي آرزوءَ جو الاءِ ڪيترا ڦيرا گلو گهُٽي، بي مقصد رستا لتاڙي، منجهند جو گهر موٽيو هئس. امان ڏسندي ئي رڙ ڪئي هئي:

"پٽ صبح سويل چانھ پيئڻ بنا هليو وئين. مونکي بہ چانھ ڪونہ وٽي."

ميچ واري پاروتي ڏني ڪي، سويل شروع ٿيڻ جو ڪلر ڪيو هئم.

"پٺهين ڏاڍو خوش ٿيو ڇيائين پٺهين اڄ سويل گهران نڪتو آهي. لڳي ٿو ڪنهن ڪم سان لڳو آهي."

خاموش رهيو هئس. اهڙي خاموشي، جنهن ۾ ڳالهائڻ لاءِ ڪجھ ناهي بچندو. وات مان ڪجھ ڪُڇڻ ۽ اکين مان ڪو لڙڪ هارڻ بنا بہ درد سان شناسائي ٿي پوندي آهي!

امان منجهند جي ماني ڪٽي آئي. ماني ڪائي ڪٽ تي ليٽي پيس. ڍڳهي بريڪ ڊائون ڪانپوءِ بجلي موٽي هئي. امان بابا واري گڏھ جو همعمر پکو هلايو هو جنهن جون راڳٽيون ٻُڏي ڪيس ننڊ ورائي ويندي هئي. ان ڏينهن بہ هوءَ جلد ڪونگهرا هڻڻ لڳي. وڏي ادي امينا ۽ لالان پر واري ڪمري ۾ مشينون هلائي ڪپڙا سبي رهيون هيون.

امان جي پرواري ڪٽ تي پاسا ورائيندي، ٻوٽيل اکين سان، توسان ڳالهائڻ جي اٽڪلن تي سوچڻ لڳس: ايستائين ته نيڪ ٿيو هو جو تنهنجي گهر تائين پهتو هئس. تو به مونکي ڏٺو هوءِ منهنجي نيت جو خلل به محسوس ڪيو هو. پر اهو ضروري به هو به تو وٽ مون لاءِ مثبت جذبات موجود هجن. اهو به ضروري نه هو نه جنهن محبت جا ڪاڪ محل، آءٌ لتاڙڻ لڳو هئس. اتي ڪنهن ناتر جهڙي ڪردار توسان به ڪِلِي ڪو ڪيتو ڪيو هجي!

تنهنجي گهر اڳيان غير ضروري بيهڻ مناسب ڪون هو. ويتر دڪاندار به شڪجي پيو هو. وري توکي ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ جا سڀئي رستا مايوسين جي ماڪ ۾ ڏنڏلا ٿي پيا هئا. مون کي خبر نه هئي ته آخر تنهنجي اکين ۾ ڪهڙو جادو هو. جنهن پريل بازار ۾ منهنجي اکين سان ٽڪرائڻ بعد مونکي ايترو پٽڪايو هو. آءٌ تنهنجي عشق ۾ دنياداريءَ جا سڀ دستور وساري وينو هئس. ڪيئن چئجي ته سڀ ڪجهه عام رواجي هو؟! ڪيئن چئجي ته عام رواجي نه هوندي به رواجن ۾ ڦاسي پيل پيار کي حاصل ڪرڻ عام رواجي نه رهيو هو!

ڪوهياري ڪنڌڙ پنکي هينيان ڪٽ تي پاسا ورائيندي، توسان ملڻ جون ڪيئي ترڪيبون ٺاهيون ۽ ڊاهيون هئم. تنهنجو چهرو، هرهر اکين اڳيان اچي، ڪيفيت ۾ غير معمولي احساسن جي اُٿل پُٿل آڻي رهيو هو. دل چاهيو، وري تنهنجي گهر اڳيان وڃي بيهان. پر تنهنجي عزت خاطر، وڇوڙن ۽ محرومين جي زهر جا ڍُڪ پريندي، بند اکين سان پاسا بدلائيندو رهيو هئس.

الاءِ ڪيئن پُلجي گهڻن ڏينهن بعد چاچي دين ٻائي اسانجي گهر آئي هئي ته ادي لالان، امان کي اٿاريو هو.

چاچو هيلٿ ۾ ڪلارڪ هو. تازو ئي ريٽائر ٿيو هو. اسان جي وڏڙن پُڇڙيءَ ۾ پاٽي کوٽ سبب پڳڙن مُٺ تي زمينون وڪڻي ميرپورخاص ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هئي. چاچا کي ڪلارڪي ملي هئي ته نه رڳو سندس اٿڻي ويهڻي اسان کان مختلف ٿي پيئي هئي، پر هن رشتا ناتا به بدلائي ڇڏيا هئا. هن سرندي وارن رشتيدارن سان ويجهڙائپ ۽ اسان جهڙن ڪنگالن کان ڏُوري اختيار ڪئي هئي. اميري ۽ غريبيءَ نه رڳو سماجي رتبي جو تعين ڪيو هو پر رشتن جون حدون به مقرر ڪري ڇڏيون هيون.

اسانجي برادري نوڪرين ۽ ڪاروبار ۾ تمام گهڻي اڳتي هئي. بس بدقسمتيءَ سان سچي برادريءَ ۾ اسان جو گهر ئي پوئتي رهجي ويو هو. جنهن ڪري مون ۽ ٻن ڀينرن لاءِ برادريءَ مان رشتو اچڻ ناممڪن ٿي پيو هو. ڳوناٽي ذهنيت جي باقيات باعث، بابا لاءِ برادريءَ کان ٻاهر رشتيداري ڪرڻ، ڏنل مک ڳڙڪائڻ جيان اُلٽي آڻيندڙ هو!

چاچي، امان واري ڪٽ تي ويهندي،چٽ ڏانهن ڏسي چيو هو:

“مايون! هن پنکي جي آسري پگهر ۾ وهنجي ويندڀوسين.”

امان وات چٻيندي وراڻيو هو:

“شرلُوءَ جي پيءَ کي نئين پنکي وٺڻ لاءِ چيو اٿم. پر الاءِ ڇو سستي ڪري پيو.”

مونکي خبر هئي تہ سڀ خبر هوندي بہ امان "الاءِ ڇو؟" چئي رهي هئي!

چاچيءَ وري ٻئي جملي جو ميزائل اُڇليو هو:

"مايون! ڀلا پراٺن دلن جو پاڻي، اوهان کي ڪيئن ٿو وڻي؟! آءٌ تہ فرج جي پاڻيءَ کان سواءِ گُرڙي بہ ڪون ڪريان."

هن ڀيري امان خاموش هئي، ڄڻ سندس وات ۾ مُڱ هئا!

چاچي مڪ جيان اسان جي عيبن جو گند ڳولي، پنهنجي سماجي رتبي جي برتري ۾ اسانجي بدحالي جتائي رهي هئي.

"تي وي بنا ڪيئن ٿا جيئو؟ آئون جيستائين اسٽار پلس جو ڊرامو نہ ڏسان، تيسين ماني ئي نہ وڻي!"

امان وري بہ ماٺ جو روزو ڪونہ ٽوڙيو. چاچي دين ٻائيءَ جو جملو وري ڪنن سان ٽڪرايو. جيڪو شايد هن ڇت کي ڏسي ڳالهايو هو ڇو تہ آءٌ مڪين کان بچڻ لاءِ مُنهن تي بابا جو پراڻو ٽوال رکي ليٽيل هئس، ان ڪري چاچيءَ جي باڊي لينگويج ڏسي نٿي سگهيس.

"هن ڪمري جي ڇت تہ برسات ۾ پڪ سان ٽمندي هوندي؟"

هن ڀيري امان جي وات مان پرڙا ٽٽل پاريهر جهڙا ٽڪل لفظ جيئن تيئن ڪري ٻاهر نڪتا.

"هيل شرلوءَ جي پيءُ پاڻ گارو ناهي ڇت راڳي هئي، ان ڪري ڪونہ ٽمي."

چاچي المارين، ڪٽن، اليڪٽرونڪ استرين، ڪپڙي ڌوئڻ جي مشينن، بورچيخاني جي شين کان پائڻ جي ڪپڙن تائين، جيترو ٿي سگهيو اسانجو پاڻ سان موازنو ڪري ٿڪي هئي تہ هن پنهنجي پٽ کي تپيداري ملڻ جي خوشخبري ٻُڌائي، امان کان پڇيو هو:

"شرلُو ڪو ڪم ڪري ٿو يا اجان واندو ڪُتا پيو ڪُٽي؟"

امان غم ۾ ٻُڏل آواز ۾ وراڻيو:

"شرلو ٻن ٽن جاين تي انٽريو ڏنو آهي، نصيبن ۾ لکيل هوندي تہ نوڪري ملي پوندي."

"مائي بہ ٿي لک خرچ ڪريو، نوڪري ملي پوندي. باقي ڪنجوسي ڪندا تہ پٽ سڄي زندگي ڌڪا کائيندو رهندو."

چاچيءَ ايئن چيو، ڄڻ بابا بہ چاچي جيان اي ڊي او هيلٿ جي آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ هجي!

چاچيءَ توب جو رُخ، پيٽن ڏانهن ڦيريندي پڇيو:

"امينا ۽ لالان جون ڪارڪون ڪڏهن ٿي ڪارائين؟"

ڪيس خبر هئي تہ غربت ۽ رواجن هيستائين اسانجي رشتن کي يرغمال ڪري رکيو هو پر هن سوال ايئن پڇيو جهڙو اجهو دهل وڄڻ وارو هو!

چاچيءَ جي طنز ۽ ڪم ظرف انداز مونکي چڙ ڏيارڻ لڳو. هيڪر دل ۾ آيو تہ جنهن کٽ تي ويٺل هئي، ان جو پاڳو جهلي، هڪڙو پاسو مٿي کڻان تہ فرش تي ڦهڪو ڪري ڏسي، جيئن خبر پويس تہ مجبورين ۾ نہ ٿي سگهيل شادين جي ڪارڪن جو ذائقو ڪهڙو هوندو؟ پر دل تي پٿر رکي ماٺڪو ليٽيل

رهيس. اهو خطرو بہ موجود هو تہ ماڳهين چاچي سوالن جا بائونسر مون ڏانهن نہ اُڇلي؟ پر چاچيءَ کي اوچتو الاءِ ڪهڙو خيال آيو اٿي وڃڻ لڳي. ويندي ويندي رسمي ئي سهي، موڪلاڻي ڪرڻ بدران چئي ويئي:

"منهنجي پٽ لاءِ ڊاڪٽر ڇوڪريءَ جو رشتو آيو آهي،جڏهن تہ ڌيءَ لاءِ مختيارڪار ڇوڪري گهر ڪئي آهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ ٻئي پنهنجي برادريءَ جا آهن."

مونکي خبر هئي تہ امان، ادي وڏي ۽ ادي ننڍيءَ کي، چاچي محرومي ۽ احساس ڪمتريءَ جي اوڙاهہ ۾ اُڇلي ويئي هئي. ان ڪري ستل هجڻ واري ڊرامي کي ڊگهو ڪندو رهيس. ڇو تہ مون سندن اداس چهرن کي ڏسڻ جو پاڻ ۾ سَت ڪونہ ساريو!

(**4**)

آصف جي دڪان اڳيان آيو هئس، جتي خاموشي جوڳين جي سري جيان لٽل هئي. اهو فٽ پاٿ ڪنجوس شهر جي ڪشڪول جيان خالي خالي هو جتي اڳ دوست ديرو ڄمائي، منهنجي اچڻ ڪان اڳي ئي محفل مچائي ويٺا هوندا هئا. شايد فرحت ۽ قادر جي ٻَڌجڻ بعد يارڙا ٽِڙ-پکڙ ٿي پيا هئا. آصف جي دڪان ۾ گهڙيو هئس ته آصف به گم لڳو پيو هو. سندس ننڍو ڀاءُ دڪان هلائي رهيو هو. مون تي نظر پيس ته سندس چهري تي هلڪو اچرج اچي، موٽي ويو. ڪنڊ جي ڳتي تي ويهي، ڪائنس اخبار وٺي پڙهڻ لڳس. هڪ خبر تي نظر پيم ته ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو.

"ميرپور خاص ۾ پوليس سان مُبينا مقابلي دوران ڌاڙيل قادر فرف قادو مارجي ويو، سندس ساٿي راحت زخمي. موقعي تان فرار ٿن ڌاڙيلن جي ڳولا جاري، ناڪابندي."

خبر جا تفصيل پڙهڻ جيترو ست ڪونه ساريم. آصف جي ڀاءُ کي اخبار موٽائي ڏنم. هن پڇيو:

"ڌاڙيلن واري خبر پڙهي اٿئي؟"

کوهه مان ايندڙ آواز جيان ٻُڏل آواز ۾ رڳو "ها" چئي سگهيو هوس. دڪان تي گراهڪن جي رش لڳل هئي، پر عجيب ڳالهه اها هئي ته مونکي ڪنڊ جي ڪٽي تان هرهر اٿڻو نه پئجي رهيو هو. شايد مِل مالڪن ۽ ذخيره اندوزن ڪنڊ جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا هئا يا وري پاڙي ۾ ڪنڊ جي مريضن جو تعداد اوچتو وڌي ويو هو!

دڪان مان نڪرڻ لڳو هئس ته آصف جي ڀاءُ چيو هو:

"چون ٿا راحت پوليس وٽ سلطاني شاهد بڻيو آهي، هن ٽن ساٿين جا نالا به ڪنيا آهن، پنهنجو خيال رکجو."

لڪاڏني لڙڪ جي پيشن گوئي سچ ثابت ٿي هئي. ڪيس دل سان ايتري داد ڏني هئم، جيتري سندس شاعري ٻُڌي چپن سان ڏيندو هئس.

سڌو گهر جو رُخ رکيو هئم.

وات تي شڪيل مليو هو. ڪيس آسپاس جي ملن، هوٽلن، دڪانن ۽ عمارتن وغيره ۾ گُهربل ملازمن ۽ محنت مزدوريءَ لاءِ خالي جاين جي غيبي خبر هوندي هئي. سدائين هر ڪنهن کي روزگار سان لڳڻ جون صلاحون، اٽڪَريون ۽ مفت ۾ ڏيندو هو. پر ان ڏينهن ڪائنس ڪُهري صلاح ورتي هئم. ڪيسي کي هٿ هڻي، سندس مُوڊ ناهڻ لاءِ امرس ٽافي به ڏني مانس. چپ تي آڱر رکي سوچڻ لڳو.

هُو جڏهن به ڪهرو سوچيندو آهي ته ڏَسٽي آڱر چپ تي رکندو آهي، پڇيائين:

"اٿي جي مِل ۾ ڪم ڪندين؟!"

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيم. ڪن پل سوچي پڇيائين:

"پلا سامهون تعمير ٿيندڙ بنگلي تي سيمنٽ جون تغاريون کڻڻ واري ڏهاڙي ڪندين؟"

خاموش رهيس. منهنجي خاموشيءَ کي انڪار سمجھندي، ٻيو آپشن اڳيان رکيائين:

”پلا آري مشين تي گُتڪا ناهڻ يا وڪڻڻ وارن ڪمن مان ڪو ڪم ڪري سگھندين؟“

وراڻيم:

”تجربو ناهي.“

هو سوچ ۾ پئجي ويو. هڪ آڱر سندس چپ مٿان رکيل هئي. پنهنجي ساءِ چيائين:

”تون سخت محنت ۽ پابنديءَ وارو ڪم ڪري ڪونہ سگھندين. تو لاءِ آسان ڪم ڳولڻو پوندو.“

سندس ڳالھ دل سان لڳيم. ڪيس ريچارج ڪرڻ لاءِ ڪيسي مان ٻي امرس ٽافي ڪڍي ڏني مانس. ٽافي چٻيندي، هُو وڏيڪ گهرائيءَ سان سوچڻ لڳو.

”پلا گاڏي تي ڪلفيون کپائيندين؟“

ها ۾ ڪنڌ لوڏيم. چيائين:

”سياڻي 9 وڳي چوڏري اسلم جي دڪان تي پهچي وڃجان. گاڏي ۽ ڪلفين سميت هر شيءِ تيار ملندئي. توکي پاڙن ۾ گهٽي کان گهٽيون ڪلفيون کپائڻيون پونديون، جيئن چڱي ڏهاڙي ٿهي سگهي. جوان مڙس آهين. گاڏي کي ڌڪڻ جي ڪجان!“

جملو پورو ڪري وڏو ٽهڪ ڏنو هئائين. موت ۾ مرڪڻ منهنجي بہ مجبوري بڻيو هو. پر اُن مُرڪ پويان تنهنجي پاڙي ۾ ڪلفي گاڏو ڌڪڻ وارو ڪينچلو تصور نہ هجي ها تہ جيڪر، سماجي بدناموسي، بيڪار ماسٽرس ڊگري ۽ نصيبن جي ستم ظريفين متعلق سوچي روئي پوان ها!

هن ويندي ويندي چيو هو:

”آءُ سيٺ اسلم سان پڪي ڪري ڇڏيندس!“

گهر پهتو هئس تہ امان حيرت مان پڇيو هو:

”پٽ چو پلا جلدي موٽي آئين؟“

پوليس جي وٺ پڪڙ سبب،سنگت جي وڪري وڃڻ متعلق ڪونہ ٻڌايم. اجايو وهمن ۾ وڪوڙجي، پريشان ٿئي ها!

مٽي ۾ سور جو ڏنو ڳولي ورتم.

هوءَ پاڻيءَ جو گلاس پري آئي. چنيءَ جي پلئو ۾ ٻڌل ڳنڍ کولي، گوري ڪڍي ڏنائين.

”پٽ گوري کاءُ، مٿي جو سور لهي ويندو.“

گوريءَ کي غربت جي گرهہ جيان، جيئن تيئن ڪري، ڳڙڪايو هئم!

ليٽي اکيون ٻوٽي زوري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي هئم، تہ تنهنجون سارون، سوچن جي سانورن سنگهن مٿان، جهرڪين جي جهار تي لٿيون هيون.

پهريون پيرو، تو سان ڪلهو لڳڻ ۽ اکيون اکين سان ملڻ وارا لمحا ذهن جي اسڪرين تي اُڀري آيا هئا. تنهنجو چهرو وڏ_ڏوڙي ڪڪر کان پاڻ ڇڏائي پڇندڙ چنڊ جي ان عڪس جهڙو لڳو هئم، جيڪو

اوچتو ڪينجهر جي پاڻيءَ تي پرڳهٽ ٿي پوندو آهي! پيلين نمورين مٽي ويٺل ڪارن پونئرن جهڙين ڪجلين ماڻڪين سان ڏنو هُيَئي.ڏنو ڇا هيئي؟ مورڳو بڪل لڳيل ريشمي زلفن ۾، سمورو وجود ويڙهي ڪٽي ويئي هُئينءَ! تنهنجي اکين ۾ اهو پُراسرار نقطو پسيو هئم، جتان جسماني، قبيلائي، نسلي، لساني، طبقاتي، علائقائي، ملڪي ۽ مذهبي ويڇن سميت سمورا تفاوت ختم ٿي پوندا آهن!

توکي آسماني رنگ جو وڳو پاتل هو. تو سان اکيون اٽڪڻ ويل ،مون اڳيان لمحن لاءِ سموري ڪائنات آسماني رنگ جو وڳو ٿي پيئي هئي، جنهن مٿان رڳو تنهنجي چهري جو چنڊ نهاري رهيو هو!

گهڻي دير تنهنجي تصور جي تالاب مان وهنجي نڪرندڙياد- پَرِيَن کي، ڪپڙا پارائي ٽڪو هئس ته اٿي ڪمري کان ٻاهر آيو هئس.

اڱڻ ۾ امان کٽ تي ليٽيل هئي. مونکي ڏسي پڇيائين:

”پٽ مٽي جو سور ته ڇڏي ويو نه؟!“

دل ۾ آيو چوانس:

”مٽي جي سور جي گوري ملي ويندي آهي، پر جڏهن حالتون مٽي جو سُور ٿي پونديون آهن، ته زندگي لاعلاج مريض جيان حالتن جي بستري حوالي ٿي پوندي آهي!“

پر چپن تي آيل جملو شاهوڪار شخص جي عيبن جيان لڪيل رهجي ويو هو!

”ها“ چئي سندس پرسان وڃي ويٺس.

اکين ۾ لڙڪ لڪائيندي چيائين:

چاچهين نواز مهيني بعد ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي شادي ٻڌو آهي. پاڻ کي به ڪپڙو گندي ڏيڻا پوندا، ٻيو وري امينا ۽ لالان وٽ به نئون ڪپڙو ڪونهي، ٻيو ته ٺهيو مايون مهڻا ڏينديون. ڇا ڪجي؟!“

روح تائين رهڙجي پيو هئم. دل ۾ آيو ته نوڪريءَ جو آسرو ۽ قانون جي پاسداريءَ جون ڳالهيون هڪ پاسي اڇلي، دولت جي طبقاتي ورڇ کي ڊسبيلنس ڪرڻ لاءِ بندوق کڻي ٻيلن جو ڌاڙيل بڻجي پوان، پر دل انڪار ڪندي چيو هو:

”نه نه .... محنت مزدوريءَ سان حق حلال جي روزي ڪمائبي.“

پر وري هڪ ٻئي خيال به ڇهنڊڙي پاتي هئي:

”محنت مزدوريءَ سان ڪيترن ماڙيون اڏايون آهن؟ پڻهين سڄي زندگي پگهر هاريو آهي، پر ڪهڙي خوشحالي آڻي سگهيو!؟“

خاموش رهيو هئس. امان مختصر ماٺ بعد ڳالهايو:

”اڳاٽو گئس ڪنيڪشن به ڪٽي ويا آهن. بجليءَ جو بل به رهيل آهي. اڄ اٽو به کُٽو پيو آهي، آخر ڇا ڪجي؟!“

امان جي چهري جا تاثرات ڏٺا هئم ته رتورت ٿي پيو هئس، ڄڻ ڪنهن روح جي رستن تي ڪنڊيدار تار گهيلي هئي!

ابا گهر ۾ گهڙندي ئي نمڪين نگاهہ سان ڏٺو هئم. دل چاهيو اٿي گهر کان ٻاهر هليو وڃان، پر امان پڇيو:

"پٺين جا ڪپڙا تہ ڦاٽڻ تي آيا آهن. آءٌ تو وارو پراڻو سليٽي وڳو پٺين کي ڏيان ٿي!"

گڏهہ کي ٻڌندڙ پُنيري بيٺل بابا کي چتائي ڏٺو هئم. پُٺن وٽان سندس قميص ايئن ڦاٽي پيئي هئي، جيئن بيوفائين جا ڪنڌا، ريشمي دل جو بدن ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن کي آٽت جي ڪا بہ سُئي سبي ناهي سگهندي!

گهڻن ڏينهن پڄاڻان پهريون ڀيرو منهنجي اندر ۾ بابا لاءِ همدردي ۽ محبت جا جذبا پڙڪڻ لڳا. کٽ تان اٿي ڪمري ۾ رکيل لوسڻ جو پاڪر پري گڏهہ اڳيان وڃي اڇليم. امان رڙ ڪئي هئي:

"آءٌ قربان ٿيان، ڪپڙا خراب ٿيندئي، تون ڇڏ... اسين پاڻهين گاهہ ڪٽنداسين."

ادي وڏيءَ ٻوڙي اچي منهنجا ڪپڙا ڇنڊيا هئا. ادي لالان کلي چيو هو:

"ڪپڙا ميرا ٿيا تہ ڌوٻڻا مونکي پوندا... اوهان کي ڇا هي؟ ڇڏيوس تہ ڪم ڪري، بدن مان ٿڪاءَ نڪرن!"

بابا چتائي مون ڏانهن ڏٺو هو. سندس اکين ۾ ڏينهُوئن بدران حيرت جون ڀنڀُوريون ڀُون-ڀُون ڪري رهيون هيون. پڇيائين:

"اڄ تہ ڪڪ جهوري ٻيٽُو ڪو نہ ڪرين، اڄ گاهہ پيو ڪٽين. خير تہ آهي؟!"

وراڻيم:

"سرڪاري نوڪريءَ جو آسرو ڪري ڪري ٿڪس. هاڻ هر ڪم ۾ توهان جو هٿ ونڊائيندس!"

بابا جي اکين ۾ مون حيرت جي ڀنيورين کي، خوشيءَ جي پوپٽن ۾ بدلجندي ڏٺو. زندگيءَ سان ڀرپور رنگبرنگي پوپٽ!

امان چيو:

"اسان ڪڏهن توکي ڪو ڏکيو ڪم ڪرڻ ڪونہ ڏنو آهي. هاڻ توکي گاهہ ڪٽندي ڏٺم تہ هانءُ ڦٿڪي پيو!"

امان جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. امينا ۽ لالان جي نيڻن مان پڻ درد جي ٻاڦ، آبي بخار بڻجي ٻاهر نڪري آئي!

بابا، امان سان گڏ کٽ تي ويهندي، ڪمايل ڏهاڙي سندس هٿ تي رکندي چيو:

"گڏهہ لاءِ داڻا بہ وٺڻا آهنءِ"

امان جي چپن تي خاموشي ليٽي ويئي. اهڙي خاموشي، جنهن ۾ بيوسي ۽ درد هڪٻئي کي پاڪر ۾ پري لڙڪ بڻجڻ باوجود، ٻڙڪ ٻاهر ناهن ڪڍندا!؟

مون امان کي حوصلو ڏيڻ لاءِ ڳالهايو:

"سياڻي سويل گاڏي تي ڪلفيون کپائڻ لاءِ ويندس ۽ گهر جي آمدنيءَ ۾ حصو پتي وجهندس."

بابا جي چهري جي آڪاش تي، خوشيءَ جو جيٽ جهاز مرڪ جو ليڪو ڇڏي گذري ويو.

امان پلڪو مُنهن ڪندي چيو:

“اڳي ئي برادريءَ ۾ غريبت سبب مهڻن هيٺ آهيون،ويتر ڳاڙو گهيليندين ته مايون ويٺن سان وڏي وڃهنديون. سورن اڳي ئي اڌ ـ جڏي ڪري ڇڏي آهي. مورڳو مري نه وڃان؟!”

وراڻيم:

“لوڪ جي ڳالهين ڪان لڪي واندو وينو هوندس ته ماڳهين بک مرنداسين.”

بابا چيو:

“نه بابا نه.... ڪم ڪرم آهي. واندا شينهن به بک مرن. ماڻ ڪري سياڻي ڪم سان لڳي وڃ.”

ادي لالان چيو:

“واپسيءَ ۾ مون لاءِ ڪلفي ته ڪٽيو اچجان!”

ڪنڌ لوڏيم. ادي وڏيءَ چيو:

“هڪڙي مون لاءِ!”

امان پنج سئو جو نوٽ ڏيندي چيو:

“وڃ سيڌو سامان وٺي اچ. اٽو گيهه، کنڊ، چانهه پتي، دال ۽ ڪاٺين جا گُتڪا وٺڻا آهن.“

بابا چيو:

“گڏهه لاءِ داڻا ۽ مون لاءِ نسوار به وٺيو اچجان.”

ادي وڏيءَ چيو:

“مشين جي ڌاڳن جون اڇي ۽ سائي رنگ جون ڍيريون به وٺيو اچجان.”

لالان چيو:

“ڪافي ڏينهن ٿيا آهن، شيمپُو ڪونه ورتي آهي، اڄ ته وٺيو اچجان!”

مون امان جي چهري ڏانهن ڏٺو جنهن تي بي تحاشا بار نه ڪٽي سگهندڙ هيڪلي فرد جهڙي بيوسي موجود هئي.

ٻُڏل آواز ۾ چيائين:

“پٽ ڪوشش ڪجان، ٿورو ٿورو ڪري سمورو سامان وٺجان. اڄوڪو ڏينهن ته گذري، باقي سياڻي جي ڳالهه صبح سان!”

گهر مان نڪري دڪان تي پهتو هئس. ڪاٺين جي گُتڪن ۽ مشين جي ڌاڳن ڪان سواءِ سموريون شيون اتي موجود هيون. مون بينچ تي ويهندي دڪاندار ڪان شين جا اگهه معلوم ڪيا ته مٿو چڪرائجڻ لڳو. ايئن به نه هو ته ڪو اڳي مون گهر جو سامان ڪونه ورتو هو. پر اڳي هڪ اڌ شيءِ وٺڻ ويندو هئس، نه غير سنجيدگيءَ سبب قيمتون هڪ ڪن مان ٻڌي، ٻئي مان ڪڍي ڇڏيندو هئس. پر اڄ پهريون ڀيرو هو، جو نه رڳو ايترين سارين شين جي گڏ خريداري ڪري رهيو هئس، پر سڀ شيون پنج سئو رپين جي نوٽ

مان ونڱيون بہ هيون، تہ وري انهن جي گهربل مقدار، قيمت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪوالٽيءَ جو بہ خيال رکڻو هو! ان وقت ئي مونکي مهانگائي،غربت ۾ سرمائي جي بدترين ورهاست جو حقيقي ادراڪ ٿيو هو! مون سوچيو:

"انسان جيستائين پاڻ تجربن مان نٿو گذري، تيستائين لاڳاپيل موضوعن متعلق سندس علم اڌورو آهي. دنيا جو سمورو علم، سوچيندڙ ذهنن جي پوڳنائن جي بدليل شڪل آهي! جڏهن تہ جهالت وري غير سنجيدگين ۾ بي حسيءَ جي پيٽان ڄمندڙ گرهڻ سبب ڪريل مرده ٻار جهڙي آهي!"

دڪان جي بينچ تي ويهي پنهنجي ساءِ حساب ڪتاب ڪندي، مون پهريون ڀيرو اٽي جي اگهہ تي سنجيدگيءَ سان سوچيو هو. ان وقت مونکي پنج سئو جي نوٽ ۾ استعمال ٿيل انساني محنت جو قدر معلوم ٿيو هو. مون سوچيو:

"سماجي چوٽيءَ موجب پئسو هٿ جي مر ناهي، پر گهڻن محنت ڪش هٿن جي پگهر جي اها خوشبوءِ آهي، جنهن کي چند بااثر هٿن زوري اغوا ٿيل عورت جيان پاڻ وٽ سُريت ڪري رکيو آهي!"

سامان گهر ڏانهن کڻي ويندي سوچيو هئم:

"دنيا جا سڀ امير ماڻهو جيڪڏهن رڳو فضول خرچي ختم ڪن، تہ جيڪر دنيا مان غربت ختم ٿي پوي!"

سوچن جا جبل جهاڳيندو گهر پهتو هئس. خريد ڪيل شين کي گهر وارن عيد جي چنڊ جيان ڏٺو هو. سوچيو هئم:

"اميرن لاءِ عيدن ۾ عام ڏينهن ۾ فرق گهٽ هوندو آهي، پر غريبن لاءِ بورچي خاني جو چلهو ٻرڻ ئي عيد جو سنيهو هوندو آهي!"

# (5)

چوڌري اسلم جي دڪان وٽان تنهنجي پاڙي ڏانهن گاڏو ڏڪيندي، زندگي به ان گاڏي جهڙي لڳي هئم، جنهن ۾ ڪلفين جهڙو ٺڏڙو تنهنجو تصور نه هجي ها ته جيڪر ڦيٿا ئي نه ڦِرن ها!

سوچيم:

“تنهنجي گهر اڳيان ڪلفيءَ واري گاڏي جو هارن وڄائڻ به ڪيترو نه عجيب هوندو؟! شايد تون هارن ٻُڌي ٻاهر نڪري اچين! ۽ مهينن کان تو سان ڳالهائڻ جي اٽپوري آس، پورٽتا سان پرٽجي پوي!”

سوڙهين گهٽين مان ٽُٽل روڊن تان شارٽ ڪٽ ڪندو، ڪُلفي واري هوڪي جو هارُن وڄائيندو، ايڪڙ ٻيڪڙ ٻارن کي ڪلفيون وڪرو ڪندو، تنهنجي گهر اڳيان اچي پهتو هئس.

آچر جو ڏينهن هو. آسپاس گلين ۾ ٻارڙا ڪيڏي رهيا هئا ۽ ڪنهن ڪنهن ويل ڪو گراهڪ ڪلفي وٺڻ لاءِ اچي رهيو هو. مون سوچي سمجهي، گاڏو اهڙي هنڌ تي بيهاريو هو، جيئن تون پنهنجي گهر جي مٿئين سيڙهي چڙهين ته هڪٻئي کي ڏسي سگهون.

ڪافي دير گذري هئي، پر تون نظر ڪون آئي هُئينءَ. بيقرار اکين کي ڏانوَڻ ڏيڻ جي ڪوشش باوجود، نظرن ڪوڏڙ ڪنواٽن جيان هرهر تنهنجي گهر جي دروازي ۽ مٿئين سيڙهيءَ ڏانهن ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هر ڀيري محرومين سان ملي موٽيون هيون!

سوچيو هئم:

“اونهاري جي تيز اُس ۾، هُن جي گهر اڳيان ڪهڙي آسري جو ڪشڪول کڻي بيٺو آهيان؟! هن سان ڳالهائڻ ٻولائڻ بنا ڪهڙي محبت جي هام هڻي، ڪهڙن پُرفريب رستن کي لتاڙي رهيو آهيان؟! طبقاتي سماج جي پُرسراب پيچرن تي، جتي برادريءَ ۾ غربت سبب، سڳن رشتن کي به وڃائي وينو آهيان، اتي دل جي دوکي ۾، هڪ ڌارئين عورت مان ڪهڙي اميد رکي رهيو آهيان ته هوءَ مونکي منهنجين سمورين اوڻائين سميت قبول ڪندي؟!”

تنهنجي گهر جي پرسان ڳاڙهي دروازي واري گهر مان هڪ ٻارڙو ڊوڙندو آيو هو ۽ چار ڪلفيون وٺي، نينگ ٽپا ڏيندو واپس موٽي ويو هو. تنهنجي گهر جي دروازي ۽ سيڙهيءَ کي بال جيان لڳي موٽ کائيندڙ نگاهن جا الاءِ ڪيترا ڪيچ ڊراپ ڪيا هئم! پر تنهنجو پاڇو به ڪٿي نظر ڪونه آيو هو. سوچيو هئم:

“آءٌ به ڪيترو نه اياڻو آهيان. جو سماجي طور معتبر گهراڻي جي عورت سان انوکي نموني اکيون اڙائي وينو آهيان. جنهن معاشري ۾ ڪم ڪار جي نوعيت، ظاهري ڏيک ويک، ٻُڌل ڳالهين جي اثرن ۽ خاندان جي بنياد تي شخصيتن جي تورتڪ ۽ تعلقاتن جا تعين ٿيندا آهن، اتي هڪ ڪلفي فروش جي روپ ۾ هُن کي ڪيئن متاثر ڪري سگهندس؟! مونکي گاڏو ڏڪيندو ڏسي هوءَ ڇا سوچيندي؟!”

سوچن جا سمورا سلسلا ذهن جي نرم واريءَ مٿان ٿوهر جا ٻوٽا ٿي ڦُٽڻ لڳا هئا!

هڪ ٻارڙي کي ڪلفي ڏيئي تنهنجي گهر جي مٿئين سيڙهي ڏانهن ڏٺو هئم، ته حيرتن جي لامن ۾ لڙڪي پيو هئس. تون الاءِ ڪيتري دير کان اتي موجود هئينءَ ۽ مون ڏانهن ڏسي رهي هُئينءَ. دل چاهيو هو وڃيون ديوارون ٽپي سيڙهيءَ تي تنهنجي سامهون وڃي بيهان، پر نه ديوارون ايتريون ننڍيون هيون، نه آءٌ پڪي هئس، نه وري تو اڇڻ جو اشارو ڪيو هو ۽ نه ئي پرائي گهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو بنا اجازت وڃڻ، دل کان سواءِ ڪنهن ڪتاب ۾ جائز هو!

سج جي روشنيءَ ۾ تنهنجي سونهري چُوڙين جي اولڙن، منهنجي اکين سان ڪن پل شرارتون ڪيون هيون، ۽ پوءِ تون هيٺ لهي ويئي هُئينءَ.

انڊلٺ جيان تنهنجي وري ظاهر ٿيڻ جي اوسيئڙي کي پاڪر ۾ پري، الاءِ ڪيتري دير تتل ڏينهن جي منجهند ويل، تنهنجي گهر اڳيان بيٺو هئس. تنهنجي گهر جو دروازو الاءِ ڪيترا دفعا کُليو ۽ بند ٿيو هو. منهنجو هينئڙو به لوهي در جي کُڙڪي تي، الاءِ ڪيترا دفعا رڻ جي هرڻ جيان چرڪيو هو ۽ تنهنجي درشن جي اُڃ ۾ آسپاس پٽڪيو هو! پر تون سمنڊ ۾ ڪِري پيل هِيرَي جيان وري ڏسڻ کان مهانگي ٿي پيئي هُئينءَ!

هڪ موٽيل عمر شخص توڏي ڪار ڊرائيو ڪندو، تنهنجي گهر جي ڪشادي گيٽ مان ٻاهر نڪتو هو ۽ ٿوريءَ دير بعد هڪ پوڙهِي به ٻاهر نڪري پر واري گهر ۾ گهڙي هئي. در مان ايندڙ ويندڙ تنهنجي گهر ياتين مون ۽ منهنجي گاڏي ۾ ڪا خاص دلچسپي نه ورتي هئي. البت هفتو اڳ توکي موٽر سائيڪل تي ڪٽي ويندڙ ڇوڪرو بئٺ هٿ ۾ ڪٽي پرسان گذريو هو ته هن لمحن لاءِ مون کي چِتائي ڏٺو هو ۽ پوءِ هڪ طرف هليو ويو هو.

ٻنپهرن جي ساڙيندڙ سج جي گرمي چؤطرف پکڙي پيئي هئي. رستن ۽ گلين مان ماڻهن جا پاچولا آهستي آهستي گهٽجڻ لڳا هئا. تنهنجي گهر اڳيان توکي وري ڏسڻ جي آس اکين ۾ سجائي، الاءِ ڪيترا هارن وڃايا هئم. هارن جي ٻٽڻ تي آڱر رکندي، انوکو ڇُهاءُ ڪتڪائي ڪندو هو ۽ هارن جي آواز سان گڏ گونگي دل جي صدا به همسفر ٿي پوندي هئي.

ختم ٿيندڙ ڪلفين سان گڏ، تنهنجي ديدار جا آسرا به کُٽڻ لڳا هئا، ته ٽپهريءَ جي ڍِگهن ٿيندڙ پاڇن جيان نااميديون به وڌڻ لڳيون هيون ۽ مون به واپس ورڻ متعلق سوچيو هو. پر ان ئي ويل تون در جو طاق کولي ظاهر ٿي هُئينءَ. پيلو وڳو پاتو هيئي. اکين ۾ ڪجل نه هوندي به اکيون هرڻين جيان ڪجليون هُيون. چَپن تي سرخي نه لڳائڻ باوجود چپ ڳاڙهي ڳِر واري چانهينءَ جيان ڳاڙها هُئا. ڀنين وارن ۾ سليقي سان ٻڪل هنيو هُيئي. پيلي ڪپڙي تنهنجي بدن تي سنهين ڪڪر پويان اٽپوري نظر ايندڙ چنڊ جهڙا روشن ڪرٽا پکيڙيا هئا!

باوقار هلڻين سان گاڏي وٽ هلي آئي هُئينءَ. تنهنجي بدن جي هڳاءُ ۾ سموري ڪائنات، گلابي جوانين جي رقص جهڙي هوشرُبا لڳي هئم! نيڻ، نيڻن سان ملائي، دلرُبا لهجي ۾ پڇيو هُيئي:

"ڪلفي ڏيندين؟؟

تنهنجي اکين ۾ پڏي ويل پنهنجي وجود کي ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئم، پر ميڙي نہ سگهيو هئس. صدين جا سفر ساعتن ۾ پوئجي پيا هئا. روح جي ريلن، جسمن جي قيد جي ڪڙول ٽوڙي پنجن حواسن جي پابندي ختم ڪري وڌي هئي! جُڳن ۾ جنمن تي مشتمل رشتن جي شناسائيءَ ۾ الاءِ ڇو تون مونکي هر جنم ۾ هارايل منهنجي اها محبت لڳي هُئينءَ، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون وري وري جنم وٺڻ جو خفو ڪنيو هو!

اکيون جهڪائي پڇيو هيئي:

"ڪٿي گم ٿي وئين؟"

وري حال ۾ موٽي آيو هئس. وراڻيم:

"اتي ئي، جتي پرهجوم بازار ۾ تنهنجين اکين آٽي اُڇليو هو."

سوچ ۾ پئجي ويئي هئينءَ. مختصر ماٺ پڃاٽا پڇيو هيئي:

"رڪشا پويان ڊوڙڻ کان اڇليل ٽشو پيپر کڻڻ تائين، تنهنجون سڀ ديوانگيون ڏسندي رهي آهيان، ۽ هاڻ وري هي گاڏو گهيلڻ جو مقصد ڇا آهي؟"

اکين ۾ لڙڪ ڦُٽي آيا هئم. وراڻيم:

"ڪجهہ بہ وس ۾ ناهي، سڀ ڪجهہ بيساختہ ۽ غير معمولي آهي. توسان نظرون ملن ٿيون تہ الاءِ ڇاڇا محسوس ٿئي ٿو جنهن جي اظهار لاءِ الفاظ اڻپورا محسوس ٿيندا آهن!"

وري سوچ جو سِڳ جهلي، پڇيو هيئي:

"فلمون ڏسندو آهين ڇا؟"

لڙڪ اگهندي، انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيم. وري پڇيئي:

"ڪتاب پڙهندو آهين؟"

وراڻيم:

"ڪڏهن ڪڏهن!"

پُڇيئي:

"تعليم ڪيتري اٿئي؟"

"ماسٽرس آهيان."

چيو هُيئي:

"پڙهيل ڳڙهيل ۽ سنجيده جوان ٿي ڪري گاڏو ڏڪيندي ۽ ڇوڪرين پويان آوارگي ڪندي سٺو ٿو لڳين؟"

جواب ڏيويءَ جو ڪنڌو ٻڌجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو. ان وقت پاڻ کي گوسڙو شاگرد محسوس ڪيو هئم. جنهن جي، تون پراڻي زماني جي استاد جيان هدايتن جي ڇُريءَ سان نڪ- وڍاڻي ڪري رهي هُئينءَ!

خاموش رهي، تنهنجين اکين ۾ نهاريو هئم. وري پراسرار نقطي تي پهتو هئس ته نظرون ٻي طرف ڦيري حڪم ڏنو هُيئي.

"منهنجي ۽ پنهنجي عزت جو خيال اٿئي ته اڄ ڪانپوءِ ڪڏهن به منهنجي گهر ويجهو گاڏو متان بيهارين."

الاءِ ڪيئن ايترو چيو هئم:

"تنهنجي حڪم موجب گاڏو توکان پري گهيلي سگهان ٿو پر دل ريڙهو ناهي، جنهن کي توکان دُور ڏِڪي سگهان. توسان نظرون ملائيندي جيڪو ڪجهه محسوس ٿئي ٿو ڪاش تون سمجهي سگهين!"

نرالي نموني نهاريو هُيئي. وري ڪن پل لاءِ اکين سان اکيون مليون هيون. پر الاءِ ڇو؟ جلد ئي ڇِرڪي ٻئي طرف ڏنو هيئي ۽ مونکي وري تنهنجي اکين جي پاتال ۾ موجود پُراسرار نقطي وٽان واپس ورڻو پيو هو! چيو هئم:

"توکي ڏسي، منهنجون اکيون صدين جا ٽڪ پچنديون آهن. جنم جنم جي وڇوڙن جا ڏُونگر ڏري پوندا آهن. حياتين جون حدون بي معنيٰ بڻجي پونديون آهن. موجود، عدم ۾ اوتجي پوندو آهي ۽ عدم، موجود ۾ ملي ويندو آهي! زمان ۽ مڪان جا مروجه تصور متجي پوندا آهن!"

مرڪي پيئي هيئينءَ. پڇيو هيئي:

"هندو آهين؟"

"نه مسلمان آهيان."

"پوءِ به جنمن تي اعتبار ڪرين ٿو؟"

"توکي ڏسي ڪرڻو پيو آهي!"

وري سوچ ۾ پئجي ويئي هُئينءَ.

"آءٌ هندو آهيان،تون مسلمان آهين. پنهنجون سماجي ۽ مذهبي مجبوريون، پاڻ کي ملڻ ڪونه ڏينديون. بهتر آهي ته منهنجو پيڇو ڇڏي ڏي."

"مذهبن جون مُهرون، وڇوڙن جي دائمي تصديق ڪري ناهن سگهنديون. سماجي مجبوريون محبتن کي مستقل قيد رکي نٿيون سگهن؟! ڇا تون حالتن تي الزام هڻي، هن جنم به هٽڙو ڇڏائي هلي ويندينءَ!؟"

منجهي پيئي هئينءَ، ٻرندڙ عمارت جي ڇت تان ٽپو ڏيڻ جو فيصلو ڪري نه سگهندڙ شخص جيان!

چيو هئم:

"توکي ڏسي جن احساسن جي شاور هينيان اڇي بيهندو آهيان، تن جي تشريح ممڪن ناهي! ڪاش تون ان مام کي سمجهي سگهين؟! ڪاش تون ان رشتي کي سمجهي سگهين، جنهن کي ڳنڍڻ لاءِ اونهاري جي گرمي ۾ گاڏو ڏڪڻ مجبوري بڻيو آهي؟! ڪاش تون، تنهنجي اکين ۾ مون لاءِ موجود پُراسرار درشن جي ديڳ جو ڍڪڻ لاهي سگهين!؟ ڪاش تون روح جي ريلن جو اهو انوکو رقص ڏسي سگهين،

جنهن ۾ جمڻ ۽ مرڻ جي ماهيت اُبتي معلوم ٿيندي آهي!؟ ڪاش تون هار ۽ جيت جي انوکي فلسفي ۾ ڦاسي پيل، منهنجي غير معمولي محبت ڪي دل جي دُوربين سان ڏسي سگهين!؟”

آسپاس نهاريو هيئي. سامهون وارو دڪاندار پنهنجي دڪان مان نڪري ٻاهر ٿلهي تي اچي بيٺو هو. پريشان ٿي چيو هيئي:

“تنهنجو هتي بيهڻ سٺو عمل ناهي. مون سان سچ پچ محبت ڪرين ٿو ته منهنجي عزت خاطر اڳتي لاءِ هتي اچڻ ڇڏي ڏي!”

خاموشيءَ جي سپاري ڪائيندو رهيو هئس. ٻه لڙڪ اکين جي آڙلي تان لڙي آيا هئا، جن کي اُگهڻ، نه مون ضروري سمجهيو هو ۽ نه ئي تو؟!

چيو هيئي:

“هتين خالي واپس وڃڻ سٺو نٿو لڳي. ڪلفيون ڏي ته هتي اچڻ جو بهانو ٿِي سگهي.”

باقي بچيل چار ڪلفيون شيپر ۾ لڳائي ڏنيون هئم. سئو جو نوٽ کولر مٿان رکيو هيئي.

“نه نه......!!” ڪئي هئم، پر تون نوٽ اتي ئي ڇڏي، بقايا وٺڻ بنا لاپرواهيءَ سان ڪلفيون کڻي هلي ويئي هُئينءَ.

آئي به هئينءَ، ويئينءَ به هلي. محبت جو اظهار به ڪيم. وري گهر جي آسپاس نه اچڻ جو فرمان به جاري ڪري ڇڏيئي، مگر نه مون تنهنجو نالو پڇيو هو ۽ نه ئي تو منهنجو نالو پڇڻ ضروري سمجهيو هو. شايد پنهنجي محبت روايتي تعارف کان مٿانهين هئي، يا وري نالن ۾ رکيل ئي ڇا هو؟! منهنجو نالو شرجيل عرف شرلُو نه هجي ها، ڪو ٻيو هجي ها، ته به منهنجو تنهنجي گهر اڳيان بيهڻ توکي سٺو نه لڳي ها. دڪاندار سماجي قدرن جي ڪمداري ڪري، جاسوسي ڪندو رهي ها ۽ منهنجي لڙڪن جو رنگ به ساڳيو هجي ها!

گاڏو واپس ڏکڻ لڳو هئس. دڪاندار دڪان مان نڪري ويجهو هليو آيو هو. نڪ ۾ الاءِ ڪيترا سر وجهي چيائين:

“تون اڳ به شڪي لڳو هئين ۽ اڄ به رميش صاحب جي گهر اڳيان صبح کان گاڏو بيهارڻ ۽ لوفرن وارا لوٽا هڻڻ مان صاف سُترو ماٺهو نٿو لڳين. آءٌ اڄ رميش صاحب کي تنهنجي باري ۾ ٻڌائيندس. پاڻ ئي تنهنجو بندوبست ڪندو!”

دل چيو پڇانس:

“تون دڪاندار آهين يا پاڙيوارن طرفان مقرر ڪيل، ڏينهن واري ڊيوٽي ڪندڙ چوڪيدار؟” پر هن سان ڳالهائڻ فضول سمجهيو هئم. ڇو ته هو ڇهري جي شيپ مان ئي پراڻن اخلاقي قدرن جي ڪِلَئِي ٿيل شخص هو جنهن کي سندس حدون ۽ شخصي حق سمجهائڻ بنهه مشڪل هو!

خاموشيءَ سان گاڏو ڏکي اڳتي روانو ٿيو هئس. هُن ڏڻ ماري ختم ڪندڙ بگهڙ تي، ٻڪراڙ جي وڏل پهرين نگاهه جهڙي ڪاوڙيل نظر مون تي اُڇلي هئي ۽ ڇپن ۾ ڪجهه چيو هو انهن لفظن کي آءٌ سمجهي

نہ سگهيو هئس. پر ڇهري جي تاثرات ۽ جسماني ٻوليءَ مان محسوس ڪيم تہ هُن انهن لفظن ۾ پڪ سان انهن اخلاقي قدرن جا چوڏا لاٿا هوندا. جن جي بظاهر هو پاڻ رکوالي ڪري رهيو هو!

واپس ايندي فيصلو ڪيو هئم تہ وري ڪڏهن بہ تنهنجي گهر اڳيان ڪونہ وڃبو. پر توسان جيئري سڀ تعلقات ختم ڪرڻ وارو تصور ايترو تہ اذيتناڪ هو جو اهو سوچيندي ايئن لڳو هو ڄڻ ڳوناٽن ڪتن جي خوف ۾ اڻ چانگهيل ٻہرن مٿي پُٺن اُگهاڙو چڙهٽو پئجي رهيو هو!

تو سان وري رابطو جوڙڻ جي امڪانن واري ڪتيءَ انڌا گُلر ڄڻيا هئا! گهر ڪان سواءِ تنهنجو ٻيو ڪٿي ڪٿي وڃڻ ٿيندو هو ڪا خبر ڪونہ هئم. نہ خط پٽ، نہ ڪانگ قاصد ۽ نہ ئي فون نمبر!

انساني آباديءَ ڪان خالي جزيري تي تباهہ ٿيل جهاز جي اڪيلي بچيل مسافر جهڙي بيوس ۽ بيساره محبت اندر ۾ لڪائي واپس وڃي رهيو هئس. سنسان گهٽين ۾ ڪتي ڪي ٻارڙا ڪلفي جي پڇا ڪري ڊوڙي ويجهو آيا هئا ۽ ڪلفيون ختم ٿيڻ جو ٻُڌي مايوس ٿي واپس موٽيا هئا.

چوڌريءَ جي دڪان تي گاڏو ڇڏي، ڪيس حساب ڪتاب ڏيئي، گهر ڏانهن روانو ٿيو هئس تہ هن پويان چيو هو:

"سپاٽي مال وڏيڪ ڪٽي وڃجان، تون ڪامياب ڪلفي فروش آهين."

چوڌريءَ جي واتان ٻُڌل پنهنجي تعريف جو سمورو سرور، توکان دوريءَ جي دردناڪ درياهہ ۾ الاءِ ڪيڏانهن لڙهي ويو هو. توکي وري ڏسڻ جي سپني متعلق سوچيندو گهر پهتو هئس، تہ امان سامهون اچي، چنيءَ جي پلئہ سان منهنجو پگهر اُگهي چيو هو:

"پٽ اس ۾ ڇهري جو رنگ ئي بدلجي ويو اٿئي!"

اڌڙين ڪي هڪ هڪ ڪلفي ڏيئي ڪٽ تي وينو هئس. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪمايل ڏهاڙي امان کي ڏيندي سنو لڳو هئم.

امان ماني ڪٽي آئي هئي، پر مانيءَ جي وٽت ڪونہ هئي. پاڻيءَ جو گلاس پِي، مينهوڳي رات ۾ ڏيڏرن جهڙيون ٻوليون ڪندڙ پنکو هلائي، ليٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئم تہ توکي وري ڏسي نہ سگهڻ واري نااميديءَ جو ڪاريهر ڏنگ هڻڻ لڳو هو!

## (6)

چوڌري اسلم جي دڪان تان ڪلفين جو گاڏو ڏڪي روڊ تي آندو هئم. تڏهن محسوس ٿيو هو ته يا گاڏو ڪالهه جيترو هلڪو نه هو يا وري هٿن ۾ ڪالهوڪي جنبش ڪونه رهي هئي! تنهنجي گهر اڳيان وڃڻ تي لڳل پابنديءَ زندگيءَ ۾ اوچتو آيل عارضي رونقون به ڦُري ورتيون هيون.

ڪاري روڊ تي گاڏو ڊِڪيندي، خواهشن جو ڪَڙيو خالي ۽ سپنن جو سنسار سُڃو لڳو هئم. دنيا ۾ الاءِ ڪيترا انسان، خواهشن کان خالي زندگي گذاريندا هوندا، پر مون کي ان ڏينهن ايئن لڳو، جڻ جيئڻ لاءِ توکي وري ڏسڻ جي خواهش ضروري هئي. ان اميد کان خالي زندگي گذارڻ منهنجي وس ۾ ڪو نه هئي. سوچيم:

”سخت مشڪلاتن، محنتن ۽ مونجهارن ۾ اگر خواهشون ڪٿي پون ته زندگي به ڪُٺي پوندي آهي، پر خواهشن ۽ اميدن جو سنسار سمورا ڪم آسان ڪندو آهي! ان ڪري جيئڻُ ئي آهي ته سوچ جا پلئه آسرن جي پاٽيءَ ۾ پُسائي رکڻا پوندا.“

ريڙهي جو رخ وري انهن رستن ڏانهن موڙيو هئم، جن رستن تي ڪالهه هليو هئس. سوچيم:

”هن جي گهر سامهون گاڏو بيهاري نٿو سگهان ته پلا ان رستي تي وڃي بيهان، جتان هوءَ ڇوڪري سان گڏ موٽر سائيڪل تي گذري هئي. ٿي سگهي ٿو هوءَ ڪٿي ڊيوٽي ڪندڙ هجي ۽ اتان ئي روز گذرندي هجي!“

دل جي اونداهي برپٽ ۾ مبهم آسرن جا ڪُڙڪپيتا ٽمڪڻ لڳا هئا. گاڏو هلڪو ۽ پير ڦُڙتيلا محسوس ٿيا هئا.

ان ئي رستي جي، ان ئي هنڌ تي، گاڏو روڪي آسپاس جو جائزو ورتم، جتي موٽر سائيڪل تي ڇوڪرو توکي ڪٽي لاهي سامهون آيو هو. روڊ جي ڪناري ڊگهي ديوار جي پاڇي ۾ گاڏو بيهاري تنهنجي گذرڻ ۽ گراهڪن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو هئس. پر لوڪيشن ڪجهه اهڙي هئي، جو اتي گراهڪن جو اچڻ مشڪل هو ڇو ته آسپاس ڪا خاص ڇهل پهل نه هئي، ۽ نه ئي اتان تنهنجو گذرڻ لازمي هو. ڇو ته هڪ ڀيري ڇوڪري سان گڏ موٽر سائيڪل تي اتان گذرڻ جو مطلب اهو هرگز نه هو ته ڪو تون روز اتان گذرندي هوندينءَ!؟ بس ڪِنوَڻ تي مال ڪاهڻ جهڙي اڌوري آسري تي دل کي دلاسو ڏيئي هليو آيو هئس.

ٻوڙي انتظار مان بور ٿي رهيو هئس ته اوچتو روڊ تان تُوڊي ڪار ويندي ڏٺم. جنهن کي اهوئي ڏاڙهيءَ وارو معمر شخص هلائي رهيو هو جيڪو ڪالهه تنهنجي گهران ساڳي ڪار ۾ ٻاهر نڪتو هو. سندس پرسان سيٽ تي تون ويٺي هئينءَ. اُڏندي نگاهه مون تي اُڇلي وري اڳتي ڏٺو هيئي. دل اُڇل کائي تو سان گڏ سيٽ تي ويهڻ لاءِ ٻڙڪو کاڌو هو پر تيستائين تنهنجي ڪار گهڻُو اڳتي هلي ويئي هئي. ڪار کي

آخري نگاهہ ڇهڻ تائين ڏنو هئم. مون کي گم سم ڏسي، هڪ ٻارڙي ڪلفي ڪٽي، پئسا ڏيڻ بنا ئي هلي ويئي هئي. وري گاڏي کي گهلي، ان ئي ماڳ تي اچي بيٺو هئس، جتان تو واري ڪار اکين کان الوپ ٿي هئي. اتي آسپاس چهل پهل موجود هئي. ڪلفيون بہ وڪرو ٿي رهيون هيون ۽ بوريت واري ڪُتي جي پؤنڪي کان بہ بچيل هئس! اتي برياني ۽ پاڄيءَ جي گاڏن سميت ٻيا گاڏن وارا بہ نظر اچي رهيا هئا. ڪن گاڏن ۾ ايم پي ٿري تي انڊين گانا بہ وڄي رهيا هئا. پر سيئي گاڏن وارا ٿورڙو بيهي، شيون وڪڻي، هوڪا ڏيئي، وري اڳتي هليا ويا ٿي، پر آءٌ ئي اڪيلو هئس، جيڪو ڪلفيون وڪڻڻ کان وڌيڪ توکي واپس ويندي ڏسڻ لاءِ روڊ تَڪڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيو هئس!

منهنجي هڪ هنڌ بيهڻ هڪ اڌڙوٽ عمر عورت کي خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. سندس گهر جو دروازو روڊ جي پرئين پر ۽ منهنجي بلڪل سامهون هو جنهن ڪري روڊ ڏانهن ويندڙ منهنجي هر نگاهہ ڪيس سرابن جا اولڙا هٽي رهي هئي. هوءَ پريل بدن واري ڪٽڪ رنگي عورت هئي. گذري ويل جوڀن ۽ ايندڙ پوڙهپڻ وچان، هوءَ بيچئي وقت سان هارايل جنگ وڙهي رهي هئي. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ جوانيءَ ۾ بي پناهہ پرڪشش ۽ حسين رهي هوندي، پر هاڻ هوءَ آئيني اڳيان جيئري مري وڃڻ جي اذيت مان گذرڻ باوجود وري وري پنهنجي حُسن جو لاش ڏسڻ تي مجبور هئي! آئيني سان متفق هوندي بہ متفق ٿي نہ سگهڻ واري انا ڪيس وري وري در تي آڻي رهي هئي. هوءَ شايد اڳي بہ ايئن ئي در تي آئي هوندي ۽ جڏهن بہ ڪنهن نگاهہ جو مرڪز ٿيڻ جو گمان ٿيو هوندس تہ هن دل ئي دل ۾ آئيني کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي! پر ان ڏينهن مونکي نہ رڳو هُن سان، پر دنيا جي هر ان عاشق مزاج حسين ڇهري سان همدردي محسوس ٿي هئي، جنهن جي دل مان پوڙهپڻ جي احساس جي سِيرائي، الاءِ ڪيترا سَل ڪندي آهي!؟

اونهاري جي تتل اس ۾ ان موٽيل عمر عورت الاءِ ڪيترا ڀيرا دروازي مان جهاتي پاتي هئي. شايد ان کان بہ وڌيڪ ڀيرا آئيني اڳيان. هن پنهنجو پاڻ سان ڪٿيون منيون سرگوشيون ڪيون هونديون!؟ نيٺ هُوءَ گاڏي وٽ هلي آئي هئي.

"اسان لاءِ ڪا ڪلفي بچائي اٿئي يا سڀ کپائي ڇڏيئي!؟"

هن لڄاري مرڪ ۽ هُجتي نخري مان پڇيو هو. بي تاثر ڇهري سان ورائي پڇيو هئم:

"ڪيتريون کپن؟"

"جيتريون ڏيئي سگهين!"

هڪ ڪلفي ڪيس ڏيندي غير جذباتي لهجي ۾ چيم:

"ادي! پنج ربئي جي آهي."

هن کي ڄڻ حقيقت جي نانگ اوچتو ڏنگي وڌو. سندس ڇهري تي هئيڊ هارجي پيئي. بريزر ۾ رکيل ٻٽونءَ مان پنجن جو سڪو ڪڍي، نفرت مان گاڏي جي ڪاٺ تي اڇليائين ۽ وجود ۾ تازو پرجي ڀيل زهر ڇنڊڻ جي آکورڊ ڪوشش ڪري وڃڻ لڳي! سندس قدمن تي موٽندڙ حياتيءَ جي نہ ڪڇندڙ بار جا آثار

ڇِتا ٿي پيا هئا! پانيو هئم مون کان ورتل ٿڌي ڪلفي به سندس اندر جي آڳ مٿان تي  وانگر پنيت بڻي هوندي!

منجهند جو سج پاڇن کي مختصر ترين بڻائڻ بعد اولهه ڏانهن جهُڪيو هو.اسڪولي ٻارڙا ۽ ملازم واپس گهرن ڏانهن ورڻ لڳا هئا. گاڏي تان گراهڪن جي رش به ڪجهه قدر گهٽجي پيئي هئي. ان ئي ويل روڊ تي بيهندڙ رڪشا مان تون لٿي هئينءَ. سفيد ڪپڙا پائي جڻ ٻگلن (پکين) سان ريس ڪئي هُيئي! ڪپڙا، جُتي، جوراب، پرس ۽ ٽشو پيپر تائين، پنهنجي ئي رنگ تي مهربان ٿي هُئينءَ! تنهنجي اوچتي اچڻ تي وکري پيو هئس.

گاڏي وٽ اچي، سڙٻاٽن ۾ مون سان مخاطب ٿي هُئينءَ:

“مون صبح جو بابا سان گڏ ڪار ۾ ويندي توکي ڏٺو هو. رات دڪاندار بابا سان تنهنجي شڪايت ڪئي هئي. سنو ٿيو تون اوڏانهن ڪونه وئين. رڪشا وارو به اسانجي پاڙي جو آهي، جلدي ڪلفيون لڳائي، مٿان شڪجي پوي. پئسن ۾ ويڙهيل ڪاغذ تي فون نمبر لکيل آهي، تنهنجي نمبر تان ميسيج ڪجان، آءُ پاڻهين ڪال ڪنديس.”

مون چپ چاپ تڙ تڪڙ ۾، جهٽ پٽ الاءِ ڪيتريون ڪلفيون ڪٽي، شيپر ۾ وجهي توکي ڏنيون هيون ۽ تنهنجي گلابي هٿن مان نڪتل ويهن روپين جي ٻن نوٽن کي احتياط سان هٿن ۾ جهليو هوا! ايئن جڻ ڪوُنچرا ٻارڙا پونتريون هٿن ۾ جهلي، ان اُلڪي ۾ آڱرين تي زور ڏيندا آهن ته مٿان واپس اُڏري نه وڃن!

گرمي ۾ تنهنجي آلي بدن جي هڳاءُ جون هُٻڪارون ساهُن ۾ سمائي، چنچل هلڻين سان توکي رڪشا ڏانهن ويندي ۽ ان ۾ ويهندي ڏٺو هئم. رڪشا واري جي نظرن ۾ اچڻ کان بچڻ لاءِ يا وري مون کي هن حالت ۾ ڏسڻ کان تارو ڪرڻ خاطر، ڪنڌ ورائي نه ڏٺو هيئي! البت رڪشا واري رڪشا اسٽارٽ ڪري، پهريون گيئر لڳائڻ تائين مون کي غير معمولي نظرن سان ڏٺو هو. جڻ توکي ڪلفيون ڏيئي ۽ دلچسپيءَ سان نهاري ڪو وڏو جرم ڪري وينو هئس يا وري منهنجي گاڏي تي اچڻ واري تنهنجي ڏوهه ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو هئس! منهنجون نگاهون مالڪ جو پيڇو ڪندڙ پاليل جانور جيان، رڪشا سان گڏ گڏ ڊوڙيون هيون. پانيان ٿو فضائي حدن جي خلاف ورزي ڪندڙ دشمن جي جنگي جهاز کي ريڊار ۾ چڪاسيندڙ فوجيءَ جيان. رڪشا ڊرائيور پڻ سامهون لڳل آئيني ۾، مون کي نظر کان اوجهل ٿيڻ تائين، لاڳيتو اک ۾ جهليو هوندو؟!

واپس ويندي، گراهڪن کي ڪلفيون ڏيندي، توکان مليل ڪاغذ جي ٽُڪري متعلق سوچيندي، من معطر ٿي پيو هو. ڪاغذ جي ان بظاهر بيڪار ٽُڪري سان جذبن جي وشال ڪائنات پيچ پاتل هئي، جنهن ۾ توسان راز وارو رابطو ٿي پوڻ جي رنگين تصور سميت، انوکن احساسن ۽ سُهڻن سپنن جون ڪروڙين ڪهڪشائون جرڪي پيون هيون. اهو ئي سبب هو جو سخت گرميءَ ۾ گاڏو گهيلڻ باوجود اندر جي ماٿريءَ مٿان ٿڌڙيون گنگهور گهٽائون گُهلي پيون هيون!

چوڌري اسلم جي دڪان تي ڪيس حساب ڏيئي، سندس واتان وري سئي ڪلفي فروش واري داد وصول ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيو هئس، تڏهن موبائل فون نہ هجڻ واري محرومي دل ۾ پگل ڪنڊي جيان چڀڻ لڳي هئي.

گهر ۾ داخل ٿيندي ئي امان ڳل تي چمي ڏيئي، چُنيءَ سان پگهر اُگهندي چيو هو:

“قُربان وڃان تو تان پٽ! ههڙي گرميءَ ۾ گاڏو ڏڪي موٽيو آهين. وهنجي اچ، پوءِ چانهہ پيءُ!”

باٿ روم ۾ هليو ويو هئس. جسم تي پاڻي هاريندي بہ تنهنجو تصور دل ۾ ڪتڪائي ڪري رهيو هو. توسان ٿيل اڄوڪي دلرُبا ملاقات جون سُرهيون ساروڻيون سوچن جي جهولن تي لڏي رهيون هيون. بس موبائيل فون نہ هجڻ واري محرومي ڏوبيءَ جي هٿن جيان هانءُ کي نپوڙي رهي هئي!

بہ ٽي مهينا اڳ تائين تہ اسانجي گهر ۾ ٽي موبائيل فون موجود هئا. پر هڪ مهيني اندر اندر ٽيئي موبائيل هٿن مان هليا ويا هئا. منهنجو موبائيل، بيلنس نہ هجڻ واري فرسٽريشن دوران گٽر ۾ ڪري ناڪاره ٿيو هو. بابا سج لٿي ڪانپوءِ والڪرٽ وٽان گذرندي شاهينگن هٿان موبائيل ڦُرائي وينو هو. جڏهن تہ ادي وڏي وارو موبائيل ڪجهہ ڏينهن مون استعمال ڪيو هو پر هلندڙ ڇتين مورين ۾ اهو بہ سيڪنڊ هينڊ موبائيلن جي دڪان تي اوٽو پوٽو ڪپائي، امان جون دوائون ورتيون هئم. تڏهن کان اسانجي گهر، پاڙي جو پهريون گهر هجڻ جو اعزاز ماڻيو هو جيڪو جديد دؤر ۾ بہ موبائيلن جي سهاري بنا هلي رهيو هو!

باٿ روم کان ٻاهر ايندي سوچيم، امان کي منت ميڙ ڪري پئسا وٺي، اڄ جو اڄ سيڪنڊ هينڊ ئي سهي، موبائيل ضرور خريد ڪندس ۽ هُن سان منيون منيون ڳالهيون ڪندس...

آئيني اڳيان وارن کي ڦڻي ڏيندي، پنهنجو مرجهايل چهرو ڏسي سوچيم:

“رڳو بہ ڏينهن اس ۾ گاڏو گهيلڻ سبب حالت برڊ فلو جي شڪار ڪڪڙيءَ جهڙي ٿي پيئي آهي، پر جن ماڻهن جون حياتيون سدائين تتل ايامن جي سخت پورهئي سان پرٽيل هونديون آهن، تن جي رنگت ڪهڙن رنگن جو رنگ ٿي پوندي آهي!؟ متان ايئن تہ ناهي، جو انسان جو اصل رنگ اميراڻي آرام ۽ غريباڻي مشقت وچان ڪٿي گم ٿي ويو آهي!؟

امان سان گڏ کٽ تي چانهہ پيئندي، سندس چهري کي ڏيان سان ڏٺو هئم. بلڪل ايئن جيئن ننڍپڻ ۾ ڪيس خوشگوار مُوڊ ۾ ڏسي، چپس وٺي ڏيڻ لاءِ انگل ڪندو هئس، ايئن ئي ڪيس چيم:

“منڙي امان پئسا ڏي تہ موبائيل وٺان!؟”

امان مايوسيءَ مان وراڻيو:

“اڄ بجليءَ جي بِل جي آخري تاريخ هئي. جيئن تيئن ڪري پورت ڪيم. گئس اڃان ڪٽيو پيو آهي. ادي گل محمد جي ڇوڪري جي مڱڻي بہ سياڻي آهي. تنهنجي ۽ پڙهين جي اڄوڪي ڏهاڙي اتي کپي ويندي. مهينو ڪن صبر ڪر، چاچهين جي ٻارن جي شاديءَ ڪانپوءِ پلي موبائل وٺجان!”

امان هفتن جي ڳالهه ڪري رهي هئي، پر ڪيس ڪهڙي خبر ته جن حالتن مان آءٌ گذري رهيو هئس، تن ۾ سيڪنڊن جو صبر ڪرڻ به مون لاءِ مشڪل بڻيل هو! خيال آيو ته چوانس:

“منهنجو مامو سڏائڻ ڪي شرمندگي سمجهندڙ مامي گل محمد جي پڇ ڏيائي پٽ جي مڱڻي تقريب ۾ پاڻ ڪي سوا سير سمجهندڙ چاچي جي پاڻ پرست اولاد جي شادي ڪاڄ ۾، پنهنجو ڪيل غريباڻو خرچ ڇِٽڪو ئي ڪون ڪندو! اهي پئسا ڏي ته پراڻُو سُراڻو فون وٺي هُن سان ڳالهائي، چپن جا زنگ ۽ دل جا ٽَڪ لاهي سگهان.”

پر ڪجهه به چئي ڪو نه سگهيو هئس، ڇو ته اسان مٿان امان جي شخصيت ايتري ته حاوي ٿيل هئي، جو ڪو به گهر ڀاتي ساڻس چاهيندي به اختلاف رکي ڪو نه سگهندو هو.

توسان ڳالهائڻ جي هُرڪُر ۾ فون جي اٿُوند، دل ڪي ڇيپاٽيل حسرتن جو باغيچو بڻائي ڇڏيو. آس نراس جي ميرانجهڙي ماڪ ۾، هڪ خيال تازي هوا جي ٿڌڙي جهونڪي جيان سوچ جون لامون لوڏڻ لڳو ۽ آءٌ ڪٽ تان اٿي، گهر کان ٻاهر وڃڻ لڳس. امان حيرت مان پڇيو:

“بابلا ڪيڏانهن؟”

“بس ٿوريءَ دير ۾ اچان ٿو.”

روڊ تي هلندي، سامهون دڪان تي چوڌري اسلم ڪي اڪيلو ويٺل ڏسي، خوش ٿيئس، ڇو ته ماڻهن ۾ ساڻس مطلب جي ڳالهه ڪري ڪون سگهان ها!

مون ڪي ڏسي حيرت مان پڇيائين:

“ڇو جلد موٽي آئين، خير ته آهي؟!”

ڪرسيءَ تي ويهندي وراڻيم:

“چوڌري صاحب مڙوئي خير آهي.”

ڀهرين دل ۾ آيو ته امان بيمار ٿيڻ جو ڏنو هڻي، سندس همدرديون حاصل ڪريان ۽ پوءِ علاج جي بهاني اُڌار گهران. پر الاءِ ڇو سفيد چشمي جي شيشن پويان ڏسندڙ مهربان ۽ تجربيڪار نيڻن اڳيان ڪوڙ ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيم.

“چوڌري صاحب موبائيل وٺُو اٿم، اُڌار ڪريو. ڏهاڙين مان ڪٽي وٺجو.”

چوڌريءَ مونکي چتائي ڏٺو. بيچيني محسوس ٿيڻ لڳي. سوچيم:

“رڳو ٻن ڏهاڙين جي ڪاروباري تعلق جي پُٺل ڪانيءَ تي ايترو بار رکڻ مناسب نه هو!”

پڇتاءَ جي پيڙا لوئڻ لڳي. چوڌريءَ پڇيو:

“سم اٿئي يا نه!؟”

سندس جملو ٽوڪ جي ڪنڊي جيان لڳو. سوچيم:

“پنجابي سم جو پڇي، دراصل مون وٽ “ڪجهه نه هجڻ” جو ڪنگالپڻو مون ڪي ياد ڏياري طنز ڪري رهيو آهي!”

خاموش ٿي پيس. چوڌريءَ ڪيسي ڏانهن هٿ وڌائي، پنهنجو موبائل فون ڪڍي ورتو. سم ڪڍندي چيائين:

“مونکي هونئن ته توکي بهترين ڪلفي فروش جو انعام ڏيڻو ئي هو. سنو ٿيو منهنجو انعام تنهنجي ڪم جي شيءِ بڻبو.”

اچرج مان ڪيس ڏٺم. هن فون سان گڏ سئو جا ٻه نوٽ ڏيندي چيو:

“سم به وٺجان ۽ بيلنس به لڳرائجان. تعارف، واعدا ۽ انعام اڌورا هجڻ نه گهرجن!”

سندس ٿورو مڃي، دڪان  کان ٻاهر نڪري آيس. يونيورسٽي لائيف ۾ ڪامريڊن، قلمڪارن ۽ دانشورن طرفان وڏيرن، سيٺين، چوڌرين، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن وغيره کي مليل سڀ گاريون  ناانصافي محسوس ٿيون. سوچيم:

“سنائي ۽ خرابي انفرادي وصفون آهن. انهن کي طبقاتي، جاگرافيائي، نسلي ۽ لساني پسمنظر ۾ ڏسڻ وڏو ڪوڙ آهي!”

ڪيسي مان ٻئون ڪڍي، پراڻي سم ڪڍي ورتم. بيلنس لوڊ ڪرڻ واري دُڪان ڏانهن ويندي، تو سان فون تي ڳالهائڻ جي ڪينچلي سپني جو سونو پکي، دل جي پڃري ۾ لڪائي، ڄڻ زمين کان ٻه ٽي فوٽ مٿي هلي رهيو هئس!

## (7)

سنسان گليءَ ۾ توکي ڏٺل ڦِرين مس ڪال، ڦِرين پريت جي ممنوع چميءَ جهڙي لڳي هئم.

ڍِڳهي دير جڏهن تنهنجي بيڪ ڪال ڪونہ آئي هئي، تڏهن ياد آيم تہ تو مون کي ميسيج موڪلڻ جو چيو هو۽ آءُ تو سان ٽيليفونڪ رابطو شروع ڪرڻ جي چارم ۾ مس ڪال هڻي ويٺو هئس. تڏهن هوش، جوش کي ملهہ ڏسي پڇيو هو:

“هُن کي فرشتا ٻُڌائيندا تہ مس ڪال وارو نمبر ڪنهن جو آهي؟!”

تڏهن ئي توکي ميسيج لکيو هئم:

“منا ماڻهو! لڳيءَ کي لعنت چوڻ بدذوقين جي ٻولي آهي! پر توسان دل لڳائي، مون سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو آهي! تنهنجين اکين جي ڪائنات منهنجي دل ۾ پيوند ٿي پوڻ جو عجوبو بڻي آهي! ۽ مون تنهنجي وجود جي واس ۾، عاشقيءَ جا انوکا اسرار پَسيا آهن!

ڪال نہ ڪندئين؟!

آءُ تنهنجو ساڳي ويهن جي ٻن نوٽن ۾ ويڙهيل اڇي ڪاڳر تي لکيل نمبر جو محتاج ٿي پيل، ڪلفي فروش.”

ڦِريون ميسيج سينڊ ڪندي، ڄڻ توکي پنهنجي دل بہ سينڊ ڪئي هئم. ڊِليٽ ٿيڻ جي ڊپ بنا!

ڪال ڪرڻ ۾ دير ڪئي هيئي. مون ٻيو ميسيج موڪلڻ ۾ تڪڙ ڪئي هئي.

“ڊيئر توسان ڳالهائڻ جي سندر سپني جو مور پکي، دل جي پڃري ۾ بيقرار ٿي پيو آهي. تون ويسارڻ جي ساون وڻن ۾، مونکي ڪال ڪرڻ جي واعدي جو سبز طوطو اڃان ڏسي نہ سگهي آهين!؟ ۽ مون ڳڻن انتظار جي ڪاون کي اڏورن آسرن جي مانيءَ سان گڏ، دل جي آڱرين سان پيراڻي روٽ جيان ڪيترو نہ مهٽيو آهي! پر تون آهين، جنهن اڃان تائين ڪال ناهي ڪئي!

ڪوري ڪاڳر تي تنهنجي لکيل نمبر جي يارنهن انگن ۾ ٽُٽي ٽُڪرا ٿي ويل- تنهنجو ساڳيو ڪلفي فروش.”

ميسيج سينڊ ڪندي، هڪ ايبسٽريڪٽ خيال سوچ جي ٻوڙن ۾ ڪُڙڪو ڪيو هو:

“سائنسي ايجادن جي حيرت انگيز سفر ۾ ڇا ايئن ممڪن ناهي تہ ماڻهو ڪڏهن ميسيج سان گڏ پاڻ بہ سينڊ ٿي ٻئي پار پهچي وڃي!!”

وري ڪي بيڪار لمحن جا ڪوئا، منتظر دل کي ڪُتري، ويندڙ وقت جي ٻِرن ۾ هليا ويا هئا. پر تنهنجي ڪال ڪونہ آئي هئي.

سنسان گليءَ ۾ بيمقصد چڪر لڳائي واپس موٽي رهيو هئس. پري کان آصف جي دڪان ڏانهن نگاهون اُڇليون هئم. ٻاهران ڪو بہ جاتل سڃاتل چهرو نظر ڪونہ آيو هو. جن ٿَلهن تان ڪڏهن مون

سنگتين ساٿين سان گڏ، ڳالهين جا ڳيرا اُڏاريا هئا. انهن ڏينهن تي هڪ پينُو فقيرياڻي پنهنجن ٻن ننڍڙن ٻارن کي پارُوٿو پيت ڪارائي، غربت جي عالمي ڏينهن تي غُربت ۽ دنيا سان گڏيل جنگ وڙهي رهي هئي! اتي ئي پرسان هڪ پوڙهو ڪتو ٻارن جي وات ۾ ويندڙ چانورن تي اکيون اٽڪائي ويٺو هو. مون کي چئن ئي ساهوارن جي زندگيءَ ۾ ڪو خاص فرق محسوس ڪو نه ٿيو! بلڪل ايئن جيئن حڪمرانن جي تبديلين باوجود اسانجو ملڪي نظام ۽ معاشرتي منظر، جمود جو گُونگهٽ هٽائي تبديليءَ جو مُنهڙو ڏسي نه سگهندا آهن!

ان ئي ويل موبائيل جي رنگ ٽيُون وڄڻ سان گڏ، کيسي ۾ رکيل موبائيل ۾ وائبريشن شروع ٿي هئي، پر اسڪرين تي تنهنجو نمبر ڏسي، منهنجي دل ته شايد ان کان به وڌيڪ وائبريشن ڪئي هئي! وائبريشن ڪندڙ هٿن سان ڪال رسيو جي آپشن تي آڱر رکي هئم!

بانسريءَ جي صدا سان مشاهبت رکندڙ تنهنجي آواز، سندم سماعتن سان سرگوشي ڪئي هئي.

"هيلو!"

"جي منا ماڻهو!"

"هينئر هينئر پاڄائي پاڙي ڏانهن ويئي آهي، ۽ مونکي مٿي ڇت تي اچي توسان ڳالهائڻ جو موقعو مليو آهي، پر توهان ته اڃان تائين پنهنجو نالو به ناهي ٻُڌايو؟"

"منهنجو نالو شرجيل آهي، پر تنهنجي پهرئين ديدار مون کان منهنجي نالي سميت سڃاڻپ جا سڀ احساس ڦُري ورتا آهن. آءُ شرجيل کان ڪلفي فروش تائين، تنهنجي نيڻن ۾ موجود نرالي نقطي ۾ وجود وڃائي چڪو آهيان."

حيرت مان پڇيو هيئي:

"نرالو نقطو... ڇا مطلب؟!"

"اصل ۾ مونکي تنهنجي اکين سان اکيون ملائيندي الاءِ ڇاڇا محسوس ٿيندو آهي...؟؟! جنهن کي لفظن ۾ اظهارڻ ناممڪن آهي."

"شروع ۾ ته مون به ڌيان ڪو نه ڏريو هو پر پوءِ محسوس ٿيم، جڏهن توسان اکيون ملائيندي گهڻُو ڪجهه غير معمولي محسوس ٿيندو آهي. ايئن جڏهن تنهنجين اکين ۾ موجود ڇقمق جهڙي ڪا شيءِ مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هجي! وهم پرست نه هوندي به وهم ٿي پيو هو ته هڪ اجنبي شخص کي ڏسي، ڇو بيخود ٻڏجي پوندي آهيان؟ متان ڪنهن جادو واري ڏاڳي جي اثر هيٺ اچي ته نه ويئي آهيان؟!"

تعجب جي برقي تارن ۾ وچڙي پيو هئس. جنهن محبت مونکي غير معمولي گسن تي پٽڪايو هو سا هڪ طرفي هرگز نه هئي!

چيو هئم:

“منا ماڻهو! تنهنجين اکين ۾ ڏسي، ناقابلِ وضاحت رشتن جي تصديق ٿي پوندي آهي ۽ جنم جنم جي تجديد خاطر اُگهاڙين تلوارن هينيان رقص ڪندڙ محبت جو زخمي جسم ڇِرڪندي نظر ايندو آهي!”

“توهان جيڪي لفظ استعمال ڪريو ٿا، آءٌ ايئن ڳالهائي نٿي سگهان. پر پنهنجي وچان الڳ مذهبن، الڳ قبيلن، اڻ ويجهڙائي ۽ اڻواقفيت جي ديوار هوندي به. پنهنجو هڪ ٻئي کي ايترو ويجهو ٿي وڃڻ يقينن ڪنهن غير معمولي رشتي جي ڪشش آهي!”

تڏهن سوچيو هئم:

“پٿرن جي مُون سُون جي رستن تي البيلي محبت جو شيش محل اڏڻ واري حماقت ۾، آئون هِڪڙو شامل نه آهيان، ڪو ٻيو به پاڳي پائيوار آهي! طوفانن سان فطري دوستي نڀائيندڙ علائقن ۾ پيار جي ڪچي جهوپڙي رڳو مون نه اڏي آهي، ڪنهن ٻئي به اهڙي رسڪ ڪنئي آهي!”

چند سيڪنڊ منهنجو آواز نه ٻُڌي، هيلو چيو هُيئي.

موٽ ۾ “جي” ورائيو هئم.

پڇيو هيئي:

“خاموش ٿي ويا، ڇو؟”

ورائيو هئم:

“اڳي اهڙي انوکي محبت ۾ مبتلا ٿي وڃڻ جي جوازن جا پڇاڻا رڳو پنهنجو پاڻ کان ڪندو هئس، پر هاڻ شايد ايئن ڪري نه سگهان. اهو ئي سوچي اظهار جو پاڻي برف ٿي پيو هوا ماٺ ٿي ويو هئس.”

شايد منهنجو پُرپيچ جواب سمجهي نه سگهي هُيئين، يا وري ڪجهه ٻيو سوچي موضوع بدلايو هُيئي:

“توهان ڇا ڪندا آهيو؟”

“ڪلفيون وڪڻندي، توکي حاصل ڪرڻ جا پوهه پچائيندو آهيان!”

کلي پيئي هُيئين. تنهنجو هڪ هڪ ٽهڪ، دل جي پڏر تي گلن جيان ڇڻيو هوا خوشبوئن ۾ وهنجي، ٽڏا ساهه کنيا هئم. سوچيو هئم:

“رڳو تنهنجي ٽهڪن جي سرگم تي به زندگيءَ جو سودو ايترو مهانگو ناهي؟!”

ٽهڪن جي کتمنڙن جون ڦانڊون ڦڳائيندي، وري پڇيو هُيئي:

“شادي شُده آهين؟”

“توکي لڳان ٿو ڇا؟”

“افعال ته پرڻيل وارا ڪونه ٿا لڳن، پر ٿي سگهي ٿو زال مان غير مطمئن هجين!”

کِلي پيو هئس، صرف توکي کلائڻ لاءِ... پر تنهنجا ٽهڪ سندم سماعتن ۾ سُس پُس ڪري ڪونه سگهيا هئا!

سنجيده ٿي پُڇيو هُيئي:

”گهر ۾ گهڻا ڀاتي آهيو؟“

”مون کان سواءِ امان، بابا ۽ ٻه ڀينرون آهن.“

”۽ گذر بسر جو ذريعو؟“

سچ ٻُڌي متان تون پري ٿي پوين، ان ڪري ڪوڙ ناهڻ متعلق سنجيدگيءَ سان سوچيو هئم، پر تو سان بينام رشتي جي پڪ ٿيڻ پڄاڻان، پنهنجي وچان ڪنهن به ملاوت جي گنجائش باقي ڪونه بچي هئي! صاف صاف چئي ڏنو هئم:

”بابا گڏهه گاڏو هلائيندو آهي، ۽ مون ڪافي وقت واندڪائيءَ ۾ ويهڻ بعد تو تائين پهچڻ خاطر ئي سهي، ڪلفيءَ جو گاڏو ڏِڪڻ شروع ڪيو آهي!“

ماٺ ٿي ويئي هُئينءَ. چهري جا تاثرات ڏسڻ بنا محسوس ڪيل تنهنجي ماٺ ماري وڌو هو. منهنجي مفلسيءَ متعلق ٻڌي الاءِ ڇاڇا سوچيو هوندئي! متان ايئن نه ٿئي، جو عارضي رابطن ۽ مختصر رفاقتن جون آڱرين ۾ ڏنل آڱريون وري ڇڏائجي وڃن؟!

سوالن جي ٻاہرن ڪنڌن ۾ وچڙي پيو هئس.

موبائيل اسپيڪر مان تنهنجي ايندڙ جملي ٻُڌڻ لاءِ اُتاولو ٿي پيو هئس.

”هيلو...لائين تي آهيو؟“

”ها لائين تي آهيان.“

”ڇو ٻلا خاموش ٿي ويا؟“

تنهنجي معاشي حالت متعلق ٻُڌي ڏک ٿيو. اڪين ۾ ڦُٽي آيل ڳوڙها اگهي رهي هُيس. توهان جهڙا ذهين نوجوان ماسٽرس ڊگري ڪٺي ڪلفيون وڪڻڻ تي مجبور آهن. ان ملڪ ۾ ميرٽ جي حالت ڇا هوندي؟!“

ٽڏو ساهه ڪٺي، تنهنجي اعليٰ ظرفي ۽ حقيقي عظمت جو دل ئي دل ۾ قائل ٿيو هئس. نه ته اسان وٽ ٻين جي غربت ڪي تماشو بڻائي، پنهنجي رتبي جي برتري جو نماءُ ڪرڻ فيشن بڻيل آهي. پر تون هئينءَ، جيڪا منهنجي غربت جو ٻُڌي، مون لاءِ ڳوڙها ڳاڙي رهي هئينءَ. نه ته هوندئن ماڻهو ته غريبن سان سڳا رشتا به ڇِني ڇڏيندا آهن! جنهن معاشري ۾ روين ڪان سوچڻ تائين، ٻين جي اوٽاين ڪي پنهنجي وڏائي سمجهي هاءِ لائيٽ ڪيو وڃي ۽ ٻين جي سُنائين ڪي پنهنجي ڪمتري سمجهي لڪايو وڃي، اتي منهنجي غربت تي تنهنجي تبصري، توکي مون اڳيان ويتر مهان ٺاهي ڇڏيو هو!

”خاموش ٿي ويا ڇو؟ لائين تي ته آهيو نه؟“

هن ڀيري تو پڇيو هو. وراڻيو هئم:

”نه رڳو لائين تي آهيان، پر ڪوئل جي ڪُوڪ جهڙي منڙي تنهنجي آواز جي ترنم مان ڀرپور لطف اندوز به ٿي رهيو آهيان!“

وري کِلي پيئي هئينءَ ۽ وري ٽهڪن جا ڪي پکي اُڏريا هئا. چيو هيئي:

“تنهنجون ڳالهيون شاعرن ۽ پروفيسرن جهڙيون آهن، پر لڳي ٿو توکي مونکان سواءِ ڪو سنجيده ٻُڌندڙ ملي نہ سگهيو آهي.”

وراڻيو هئم:

“توکان سواءِ منهنجي قسمت ۾ ڪو بہ لکيل ناهي شايد!”

“اهو توکي ڪنهن ٻُڌايو آهي؟”

“تنهنجين اکين!”

“اکيون تہ ڪوڙ ڳالهائينديون آهن!”

“اکيون نہ پر چَپ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن.”

“پوءِ اکيون ڇا ڳالهائينديون آهن؟”

“اُهو جيڪو چَپ ڳالهائي نہ سگهندا آهن!!”

ايئن ئي اُبتين سُبتين ڳالهين جا ڪيئي ڳوٺ لتاڙيندا رهيا هئاسين. تو پنهنجو نالو مينا ڪماري ٻڌايو هو ۽ اهو بہ ٻڌايو هو تہ تنهنجو والد اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ ڪم ڪندو هو. تنهنجو وڏو وڪيل ياءُ تازو جج مقرر ٿيو هو ۽ تنهنجو چاچو پوليس ۾ ايس ايڇ او هو. تو اهو بہ ٻُڌايو هو تہ ڪپري سان تعلق رکندڙ تنهنجي ماءُ جو ياءُ پوليس ۾ ڊي. ايس. پي هو ۽ هڪ سئوٽ اقليتن لاءِ مخصوص سيٽن تي هڪ پارٽيءَ طرفان ايم. پي. اي چونڊيل هو ۽ تازو اقليتي معاملن جي صوبائي وزارت جو قلمدان مليو هئس.

تنهنجون ڳالهيون ٻُڌي تنهنجي سماجي حيثيت کان مرعوب ٿي پيو هئس، پر حوصلا افزائيءَ جي حقيقت اها هئي، جو تو ڪٿي بہ پنهنجي برتري ۽ منهنجي ڪمتريءَ جو احساس ڏياري، مونکي محرومين ۾ مبتلا ڪونہ ڪيو هو!

تو اهو بہ ٻڌايو هو تہ تو وٽ تمام گهڻي محبت ڪندڙ ماءُ موجود هئي، جيڪا توکي گهڻي دير ويجهو نہ ڏسي، اداس ٿي پوندي هئي. تو اهو بہ ٻُڌايو هو تہ تو تازو ئي سنڌ يونيورسٽيءَ مان فزڪس ۾ ايم. ايس. سي ڪئي هئي ۽ وانڪائيءَ جي وندر خاطر هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهائڻ لڳي هُئينءَ. تنهنجو ننڍو ياءُ توکي هر روز موٽر سائيڪل تي اتي ڇڏي پوءِ پنهنجي اسڪول ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن ڪم سبب پهچي نہ سگهندو هو تہ ميسيج ڪري ٻُڌائيندو هو ۽ تون رڪشا ڪٽي گهر ويندي هُئينءَ.

“توکان ڪلفيون وٺي رڪشا ۾ واپس ويندي، رڪشا ڊرائيور آڏيون ساڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. نيٽ ڪاوڙ ۾ چنڊ پٽي ڪيس سندس حدون ياد ڏياريم. تڏهن وڃي چُپ ڪيائين.”

تو ٻُڌايو هو... ۽ اهو بہ توکان ٻُڌو هئم تہ تنهنجا ماءُ پيءُ توکي پنهنجي برادريءَ جي دبئيءَ ۾ رهندڙ ڊاڪٽر ڇوڪريءَ سان پرڻائڻ جو ارادو رکندڙ هئا.”

ڳالهين جي ڳهر ۾، وقت جو احساس ئي پُٺيرو ٿي ويو هو.

“جتي توسان رڳو ڳالهائڻ ئي ڪيترو نہ مزيدار ۽ خوشين سان ٽمٽار هو اتي توسان جيوَن گڏ گُذارڻ ڪيترو نہ سهڻو هوندو؟!” اهو تڏهن سوچيو هئم، جڏهن چيو هيئي:

"اڄوڪي موبائيل ڪڇهري بس ايتري! پاڃائي، بابا ۽ ادا وارا ايندا هوندا، وري سپاڻي فرصت ۾ ڪال ڪنديس."

ڪال ڊسڪنيڪٽ ٿيڻ جي آواز سان گڏ موبائيل ڪي حسرت سان ڏٺو هئم، ايئن ڄڻ ڪال ڪٽجڻ جو ذميوار موبائيل ئي هجي!

تو سان پهرين موبائيل ڪڇهريءَ جي مينهن ۾ ڀُسڻ وارو پاڻي، دير تائين سوچن جي جهوپڙيءَ مان ڦُڙو ڦُڙو ٿي ٽميو هو. تنهنجن چپن سان چلولايون ڪري ايندڙ لفظن، دير تائين سماعتن ۾ سُرهاڻ اوتي هئي! ۽ تنهنجي ٽهڪن جون شهنايون، روح جي ريگستان ۾، گهر وڃڻ تائين وري وري وڄنديون رهيون هيون.

گهر پهتو هئس تہ امان موبائيل فون ڏسي پڇيو هو:

"اُڌار ڪٿان ورتئي؟"

ڊيگهہ ڪان بچڻ خاطر وراڻيم:

"سيٺ کان ورتم."

ادي وڏي امينہ موبائيل ڏانهن ڏسي پڇيو:

"ڪئمرا جي رزلٽ ڪيئن اٿس؟"

جيستائين ڪيس ورندي ڏيان، ادي ننديءَ لالان پڇيو:

"گيم ڪهڙيون آهن؟"

جيستائين ڪيس ٻُڌايان، ادي وڏي جهٽ ڏيئي مونکان موبائل ڦُري ورتو. مخاطب ٿي چيائين:

ادا هن وڳي ۾ سيلفي مزو نہ ڪندي، ترس ڳاڙها ڪپڙا پائي اچان."

ادي لالان ڪيس ٻانهن کان جهليندي چيو:

"پهرين آءٌ گيم کيڏنديس... پوءِ تون سيلفي ڪڍندين!"

موبائل تان ادي امينا جو غير قانوني قبضو ڇڏائڻ ۽ پنهنجو ناجائز قبضو قائم ڪرڻ لاءِ ادي لالان باز جيان جهپو ڏنو هو. ٻنهين وچان هاٿاپائي شروع ٿي پيئي هئي ۽ مونکي وري موبائل فرش تي ڪري ٽُٽي پوڻ جو خطرو مست اُٺ جي ڏاٺ جيان ڏنگڻ لڳو هو! بابا جي دڙڪن ۽ امان جي نصيحتن جي سهاري، وڏي مشڪل سان موبائل تان ڇيڳرين ادڙين جو قبضو ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو هئس!

## (8)

آصف جي دڪان اڳيان آيو هئس. ماحول تي اداسيءَ جو رنگ ڇانئيل هو. جتي شام جا پاڇا لڙندي ئي آسپاس جا نوجوان اچي گڏبا هئا ۽ هِتان هُتان جي ڳالهين جا ڳُڙ هڪٻئي سان شيئر ڪندا هئا. آصف جي والد سميت پاڙي جا چند ٻُڍڙا بہ دڪان اڳيان ويڪري ٿَلهي تي ويهي خاص طور وبل وقت ۽ حالات حاضره تي تبصرو ڪندا هئا. اُتي ذهني توازن وڃائي ويٺل مستاني ڇوڪريءَ جيان خاموشي ڪِلي رهي هئي. دوستن جي ڪچهرين وارا پراڻا نڪاڻا. جوڳين جي اُجڙي ويل مڙهين جو ڏيک ڏيئي رهيا هئا. دڪان جو شيٽر پڻ ڪنجوس جي دل جيان بند ٿيل هو!

آسپاس جي هر شيءَ ڪي جڻ ويرانيءَ جي پيئڻ بلا پِي ويئي هئي. سمجهي نہ سگهيو هئس تہ آخر ان اداسيءَ پويان ڪهڙي ڪارڻ جو گڏهہ ليٽيو هو؟!

سچ لهي چڪو هو. آسپاس بجليءَ جا بلب روشن ٿي پيا هئا. پر آصف جي دڪان جي شيٽر مٿان لڳل وڏو بلب اُجهاميل هو.

گليءَ ۾ پري پري تائين اوندهہ ٿاپڙجي رهي هئي. دڪان جي اڳيان ٿهيل ٿَلهي تي ويهي رهيس. سامهون ٻيءَ گليءَ جي دڪان تي روشنيءَ ۾ چهل پهل نظر اچي رهي هئي. سوچڻ لاءِ ڪجهہ خاص ڪونہ هو بس ايئن ئي بي ترتيب خيالن جي گهوڙن تي چڙهي وينس:

"اڄ هِن گليءَ جون رونقون هوڏانهن منتقل ٿي پيون آهن. سياڻي هُن گليءَ جون رونقون هيڏانهن بہ اچي سگهن ٿيون. هونئن بہ وڏڙا چوندا آهن تہ ڪڏهن ڇَٽ پَٽن تي, ڪڏهن پٽ ڇٽن تي, سو "وارا ڇمارا" تہ فطرت جو حصو آهن."

ڪيسي ۾ هٿ هٽي امرس ٽافي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيم, پر ملي نہ سگهي. زبان جي خشڪيءَ ڪي ٻُهارو ڏيڻ لاءِ ٿُڪ اڇلائي, وري سوچڻ لڳس:

"غريب, غريب ئي رهندو آهي ۽ امير, اڪثر غريب ناهي ٿيندو. 'وارا ڇمارا' اتي اثر ڇو ناهن ڇڏيندا؟!"

منجهي پيس. ٻي ٿُڪ نهي پيئي, اڇلائي وري سوچڻ لڳس:

"شايد فطرت وٽ پنهنجو قانون تہ آهي, پر انصاف ناهي. ٿي سگهي ٿو انصاف جا اسان وارا تصور ئي غلط هجن!؟ ايئن بہ ممڪن آهي, جو هتان وارين ناانصافين جو معاوضو هُن جهان ۾ هزار ڳُنا وڌيڪ ٿي ملي!؟ پر ڇا ٻيو جهان آهي بہ سهي يا سڀ ڪجهہ هتي ئي آهي!؟ موت ٻيءَ دنيا ڏانهن ڪُلندڙ دري آهي, تہ هوءَ دنيا ڪهڙي هوندي؟! موت حتمي اختتام ئي آهي, تہ پوءِ پيدائش پويان ڪهڙو مقصد آهي؟! ڇا هي ڪائنات ايئن ئي آهي يا نہ. جيئن انسان ان کي ڏسي سگهيو آهي؟!

هن ڪائنات جي تخليق پويان ڪهڙو محرڪ موجود آهي؟! خلا ۽ مادي کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون صورتون آهن؟!

ارتقا جو نظريو، 'بِگ بينگ' کان پوءِ واري ٻيٽي کولڻ لاءِ ته ٺيڪ آهي، پر اڳتي جي اسرارن پويان ڪهڙا اسباب موجود آهن؟! ڇا ڪائنات کي تفسير ڪرڻ انسان لاءِ ممڪن آهي به يا نه؟ اگر نه، ته پوءِ فلڪيات متعلق انساني علم، سائنس فڪشن کان وڌيڪ ڪهڙي حيثيت رکي ٿو؟! جُزئيات ڪُل ۾ ۽ ڪُل جزئيات ۾ پيوند ٿي پوڻ اگر ممڪن ناهي ته پوءِ شين کي نه اجتمائي شڪل ۾ ڏسڻ درست آهي ۽ نه وري باريڪين ۾ پرکڻ انصاف آهي؟! محدود کي لامحدود ۽ لامحدود کي محدوديت ممڪن ناهي ته ان جي اصليت جو علم به سواليه نشان تي پوي ٿو؟! فنا مان بقا ۽ لاعلميءَ مان ٿي علم کي اُٺو آهي، ته پورائيءَ جي پالن وارو فلسفو ڪيئن ٿو بيان ڪري سگهجي؟! لاتعداد سوال، سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ شاديءَ جي ورهائجندڙ ڪارڪن تي مِڙي ايندڙ ٻهراڙيءَ جي ٻارڙن جيان اڳيان پويان اچي بيٺا! سڀني سوالن کان جند ڇڏائڻ لاءِ بس ايترو ئي سوچي سگهيو هئس:

"سائنس جو بنيادي نقص اهو آهي، جو اها پنجن حواسن جي قيد ۾ آهي، جڏهن ته مفروضن، مذهبن کي بيوزن بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي! اصل حقيقت بيان ڪرڻ جي شيءِ نه، پر محسوس ڪرڻ جي مام آهي، جنهن لاءِ غير معمولي حسي قوت گهربل آهي! جتي زمان ۽ مڪان ٻيهجي وڃن ٿا، سائنس اتان ئي اورتي موٽي ٿي. جڏهن ته روحانيت اتان کان اڳتي شروع ٿئي ٿي!"

ان ئي لمحي گليءَ جي اوندهه ۾ هڪ پاڇولو سُرندي نظر آيو هئم. ويجهو کان گذرندي، مون تي نظر پيئي هيس ته ڇرڪي پرتي هٽيو هو. ڪيس سڏ ڪيم:

"ڪهڙو ادا؟"

شايد منهنجو آواز سُڃاڻي ويجهو هليو آيو هو. تڏهن سڃاتم ته هُو آصف جو ننڍو ڀاءُ هو. پرسان ويهندي، خوف مان جهيڻي آواز ۾ پڇيائين:

"هتي وينو آهين، لڳي ٿو تو کي خبر ناهي؟!"

عجب مان وراڻيم:

"ڪهڙي خبر؟!"

چيائين:

"راحت، شمن ۽ الهداد سان گڏ لڪاڏني لڙڪ جو نالو به کنيو هو. تيون ڏينهن کيس هتان ئي پوليس گرفتار ڪري ڪٽي ويئي هئي. ڇون ٿا لڪاڏني لڙڪ کي به پوليس هاف فرائي ڪيو آهي ۽ هن وڏو گند ڪيو آهي."

منهنجو هانءُ ڦاٽڻ لڳو. مال جي واڙي تي مزدوري ڪندڙ مسڪين ٻالاپولي شاعر کي، بدمست اهلڪارن عمر ڀر لاءِ معذور بڻائي وڌو! مون کي سندس زير ڪفالت گهر ڀاتين جي ننڍڙڪائي ۽ مظلوميت جو درد ٻڪ وجهڻ لڳو.

پرسان ويٺل نوجوان، خونخوار جانورن جي علائقي ۾ نديءَ تي پاڻي پيئڻ لاءِ ايندڙ هرڻيءَ جيان خوف مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي سڙٻاٽن ۾ چيو:

"آصف جو نالو به لکاڏني کنيو آهي. اڄ منجهند جو پوليس اسانجي دڪان تي ڇاپو هنيو هو. آصف هٿ ڪونه آيو. ٻاهران ويٺل بابا کي ڪٽي ويا آهن."

مونکي هڪ ئي وقت الاءِ ڪيترن اُلڪن ۽ انديشن جا وڇُون ڏنگڻ لڳا!

"آصف ڪانپوءِ منهنجو نمبر اچي سگهي ٿو؟! آصف واندڪائيءَ جي لمحن ۾ لکاڏني لڙڪ جو سنجيده ٻُڌندڙ هوندو هو. سندس ٻيو آپشن آءٌ هوندو هئس. هن موچڙا ڪُٽ ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملي ۾ شموليت جو به اعتراف ڪيو هوندو، اتي مون ڏانهن سندس ڏيان نه ويو هجي، ايئن ٿي ئي نٿو سگهي!؟ هن منهنجو نالو کنيو هوندو ته پوليس منهنجي پنيان به لڳل هوندي! عنقريب آءٌ به فل فرائي يا هاف فرائي ٿيڻ لاءِ پوليس حراست ۾ هوندس! ٿي سگهي ٿو آءٌ به پوليس ٽارچر جي عذيت سان اتڪي وري شڪيل، اسلم ۽ ڪن ٻين بيگناهن جا نالا ڪٽي ڪين ٻُوهي ۾ هٽائي وجهان؟! ٿي سگهي ٿو منهنجي بدران پوليس بابا کي ٿاڻي تي گهيلي بيعزتو ڪري؟!"

آصف جي ڀاءُ سڙٻاٽن ۾ ڪجهه چيو پر واليوم ايترو سِلو هو جو ڪجهه به ٻُڌي ڪونه سگهيس. صرف ايترو محسوس ڪري سگهيس ته ڀتين کي ڳن ڪهڙين حالتن ۾ نڪري ايندا آهن؟! تڏهن ئي سڙٻاٽن ۾ پڇيم:

"ٻُڌي نه سگهيس، ڇا چيئي؟"

هن ڪجهه ڏاڍيان چيو:

"ڪنفرم ڪونهي، پر ٻُڌڻ ۾ اهو به آيو آهي ته لکاڏني لڙڪ تنهنجو نالو به کنيو آهي!"

وڃي پيو هئس. پڪ ٿي پيئم ته لکاڏني لڙڪ، نه رڳو منهنجو نالو کنيو هوندو، پر پنهنجي شاعريءَ ۾ محبوبا جي خيالي روپن جيان، ڪيئي من گهڙت وارداتون به مون سان منسوب ڪري، پوليس جي ڏنڊن کان وقتي جان ڇڏائي هوندي!؟

ان وقت يادن ۾، لکاڏني لڙڪ جو بظاهر معصوم نظر ايندڙ چهرو، مون اڳيان ٻُجان جوڳو ٿي پيو. ڏند ڳرٽي سوچيم:

"اجايو دماغي نَٽ لُوز ٿيل شاعر سان همدردي ڪري، پاڻ کي ڏچي ۾ هٽائي وينو آهيان. پڪ سان هن ٻهرين انهن جا نالا کنيا هوندا، جن هن جي شاعري گهڻي ٻُڌي هوندي! سچپُٽرن جي سنگت ۾، اهي نالا سندس شاعراڻي ذوق ۽ نفيس حافظي جو حصو ٿي ڪون سگهيا هوندا. جن سندس شاعري ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري، ڪيس ٽاري ڇڏيو هوندو يا وري ڇڙٻ ڏيئي چلتو ڪيو هوندو!"

لکاڏني لڙڪ سان ماضيءَ جون ملاقاتون ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو ڪارڻ بڻجي پيون!

آصف جو ڀاءُ اٿي وڃڻ لڳو. ويندي ويندي ٻيهي رهيو. ڄڻ ڪجهه ياد آيس. واپس اچي سڙٻاٽن ۾ چيائين:

"نئون ايس. ايڇ. او خردماغ قسم جو ماڻهو آهي. ڏوهه ختم ڪرائڻ جي ماليا خوليا ۾ ماڳهين سُڪن سان گڏ ساوا به ساڙيو ڇڏي. پر چون ٿا ته پئسي جو پُٽ آهي. توڪي صلاح ڏيان ٿو مُٺ گرم ڪرينس ته پڇر ڪونه ڪندو. پر ٿوري تي راضي ڪون ٿيندو!"

خاموش رهيس.

"ٿوري تي راضي ڪونه ٿيندو" واري جملي سبب سندس صلاح مون لاءِ ناقابل عمل بڻجي پيئي هئي!

هن رازداريءَ مان چيو:

"اسان آصف ۽ بابا وارو مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ ڪائونسلر صاحب کي ايس. ايڇ. او وٽ موڪليو آهي. 50 هزار گهريا اٿس. اميد ته جلدي مسئلو حل ٿي ويندو. پئسو وري ڪمائي وٺبو!"

50 هزارن جو ٻُڌي سندس صلاح ۾ بچيل کُچيل دلچسپي به پساهه پورا ڪري ويئي هئي!

آصف وارن متعلق اڳي به دوستن کان افواهه ٻُڌا هئم ته ريزڪي دڪان جي آڙ ۾ هيروئن کپائيندڙ هئا. پر ان ڏينهن پڪ ٿي پيئم ته ڪٿي نه ڪٿي معاملو گڙٻڙ جو شڪار ضرور هو!

هُو ڇپي ڇپي وڃڻ لڳو. آءُ اتي ئي اونده ۾ وينو رهيس. ان ڏينهن الاءِ ڇو؟ اونده مون کي تحفظ جي احساس سان ڀرپور ۽ ساهه سيبائيندڙ لڳي رهي هئي. پر چند ڏينهن کان تنهنجي تصور سان معطر بڻيل من کي، اوچتو آصف جي پاءُ جي ٻُڌايل ڳالهين بي رنگ ۽ بد رونق بڻائي وڌو هو. توسان لاڳاپيل رنگين سوچن جي گل ٻاٽيءَ کي، پوليس کان ٻڌجڻ ۽ فرائي ٿيڻ جي خوف جا زهريلا جيت وڪوڙي ويا هئا. لڪاڏني لڙڪ کي بددعائون ڏيندو اُٿيو هئس. سامهون گاڏيءَ جون روشنيون ڏسي ڀرواري گليءَ جي اونده ۾ هليو ويس.

گاڏي آصف جي دڪان اڳيان اچي بيٺي هئي، تڏهن پڪ ٿي پيئي هئم ته اها پوليس موبائل هئي. موبائل اڳيان ڪي پوليس وارا به هيڏانهن هوڏانهن ڇُرندي ڦِرندي نظر آيا هئا. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پوليس جو خوفناڪ ترين تصور سامهون آيو هو. راحت، لڪاڏني لڙڪ ۽ ٻين سان پوليس جي ڪيل سلوڪ جو خيال ايندي ئي بدن ۾ سيئوڪڙي ٿي رهي هئي. ڳولي ڳولي گلين جي اونده ۾ ٻُڏل پاسن تان گذري گهر پهتو هئس. بلب جي روشنيءَ ۾ بابا جي اکين اندر مچ ٻرندي ڏٺا هئم. جن مان نڪتل ڇيين ۾ پاڻ کي پُڇرندي محسوس ڪيم. بيچين ٿي امان ڏانهن ڏٺو هئم. اداسيءَ مان پڇيائين:

"پٽهين ٻاهران ٻُڌي آيو آهي ته پوليس کي ڏاڙيل پڪڙيا آهن. جن تنهنجو نالو به ڪنيو آهي؟!"

وراڻيم:

"ڪنهن ڏاڙيل نه. پر هڪ بيڏوهي معصوم شاعر، پوليس جي موچڙن ۾ وِڦلي، منهنجو نالو ڪنيو آهي."

بابا نگاهن جا اُلا اُلاري پڇيو هو:

"ان شاعر منهنجو نالو ڪونه ڪنيو. تنهنجو ڪيئن ڪنيو؟!"

جواب ڏيئي نه سگهيو هئس. ڪياڙي ڪَسري امان ڏانهن ڏٺو هئم. بابا ڪڙڪدار آواز ۾ چيو:

“مون اڳيئي ماڻهين کي ٻڌايو هو تہ ڀُٽهين جنهن سنگت ۾ هلي پيو ان جو نتيجو چڱو نہ نڪرڻو ناهي! توکي بہ چيو هئم پر ڪونہ مڃيئي نہ!؟”

چپ چاپ جو چيوگم چباڙڻ بنا ڪو چارو ڪون بچيو هو.

بابا، امان سان مخاطب ٿي چيو:

“هِن وارا سنگتي ڦُرن، ڌاڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي ڏوهن ۾ نہ رڳو شامل رهيا آهن، پر مڃي بہ چُڪا آهن. پوليس سندن بيانن موجب گينگ جا باقي ڏوهاري پڪڙڻ لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي. تنهنجو سپاڳو بہ شايد دير سوير ٺُرم ۾ وجهڻ وارو آهي.”

امان مُنهن ڦِتائي، بابا کي ڇِڙَپ ڏيندي چيو:

“ڪهڙي ويل وري آهي! وائِي تہ ڇڱي وار، پُٽ جيل ۾ ويو تہ پنهنجو پويان ڪير آهي؟”

بابا لاپرواهيءَ مان وراڻيو:

“سڄو ڏينهن گڏهہ کي ڪِٽ ڪِٽ ڪرڻ باوجود هن کي ڏکيو ڏينهن ڏسڻ ڪون ڏنوسين. پوءِ بہ پُٽهين کان پُڇ تہ ڪهڙي ضرورت هئي، اهڙي بہ نمبر سنگت ۾ اڳتي پوئتي ٿيڻ جي؟!”

امان غمناڪ اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريو هو. اهڙيون اکيون جن ۾ ماءُ جي ممتا سان گڏ، ڏيئي نہ سگهيل ڏوراپن ۽ پڇي نہ سگهيل سوالن جو درد، اڌ ڪُنل پکيءَ جيان ڦٿڪي رهيو هو. موٽ ۾ مون بہ نماڻا نيڻ کڻي نهاريو هو. اهڙا نيڻ جن ۾ يقين ڏياري نہ سگهڻ جو زخمي احساس ۽ شڪي ٿي پيل ڇپن جي اعتبار وڃائي ويٺل لفظن جي اذيت، گڏگڏ ليٽيل هئا!

ڪيئن ۽ ڪهڙن لفظن ۾ ٻڌايان ها تہ قادر ۽ فرحت معمولي اسٽيٽ ڪرائم جا مجرم هئا، جن کي پوليس مقابلي ۾ وڏا ڌاڙيل ظاهر ڪري پڪڙڻ جو ڊرامو ڪيو پئي ويو! منهنجو ڏوهہ اهو هو جو آءُ لڪاڏني لڙڪ جي سئو لکي شاعري ٻُڌندو هئس. لڪاڏني لڙڪ جو ڏوهہ اهو هو جو هُن شاعري ٻُڌائڻ خاطر راحت ۽ قادر سان عليڪ سليڪ رکي هئي ۽ اسان مان گهڻن جو ڏوهہ اهو هو جو اسان وٽ آصف وارن جيان 50 هزار موجود نہ هئا!

ان ئي ويل ادي لالان چاچي زينت جي گهران سهڪندي آئي هئي.روئڻهارڪي آواز ۾ امان کي چيائين:

“چاچيءَ جي گهر،مونکي ماين ڪُونڌي ڇڏي،چون تنهنجو پاءُ بہ نمبري ڪم ڪندو آهي،پوليس سندس پويان لڳل آهي!”

لڙڪ هاڻين اکين سان ڏسڻ کان وڌيڪ هڪ لفظ نہ ڳالهائي نہ سگهيو هئس، اهڙيون اکيون جن ۾ اڻ– اظهاريل لفظن جا گهرا گهاؤ پيوند ٿي پيل هوندا آهن!

ڪمري ۾ ڪارڙي تتر وانگر ٻولينڌڙ پنکي هينيان رکيل کٽ تي وڃي ليٽيو هئس. امان ماني کڻي آئي هئي، هڪ لولو ڪائي بہ لولا ڪيس موٽائي ڏنا هئم. امان دلداري ڏيندي چيو:

“پٽ پريشان ٿي. مونکي بہ پريشان نہ ڪر. تي سگهي ٿو پوليس وٽ تنهنجو نالو نہ هجي، ڪنهن دشمن افواهہ پکيڙيو هجي!؟”

امان واري ڳالهہ ڪجهہ حوصلو ڏنو هو پر الاءِ ڇو؟ دل ۾ اُلڪن ۽ انديشن جي ٽُٽي پيل ڪنڊن کي تسليءَ جي ڪا بہ سُئي ڪيڏي ڪونہ سگهي هئي!

پاسا ورائيندي سوچيو هئم:

“پوليس ہڏو تہ ڪهڙو سلوڪ ڪندي؟! گهر ۾ پاڙي وارا ڇا چوندا؟! مينا سان شروع ٿيل عشق جو ڇا ٿيندو؟! ۽ هوءَ جڏهن ٻُڌندي تہ آءٌ پوليس وٽ فرائي ٿيو آهيان يا وري جيل پهتو آهيان، تہ ڇا سوچيندي؟! ڪيئن يقين ڏياري سگهندس تہ آءٌ بيڏوهي آهيان!؟”

بس ايئن ئي عذابي رات گذرڻ لڳي هئي.

## (9)

راتوڪي رات جي اوجاڳي سبب اکيون ڳاڙهيون هئم. امان ناشتو ڏيئي چيو هو:
"پڪڻهين چيو آهي ته اڄ ٻاهر متان نڪرين، متان پوليس وٽ تنهنجو نالو هجڻ واري خبر سچي هجي!"
ڪنڌ ڌُوڻي "ها" ڪئي هئم.
ناشتو ڪري ليٽيو هئس ته مِناڻ تي مِڙي آيل ماڪوڙين جيان، ننڊ نيڻن مٿان وري ويئي هئي. ٽين وڳي ڌاري امان زوري اُٿاري ماني کارائي هئي. چارج تي لڳل موبائل ۾ ڪال ريڪارڊ چيڪ ڪيو هئم، ڪا به مس ڪال لڳل ڪونه هئي. ڪپڙا سبندڙ ادڙين جي هلايل مشينن جي آوازن کان گهبرائي ٻاهر وڃڻ چاهيو هئم، پر ٻاهر وڃڻ تي لڳل بابا جي بندش سبب ڪمري ۾ ويهي بور ٿيندو رهيو هئس. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو گهريلو قيد دوران آزاد چُرپُر جهڙي انمول نعمت جو حقيقي قدر معلوم ٿيو هئم. چُرڻ ڦرڻ کان معذور ماڻهن، جيل جي قيدين ۽ حويلين ۾ بند جوين سان حقيقي همدردي محسوس ڪئي هئم.
سج لٿي ويل بابا آيو هو. سندس اکين ۾ مون لاءِ موجود ڪڪرن جو مانارو بدستور موجود هو. ڪانئس ٻاهر جو واءُ سُواءُ وٺڻ لاءِ ڳالهائڻ جي رسڪ کڻي ڪونه سگهيس.
امان ٻاٿ روم مان ٻاهر نڪتي هئي ته بابا کان پڇيائين:
"پوليس ۽ ڌاڙيلن واري اڄوڪي خبرچار ڏي؟!"
"ٻي ته ڪا نئين ڳالهه اڄ ٻُڌڻ ۾ ڪونه آئي آهي، باقي ٻُڌو آهي ته ديدار جي سنگتين مان پوليس پچا ڳاڇا بعد آصف ۽ مولوءَ کي ڇڏي ڏنو آهي."
دل چيو ته بابا جي جملن مان "پچا ڳاڇا بعد" وارن لفظن جي جاءِ تي "ڏيتي ليتيءَ بعد" وارا لفظ لڳائي درستگي ڪريان، پر بابا جي امڪاني ردعمل سبب خاموش ٿي رهيس. امان چيو:
"پوليس وارا به آخر انسان آهن. ٻي ڏوهين کي نيٺ ڇڏي ڏيندا؟!"
لفظ 'انسان' سميت امان جي ڳالهايل لفظن ۾ پڻ ڪافي ساري 'اصلاح' جي گُنجائش محسوس ٿي هئي، پر بابا جي موجودگيءَ سبب ڳالهائڻ جي جرئت ڪري ڪون سگهيو هئس. امان مونکي حاڪماڻي انداز ۾ مخاطب ٿي چيو هو:
"پٽ! سڄو ڏينهن گهر ۾ پُورجي ٿڪجي پيو هوندين. وڃ، وڃي شهر گُهم! تون مجرم ته ناهين، جو لِڪو وينو هجين!"
محسوس ڪيو هئم ته اڃان خطرو ٽريو نه هو پر امان جي ڏنل حڪم ڪانپوءِ به ٻاهر نه نڪرڻ بزدلي هئي، ان ڪري ٻاهر نڪرڻ جي رسڪ کڻڻي ٿي پيئي.
اسلم جي دڪان تي آيو هئس ته هن پڇيو هو:
"اڄ ڏهاڙيءَ تي ڪون آئين، چو پلا خير ته هو؟!"

بخار هجڻ جو ڏنو هنيو هئم. هن دلبر انسان پنج سئو جو نوٽ ڏيندي چيو:

”پُٽ! وڃ، وڃي پنهنجو علاج ڪرائي.“

دڪان مان نڪري، سيٽ لائيٽ وٽان چڪر لڳائي، گلين مان گُهمي ڦِري نيٺ آصف جي دڪان تي پهتو هئس ته لائيٽ به جهٽڪو هڻي هلي ويئي ۽ هر پاسي رات جي ڪاراڻ پکڙجي پيئي هئي. آصف ميڻ بتين جي روشنيءَ ۾ مونکي ڏسي ڇرڪ ڀري پڇيو:

”تون؟!“

وراڻيم:

”ها آئون. . .! توکي تنهنجي والد جي آزاديءَ جي مبارڪ ڏيڻ آيو آهيان.“

هن خير مبارڪ چئي، رازداريءَ مان مونکي چيو:

”يار پوليس ڪل لاهڻ لاءِ ڪاتي تِکي ڪري ويٺي آهي، بابا جي رهائي بدلي سٺ هزار ورتائون. چون ٿا مولوءَ کي اسي هزار جي ڇُري لڳي آهي!“

آصف، آيل گراهڪ کي وکر ڏيئي وري پرسان اچي ويٺو. رازداريءَ مان چيائين:

”منهنجي صلاح وٺين ته معاملو ٿڌو ٿيڻ تائين، گهر کان ٻاهر نه نڪر. مون ٻڌو آهي ته لکاڏني لڙڪ تنهنجو نالو به ڪنيو آهي. الاءِ ڪهڙي سبب توکي پوليس اڃان گرفتار ناهي ڪيو؟!“

وري ڪي گراهڪ آيا هئا، هُو ڪين سامان ڏيڻ لاءِ اٿيو هو ۽ آءٌ به دڪان مان نڪري گهر روانو ٿيو هئس. گهر جي گهٽيءَ تي پهتو هئس ته گهر جو ماحول سوڳوار لڳي رهيو هو. گهر جو ڪاٺ وارو در ٽٽل هو. اندر امان ۽ ادڙين سان پاڙي جون مايون ڳالهائي رهيون هيون. پير ٻيڪڙي ٽٽل در وٽ ٻيهي، اندرئين گفتگو ڪنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هئس.

ادي وڏيءَ چيو:

”ظالمن ٿُڏا هڻي گهر جو در ئي ٽوڙي ڇڏيو!“

ادي لالان جو جملو اڌو گابرو سمجهي سگهيس:

مِروئن بابا جي اچي ڏاڙهيءَ جو خيال به نه...!؟

امان چئي رهي هئي:

شرجيل کي به پوليس پڪڙي پٽس سان گڏ ڪٽي ويئي يا اڃان مُئن کي هٿ ڪونه چڙهيو آهي! خدا خير ڪري، منهنجي مڙس ۽ ٻچڙي جو الاءِ ڇا ٿيندو؟!“

هوءَ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. تڏهن صورتحال جي سنگينيءَ جو ڀرپور احساس ٿيو هئم. منهنجي غير موجودگيءَ ۾، منهنجي گرفتاريءَ لاءِ پوليس گهر جو در ٽوڙي، اندر گهڙي بابا کي گهيلي ڪٽي ويئي هئي.

اندر وڃي امان ۽ ادڙين جي اداس چهرن کي ڏسڻ ۽ اذيت ناڪ سوالن جا جواب ڏيڻ جو ست، پاڻ ۾ ڪونه ساريم. پير پير ۾ ڏيئي واپس مُڙيو هئس. پرسان اونداهيءَ ۾ ٻُڏل اڌ ڊٺل عمارت ۾، سِرن جي ڍِڪي تي ويهي، حالتن تي سوچڻ لڳو هئس.

گهڙيءَ جي گهوٽالي سمورو ماحول ايترو تڪڙو تبديل ڪري ڇڏيو هو جو اکين کي اعتبار ئي نه پئي آيو. صرف ٻه ڪلاڪ اڳ ان ئي گهر مان سڀ ڪجهه ٺيڪ ڏسي نڪتو هئس، جنهن گهر جو هاڻ در ٽُٽل هو ۽ جتي امان پوليس وارن کي پاراتا ڏيئي، مون ۽ بابا جي سلامتيءَ جون دعائون گهري رهي هئي.

مون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس وري گهر تي ڇاپو هڻي سگهي ٿي، ان ڪري گهر وڃڻ خطري کان خالي ڪونه هو! اڄوڪي رات ڪنهن دوست وٽ ترسڻ جي حوالي سان سوچڻ لڳس. پر سيئي مون جهڙا ڏُتڙيل حال محسوس ٿيا، جن وٽ غيرت ۽ پرديداريءَ جا روايتي ۽ غيرروايتي تصور ته موجود هئا، پر اضافي کٽ ۽ بينڪ جو بندوبست ڪونه هو جو ڪنهن مهمان کي ترسائي سگهن، مورڳو گهر ڀاتي به اوور لوڊ حالت ۾ هوندا هئا!

برادريءَ وارن رشتيدارن وٽ وڃڻ، مون مناسب ڪونه سمجهيو، ڇو ته سندن جهونڙين جي روين ۽ پوليس جي سلوڪ ۾ ڪو خاص فرق ڪون هو. اسان جي صوبي جي پوليس گولين سان جسمن کي فراءِ ڪرڻ تي هريل هئي، جڏهن ته اسانجي برادريءَ جون جهونڙيون لفظن سان هر هر روح کي فراءِ ڪندڙ هيون!

مايوس ٿي گهر وڃڻ متعلق سوچڻ لڳس. ان ئي ويل پوليس موبائل وري اچي منهنجي گهر اڳيان بيٺي. اڌ ڊٺل عمارت جي وڏيڪ اونداهي ڪُنڊ ۾ وڃي بيٺس. عمارت جي ڊٺل حصي جي وٿين مان ڪي پاڇولا منهنجي گهر ڏانهن ڇُرندي ڏٺم. گهڻن آوازن جي شور مان صرف هڪ ڳرو آواز ٻُڌي سگهيس، جيڪو پڪ سان ڪنهن ترڙي پوليس واري جو هو:

“مائي تنهنجو حرامي پٽ هاڻي هاڻي آصف جي دڪان وٽان سِڌو اورتي آيو آهي، آخر ڪٿي لڪايو اٿئي؟!”

پنهنجي پاڇي کان ڇرڪڻ لڳس، سوچيم:

“آصف جي دڪان کان سڌو اورتي اچڻ تائين، پوليس مخبرن جي نظر ۾ هئس. هينئر الاءِ ڪيئن آهيان؟!”

وري ڇرڪي آسپاس نهاريو هئم. جڏهن تسلي ٿي پيئي ته آسپاس ڪير به موجود ڪونه هو تڏهن وري آواز ڪنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئم. هاڻ گهڻا آواز گڏجي پيا هئا، شور وڌي ويو هو. سوچيم:

“هن عمارت ۾ عام طور چرسي لڪي لڪي سُوٽو هڻندا آهن، آسپاس ڳولا ڪندي پوليس جو ڌيان هن عمارت ڏانهن وڃي سگهي ٿو جيڪڏهن پوليس وارا هيڏانهن هليا آيا ته؟!”

مون ڪُڙين کان هيٺ تائين، پگهر وهندي محسوس ڪيو. پهرين خيال آيو ته پوليس اڳيان پيش ٿي گرفتاري ڏيان ۽ بابا سميت ٻين گهر ڀاتين کي ذلالت ۽ روز روز جي اُبتين پُڇائن مان نجات ڏياريان، پر وري سوچيم:

“جيڪڏهن مون کي گرفتار ڪيائون ته منهنجي جسماني بناوت ۾ مڇن جا شهپر ڪجهه اهڙا آهن، جو گهٽ ۾ گهٽ هاف فراءِ ڪان ڪان اورتي بخش ڪونه ڪندا. ان ڪري بهتر آهي ته ماحول ٺڏو ٿيڻ تائين پاسيرو ٿي وڃان. پر وڃان ته ڪيڏانهن وڃان؟ ڪٿي وڃان؟!”

پوبان ٻئي سوال واسينگ جيان ڦڻ ڪڍي ڏنگڻ لڳا! وري سوچ جو لغام ٻئي پاسي موڙيم:

“بابا کي بيگناهه ٽاٽي تي گهيلڻ ۾ اسان سيني کي اجايو تنگ ڪندڙ پوليس خلاف عدالت ۾ وڃان، پر وڪيلن جي فيس، رولڙن ۾ پوليس جي امڪاني انتقام جي اندازن دلشڪسته ڪري وڌو!

پوليس موبائل جي انجڻ اسٽارٽ ٿيڻ جي آواز سان گڏ دل جي ڌڙڪن به تيز ٿي پيئي. موڙ ڪٽڻ بعد جڏهن پوليس موبائل جي لائٽس جو رُخ سِڌو اڌ ڊنل عمارت ڏانهن ٿي پيو ته مون پاڻ کي سُڄ ۾ ڏاڙهيندڙ ڪُتن جي گهيري ۾ آيل پوڙهي پرديسيءَ جيان بيوس ۾ بيرحم حالتن جي حوالي ٿيل محسوس ڪيو! ڊنل عمارت جي وِٿين مان چيرن جيان ايندڙ روشنيءَ جي سنوت کان پاڻ بچائيندو اڳتي پڳو هئس. خوشقسمتيءَ سان اڳيان ديوار جو ٽڪرو تازو ڪِريو هو. جتان ٽِپي ٽِڙندو ٿاٻڙجندو ٻي گليءَ ۾ آيو هئس.

پوبان موبائيل بيهڻ سان گڏ مختصر وقفي سان ٻن فائرن جو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو هئم. زندگيءَ جي تيز ترين ڊوڙ لڳائي، ڄاتل سُڃاتل گلين مان گُهٽون هٽندو الاءِ ڪيترو اڳتي هليو آيو هئس! خوش قسمتي اها هئي، جو ڪٿي ڪنهن ڪثرتي نوجوان سان ٽڪراءُ ڪونه ٿيو هو ورنه مونکي چور سمجهي جهلڻ جي مشق ضرور ڪري ها.

هڪ هنڌ هڪ پوڙهيءَ عورت سان ٽڪرائجڻ کان ذري گهٽ پاڻ بچايو هئم. هن پاراتو ڏنو هو يا ماڳهين گار ڏني هئي، افراتفريءَ ۾ سمجهي نه سگهيو هئس. ريلوي ڪوارٽرن وٽان گُهٽون هٽندو سوڙهين گلين ۾ گهٽو اڳتي نڪري آيو هئس. جيئن جيئن رفتار آهستي ٿي هئي، تيئن تيئن ‘ڪيڏانهن؟’ ۽ ‘ڪٿي؟’ وارا سوال قميص هيٺيان ڦِهڙي ويل وِڇُونءَ جيان ڏنگڻ لڳا هئا! تڏهن ئي دودي جي ياد آئي هئم، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مونسان گڏ پڙهيو هو. جهڏي ۾ سان سندس هلڪي ڦُلڪي زميداري هئي. تازو ايم. اين. اي جي ايجنٽ کي ٽي لک روپيه ڏيئي تپيدار ٿيو هو. نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ميرپورخاص ۾ رهندڙ هو. سندس رهائش گهٽو پري ڪونه هئي، پر اها خبر نه هئي ته مون مهينو سوا اڳ جنهن رهائشگاهه تي ڪيس ڏنو هو، اتي ئي رهائش پذير هو يا وري رهائش گاهه بدلائي چڪو هو؟!

پاڻ کي ٻرندڙ ٻاهه واري بند گليءَ ۾ بيٺل محسوس ڪيو هئم. اوچتو گهٽُو اڳ هاسٽل جي ڪمري ۾ دودي جا ٻُڌايل جملا ياد آيا هئم:

“مون کي ننڍپڻ کان ئي، مفرور ماڻهو وڻندا آهن. بابا وٽ اوطاق تي اڪثر روپوش ڪامريڊ ۽ قوم پرست ايندا رهندا هئا، جن جي صحبت مونکي ڪتاب پڙهڻ ڏانهن راغب ڪيو.”

دودي جي رهائش گاهه ڏانهن تکو تکو ويندي، هڪ سوال پوئتي ڇُٽي پوندڙ بندوق جي نَڪاءُ جيان لڳو هئم!

“دودي جي مڪان کي تالو لڳل هوندو ته؟!”

بجلي نہ هجڻ سبب دودي جو مڪان پري کان اوندهہ ۾ ٻڏل نظر آيو هو. ويجهو وڃڻ سان گيٽ جي دروازي جو ڪليل تاڪ ڏسي، ايتري خوشي ٿي هئم، جيتري سالن کان وڇايل ڀور ليندڙ ٽري پاڳيي کي ٿيندي آهي! سندس مڪان ۾ داخل ٿي، دروازو اندريان بند ڪيو هئم. در جو کڙڪو ٻڌي اڱڻ تي ڪرسي رکي ويٺل دودي سولر لائيٽ جو رخ مون ڏانهن ڪيو هو. حيرت مان پڇيائين:

"شرجيل تون . . .!"

روشنيءَ ۾ اکيون ڇنجهيون ڪري وراڻيم:

"ها آءٌ پر پويان پوليس اٿم، هيستائين نہ اچي سگهي ٿي!"

دودي ڪيڪارڻ لاءِ پاڪر ۾ پريندي چيو:

"پوليس ڦڏاين پويان هوندي آهي،تون جڏو مطلب شريف آهين،پوليس توکي پڪڙي ڇا ڪندي؟!" ورراڻيم:

"بدمعاشن پويان بااثر هٿ هوندا آهن. سندن گرفتاري لاءِ اڌ ڪلاڪ ۾ اٺ ڏهہ فون اچي ويندا آهن. پر شريفن کي ڏوڪڙ ڇڏائيندا آهن، ان ڪري پوليس اڄڪلهہ شريفن پويان پيل آهي!"

ان ئي ويل لائيٽ موٽي هئي. اسين ٻئي هلندا، ڪمري ۾ پلنگ تي وڃي ويٺا هئاسين.

دودي کي توسان هيستائين هليل محبت ۽ پوليس جي پڪڙ ڌڪڙ متعلق ٻڌايو هئم، تہ حيرت مان ٽِڪ ٻڌي مونکي ڏسڻ لڳو هو. ايئن جڻ آءٌ ڪاليج ۾ ساٽس گڏ پڙهندڙ شرجيل مان بدلجي ڪنهن ٻي جُوڻ ۾ هليو ويو هئس ۽ منهنجي مٿي تي سنڱ بہ نڪري آيا هئا!

"يونيورسٽي لائيف ۾ تون ڇوڪرين جي معاملي ۾ ڪورو ڄٽ هُئين. ڪن قابل رشڪ ڇوڪرين جي بہ تو ۾ دلچسپي موجود هئي، پر تو ڪين بيدرديءَ سان رد ڪري، سندن گهمنڊ جو گهر زمين دوز ڪري ڇڏيو هو. پر هاڻ وري هي مينا وارو چڪر سمجهہ کان ٻاهر آهي؟!"

"سمجهائجي نہ سگهندڙ لفظن" جي درد جو زهريلو ڏڪ، نڙيءَ ۾ ڄهلي، بيوسيءَ مان ڳالهايم:

"مينا سان شروع ٿيل محبت، منهنجي سمجهہ کان بہ مٿاهين آهي، بس هُن جي اکين ۾ ڏسي وجداني ڪيفيت ۾ وڪوڙجي پوندو آهيان. نظرن سان نظرون ملائي رکندئي، هڪ لمحو اهڙو بہ ايندو آهي، جڏهن آءٌ، آءٌ نہ رهندو آهيان.... هوءَ، هوءَ نہ رهندي آهي! ان ڪيفيت کي موجودهہ لفظن ۾ اظهارڻ منهنجي وس ۾ نہ آهي!"

دودي بي اعتبار نظرن سان ڏسندي پڇيو:

"جادو وغيرهہ جي ور تہ نہ چڙهيو آهين؟"

ڪيس ياد ڏياريم:

"آءٌ ئي هُن پويان لڳو آهيان، هوءَ نہ!"

دودو سوچ ۾ پئجي ويو. ان ئي لمحي ٻن ٽن گاڏين جي آواز سان گڏ، ٻاهريون در زور سان کڙڪيو: روح پاتال تائين ڪنبي پيس. آهستي چيم:

“دودا پوليس بہ ٿي سگھي ٿي!”

دودي ڦهريون ڦيرو پوليس معاملي کي سنجيدهہ وٺندي چيو:

“هيڏانهن اچ”

ساڻس گڏ گڏ هلندو اسٽور روم ۾ آيو هئس. هن جالي تي رکيل سوڙن، رلين ۽ ڪمبلن جي ڍير پويان اشارو ڪري سڙٻاٽن ۾ چيو:

“ليٽڻ جيتري اسپيس موجود آهي، ليٽي پؤ!”

سندس حڪم جي تعميل ڪئي هئم. هن در بند ڪري تالو ڏنو ۽ پوءِ گيٽ ڏانهن هليو ويو هو.

ٻاهريون در کلڻ جي آواز سان گڏ، منهنجي دل بہ زور زور سان ڌڙڪي هئي. چند گهڙين بعد اڱڻ تي ڪيترن ئي قدمن جي هلڻ جو آواز ٻڌو هئم. پڪ ٿي پيئي هئم تہ، پوليس منهنجي ڳولا ۾ اسٽور روم ضرور کوليندي ۽ اسٽور روم کلڻ بعد سندن ڌيان سَوَڙن ۽ ڪمبلن جي ڍير پويان نہ وڃي؟ ايئن ٿي ئي نٿو سگھي!؟

دودي جي ڪمري مان گهڻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جا آواز ايندا رهيا. ڪنائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ڪو بہ لفظ سمجهي نہ سگهيس. اڌ ڪلاڪ بعد وري اڱڻ تي گهڻن ماڻهن جي قدمن جا آواز اُڀريا، ۽ پوءِ در وٽ گاڏين جي اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو. چند ئي گهڙين بعد اسٽور روم جو در کليو. دودي کلندي چيو:

“هاڻ ڀگھر اُڳهي ٻاهر اچ، پوليس هلي ويئي!”

مون سان گڏ ڪمري ڏانهن ويندي، دودي چيو:

شادين جي خريداريءَ لاءِ ڳوٺان مائٽن جون پوريون ٽي گاڏيون ڀرجي حيدرآباد ويون هيون. واپسيءَ ۾ مونسان ملڻ لاءِ هتي هليا آيا. ڦهريان آءٌ پاڻ بہ پريشان ٿي ويس. ڀانيم پڪ سان پوليس آهي!”

دودي جا ٽهڪ سندس سگريٽ جي دُونهين جيان ڪمري ۾ پکڙجي، درين جي وٿين مان ٻاهر نڪرڻ جا رستا ڳولڻ لڳا!

# (10)

هوٽل تان آنڌل پراڻا ۽ ڍهيءَ وارو ناشتو ڪرڻ بعد ڊودي چيو: ”آءٌ هاڻ ٻاهرئين در کي تالو لڳائي وڃان ٿو ۽ وڳي واپس موٽندي هوٽل تان منجهند جي ماني وٺيو ايندس. کير فِرج ۾ موجود آهي، چانهه جو مُوڊ ٿئي ته بورچي خاني ۾ هليو وڃجان. اتي ئي ڪنڊ ۾ پتي به موجود آهن..

خاموش رهي ڪيس چتائي ڏٺو هئم. هن ڪلي چيو:

”مونکي خبر آهي، ته تون رستن جو رولاڪ آهين. بند ڪمرن جي اڪيلائي توکي ڏاڙهيندي. پر في الحال تنهنجو لڪل رهڻ انتهائي ضروري آهي.“

هُو هليو ويو هو. سندس وڃڻ بعد تنهائيءَ جي احساس ۾ تنهنجون سدا سُرهيون ساروڻيون، ڪونجڙين جي ولرن جيان دل جي ڪيت مٿان لٿيون هيون.

تنهنجين اکين ۾ پاڻ وڃائڻ کان ڪلفيون ڪٽندي، تنهنجين ٽچ اسڪرين آڱرين ۾ پاتل گولڊن مُنڊيءَ جي چمڪ تائين، توسان لاڳاپيل سمورا تصور، ڪِريم بورڊ جي هول ۾ ڪيرايل ڪُٺين گوٽين جيان دل ۾ ڪتڪائي ڪندڙ لڳا هئم!

ڪلفي گاڏي تي اک ٽيٽ ادا سان، آهستي آهستي همراز هدايتون ڪرڻ واري تنهنجي گلابي يادگيري، خوشبُوءِ جي جهونڪي جيان من کي معطر بڻائي ويئي هئي! موبائل تي ٽيل ڪچهريءَ ۾ تنهنجن لبن تان نڪتل لفظن جا پوپٽ سماعتن ۾ سُرڻ لڳا هئا! سوچن ۾ ئي سهي، تنهنجن لفظن جي اگر بتين جا واس وٺندي، زندگي انڊلٺ-رليءَ تي سمهڻ جي دلفريب سپني جهڙي ٿي پيئي هئي!

تون ڪهڙن پولارن جو پکي هُئينءَ؟ ويجهو اچي وري ڏُور اُڏامي ويندي هُئينءَ؟! ۽ اکين کان الوپ هوندي به اکين اڳيان اچي ويندي هُئينءَ!؟

زندگيءَ جي بدترين حالتن ۾ به تنهنجو تصور سُرور جا سِجَ اُڀاري وٺندو هو... جاڳ تي ننڊ جو ۽ ننڊ تي جاڳ جو گمان توسان لاڳاپيل خيالن جو ئي معجزو هئا!

ان ڏينهن پڻ ڊودي جي وڃڻ بعد پوليس ۽ گهر سان لاڳاپيل ڏکوئيندڙ سوچن کان جند ڇڏائڻ خاطر، ٿر جي ڪولهي ٻارڙي جيان تنهنجي تصور جا مور-پنک چُونڊڻ لڳو هئس. تنهنجي تصور جي دلبري، ياڪر ۾ پيرڻ بعد دل اوچتو ڪنڊن جي سيج تان اٿي وڃي نيل گگن تي پينگهون ٻڌي لُڏڻ لڳي هئي!

سوچيو هئم:

”دردناڪ حقيقتن کي هارائيندڙ سهڻن ۽ خوشبودار خيالن کي، سماجي ٺيڪيدارن طرفان ممنوع بڻائڻ به دنيا جي وڏن هاڃن مان هڪڙو هاڃو رهيو آهي!“

ان ئي ويل کيسي ۾ رکيل موبائل جي ميسيج ٽيون ڏيان ڇڪايو هو. ميسيج تنهنجو هجڻ واري خوش فهميءَ جو ڇيڳر ڦُوڪيندي، موبائل اسڪرين ڏانهن ڏٺو هئم. ٻئي لمحي مايوسي پلئي پيئي هئي، ڇو تہ ميسيج نيٽ ورڪ طرفان آيل هو.

موبائل فون بيڊ جي سيرانديءَ رکي، وري تنهنجن خيالن سان ڳراٽي پاتي هئم، پر ان ئي لمحي وري موبائل جي ڪال بيل وڄي هئي. اسڪرين تي تنهنجو ئي نمبر مرڪي رهيو هو. تو سان ڳالهائڻ جي سَڌَ، اڌوري ڇميءَ جيان اندر جي عميق گهراين ۾ گم ٿي ويئي هئي، ڇو تہ تلخ سچاين جي ڪاريهر ڏنگي وڌو هئم.

”جن حالتن مان لنگهي رهيو آهيان، تن کي هُن ڪان لڪائڻ لئہ ڪهڙو ڪوڙ ڪريان؟! سڀ ڪجهہ ٻُڌايان تہ ڇا هوءَ منهنجي بيڏوهي هجڻ تي يقين ڪندي؟! مون کي مفرور ملزم سمجهڻ بعد سندس دل مٿان ڇا گذرندو؟! منهنجي باري ۾ سندس احساس ساڳيا رهندا؟“

خيال، گولين جا ڪڙڪاٽ ٻڌجي پيا. جن ۾ هينئڙو مور پکيءَ جيان ڇرڪڻ لڳو هو!

ڪال رنگون وڄڻ لڳيون، هڪ ٻہ ٽي... پر هر پيري ڪال رسيو ڪرڻ بدران آڱرين کي حسرت سان ڏٺو هئم. پاڻ کان ٻُڇان ٿيڻ لڳي هئي، سوچيم:

”جڏهن فون تي سچ ڳالهائڻ جي جرئت ختم ٿي پوندي آهي، تڏهن انسان ڪال ڪٽڻ ڪان نٽائيندو آهي! ڪن لاتار نموني بازي ۾ ملاوت، ڪُوڙ جون ئي ننديون پينرون آهن!“

تڏهن ئي تنهنجي ڪرشماتي محبت اندر جي اٿاهہ گهرائين مان پاڻيءَ جي سرچشمي جيان ٻاهر نڪري آئي هئي. خيالن ئي خيالن ۾ تون اڳيان اچي بيٺي هُئينءَ. تنهنجي ڇهري جي چنچل چاندوڪي ۽ تنهنجي نيڻن جي نرالين نگاهن ۾، وجود جو احساس وساري وينو هئس

بيساختہ موبائيل کڻي، تنهنجو نمبر ملايو هئم. سامهون ٻئي رنگ تي ئي ڪال وصول ڪري، ”هيلو“ چيو هيئي.

جهٽ پٽ مون طرفان ڪال نہ ڪٽڻ جو سبب پڇيو هيئي!

اندر ۾ سالن کان پاليل ڏتن، اٿڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر تنهنجي محبت جي ماڪ ۾، ملاوتي خيالن جي ماڪوڙن شايد اجتماعي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي! تڏهن ئي تہ تنهنجي امڪاني ردعمل کان بي پرواهہ ٿي، مونسان ٿيل سموري ٽريجڊي سربستي توکي ٻُڌائي هئم! ”ها“ ۽ ”هُون“ کان وڌيڪ هڪ لفظ بہ ڪونہ ڳالهايو هيئي!

ڳالهہ پوري ڪرڻ بعد، تنهنجي ردعمل کي ڄاڻڻ جو تجسس، سندم دل جي ٻر ۾ واسينگ وانگي ڏوٽون هٽندو رهيو هو پر تون ماٺ جي ٻانهُن ۾ ٻکيل هُئينءَ!

”هيلو“ ڪري، لائين تي تنهنجي موجود هجڻ جي تصديق ڪئي هئم. ”جي!“ تہ وراڻيو هيئي، پر ماٺ ڇو ٿي ويئي هيئين؟؟!

اهو معمو ئي مون لئہ ڪنڊن جي اُلٽي ٿي پيو هو! ڇا مونکي ڏوهاري سمجهي پنهنجي رويي تي پشيمان ٿي رهي هُئينءَ؟! يا وري مون جهڙي ڪنگال جنونيءَ مان جان ڇڏائڻ لئہ ڪا ترڪيب سوچي رهي هُئينءَ!؟

تنهنجي پُراسرار ماٺ جي ٿڌل ريٽ تي، پيرن اگهاڙي ڀار جيان هلي نہ سگهڻ باوجود هليو هئس!

ڪُجهہ لمحن بعد پڇيو هئم:

”ڇا پيا سوچيو؟!

هن ڀيري مختصر خاموشيءَ پُڇاڻان وراڻيو هيئي:

”بس اهو ئي تہ تنهنجي مدد ڪيئن ڪجي!؟“

ڇرڪي پيو هئس. ڪنن کي اعتبار ڪونہ آيو هو! ورائي پڇيم:

”ڇا چيئي؟“

”سوچيان پيئي، ماما ڊي. ايس. پي کي تنهنجي مدد لئہ چوان يا وري ايس. ايڇ. او چاچي سان ڳالهايان، پر مسئلو اهو آهي، جو تنهنجو تعارف ڪهڙي رشتي سان ڪرايان! ويتر گهر وارن کي خبر پيئي تہ مچ ٻري ويندو! سدائين مونکي ڏسي نڪ ۾ سر وجهندڙ ساڙولي ڀاڄائيءَ تہ ٽيون ڏينهن صبح بابا کي چيو: هڪ ڪلفي جي ريڙهي وارو ڪالهہ سڄو ڏينهن پنهنجي گهر اڳيان بيٺو هو. دولت دڪان واري تہ امان کي چيو تہ ريڙهي وارو شڪي ۽ بداخلاق لڳي رهيو هو.“

تون وري ماٺ ٿي ويئي هُئينءَ. الئہ ڇو مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ شايد تون لڙڪ اگهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هُئينءَ!

مختصر ماٺ بعد چيئي:

”لڳي ٿو ڀاڄائي ماٽناٽي گهران ڪا نئين سازش ڪٽي موٽي رهي آهي، وري سڀاڻي ڳالهائيندا سين.“

ڪال ڊِس ڪنيڪٽ ٿيڻ بعد سوچيم:

هوءَ ڪهڙي مٽيءَ مان ٺهيل عورت آهي، جيڪا مونکي منهنجين سمورين قباحتن سميت قبول ڪري رهي آهي!

ڪوٽي سِڪي جيان دردر ڌڪاريل، مون جهڙي مولائي ماڻهوءَ سان همدردي ڪرڻ، مينا جهڙي مهان عورت جي ئي اعليٰ ظرفي آهي!“

بند ڪمري جي اڪيلائيءَ ۾ بي ترتيب سوچن جون ساريون ڇڙينديءَ ٿڪو هئس تہ اُٿي وڃي فرج مان کير ڪڍي بورچي خاني ۾ گهڙيو هئس. چانهہ تيار ڪري واپس ڪمري ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي، سرڪ سرڪ ڪري پيئڻ لڳو هئس. سوچيم:

”جتي پنهنجي بي گناهيءَ تي سڳي والد کي بہ اعتبار ڏياري نہ سگهيو هئس، اتي مذهبي، نسلي ۽ طبقاتي فرق باوجود مينا جو فون تي ڪيل منهنجي ڳالهہ کي، جيئن جو تيئن مڃي وٺڻ محبت جو معجزو آهي يا وري اسين ڪن رشتن کي دنياوي نالن ۾ اُلجهائي سندن درست تعين ڪري نہ سگهندا آهيون!“

تڏهن لونڊڙيءَ وٽان ڀڳهر اُگهندي، سوچيو هئم:

”تفاوتن جو منصفاڻو تعيّن نه ڪري سگهڻ ئي دنياوي علم جو بنيادي نقص آهي!“

ان ئي ويل گيٽ تي گاڏي اچڻ ۽ ڦيرو ڪائي بيهڻ جو آواز آيو هو. تيزيءَ سان اسٽور روم ۾ پهچي، جاليءَ تي رکيل سوڙن، رلين ۽ ڪمبلن پويان وڃي لڪيو هئس. چند ئي لمحن بعد در کلڻ جو آواز آيو هو. ان ئي لمحي ساڄي پير تي ڪوئو چڙهيو هئو. اسپرنگ وانگر پير کي زور سان جهٽڪو ڏنو هئم. ڪوئو ڇت کي لڳي، هيٺ ڪريو هو. زوردار رڙ هنگامي حالت سبب اندر ئي اندر ۾ دفن ڪرڻي پيئي هئي. صرف زوري ليٽايل ٻڪر جهڙو آواز ڪمري ۾ پکڙجي پيو هو! جاليءَ تي رکيل سامان کان وحشت ۽ خوف ٿيڻ لڳو هئم. ڪنهن به وقت ڪو ٻيو ڪوئو يا پٽون نڪري سگهيو ٿي!

ان ئي ويل هڪ نئين مصيبت نازل ٿي پيئي هئي. ڪوئي زور زور سان اسٽور جو در ٻاهران ڪُڙڪائي رهيو هو. تڏهن ياد آيم ته پوائنٽي تڙ تڪڙ ۾ اسٽور روم اندر ايندي، اندريان ڪنڊي لڳائي ڇڏي هئم ۽ هاڻ در ڪُڙڪائيندڙ کي پڪ ٿي پيئي هوندي ته ڪوئي اندر موجود آهي، هونئن ته اهي امڪان به موجود هئا ته اسٽور جو دروازو کليل ڏسي ڪوئي جاليءَ تي اُتاچري نظر وجهي هليو وڃي ها!

دروازو وري زور سان ڪُڙڪيو ۽ مون پنهنجي ڀڳهر کي ڪُڙين کان هيٺ ويندي محسوس ڪيو!

اوچتو سيئي واهُون وڃائي ويٺل اڪيلي شخص وارو اعتماد موٽي آيو. سوچيم:

”احتياط ۽ مُهرين کان ڊڄڻ صرف تيستائين هوندو آهي، جيستائين مٿو اُکرين کان ٻاهر هجي“!

جاليءَ تان لهي، در وٽ وڃي بيٺس. در وري زور زور سان ڪُڙڪڻ لڳو.

دروازو کوليم ته سمورن خدشن سان، سامهون اخبار هٿ ۾ کڻي بيٺل دودي جي ڏانوڻ ڏنل ڪِل ڪيتا ڪري رهي هئي!

مونکي ڏسي ٿهڪن کي ڇڙواڳ ڇوڙي ڇڏيائين. سندس ٿهڪ جڻ اڱڻ تي وسندڙ وڏ ڦُڙي مينهن جا ڦوٽا هئا... هڪ ويو ٻيو تيار...!

ڪمري جي بيڊ تي ويهندي پڇيائين:

جاليءَ تي لڪڻ کان اڳ منهنجي هجڻ متعلق سوچيو هيئي؟

وراڻيم: ”هڪ ته گهرو سوچڻ جيتري مهلت ئي ڪونه ملي؟ ٻيو وري تو وڃڻ وقت ٻڌايو هو ته تون شام ٻه بجي ڪانپوءِ موٽندين! ۽ ٿيون وري توسان گڏ فور ويل گاڏيءَ جو آواز؟!“

دودي سنجيده ٿيندي چيو:

”هڪ دوست کان پوٺوهار اڄ لاءِ اُڌاري ڪنئي اٿم. توکي ڳوٺ ڇڏڻو آهي. اصل ۾ ڪي دوست اڇا آهن، جن ۾ پنهنجو يونيورسٽيءَ وارو يار خليل به آهي، جيڪو اڄڪلهه پوليس ۾ وڏو منشي آهي. اڄ صبح مون کان تنهنجي باري ۾ پڇيو هئائين. پانيان ٿو اڄوڪي اخبار ۾ تنهنجي تصوير سميت توسان منسوب ڪيل ڏاڙن ۽ ڦُرن جا چرڪائيندڙ الزام پڙهيا هوندائين!“

دودي ذڪر ڪيل خبر تي آڱر رکي، اخبار مون ڏانهن وڌائي هئي!

خبر جي هيڊ لائينس تي ئي نظرون، ڄمي برف ٿي ويون هيون. الاءِ ڪيترا ڀيرا ساڳي ساڳي لفظن کي چِتائي ڏٺو هئم.

سُرخين ۾ ئي لڳيل الزامن، ڇنيءَ جي ٽِج ياد ڏياري ڇڏي هئي. پاڻ کي ڏاڙيل پرُو چانڊيو سمجهي پاڻ کان ئي ڇرڪڻ لڳو هئس. وڌيڪ تفصيل پڙهڻ جيتري جرئت مون ۾ ڪونه رهي هئي. اخبار دودي کي موٽائي ڏيندي، پگهر اُگهي شوڪارو هنيم. دودي چيو:

”پوليس نوڙيءَ مان نانگ، ايئن ئي ناهيندي آهي!“

ڪو تبصرو ڪري نہ سگهيو هئس. صرف نماڻين نظرن سان دودي ڏانهن ڏٺو هئم. سامهون پٽ تي لڳل آئيني ڏانهن اشارو ڪندي، چيائين: ”قينچي بہ اتي پيئي آهي، ڏِگها شهپر ڪٽي نارمل ناهي ڇڏ. باٿ روم مان وهنجي مون وارا اڇا ڪپڙا پائي، مٿي تي مون وارو هيٽ ۽ اکين تي ڪارو چشمو پائي ڇڏ. جيئن توکي هرو ڀرو ڪير سڃاڻي نہ سگهي!“

سيج رات ماڊرن شرارتي گهوٽ جون فرمائشون ٻُڌي لنوائيندڙ ڳوٺ جي نوعمر شرميلي ڪنوار جيان، دودي جي حڪم جي بجا آوري ڪندي نتايو هئم. پر دودي هجتي دڙڪن سان گڏ چيو هو:

”ياد رک تہ تون مفرور ملزم آهين. توکي پنهنجي سڃاڻپ لڪائڻ لئہ ڪيئن بہ ڪري پنهنجو پراڻُو شيپ بدلائڻو آهي“!

آئيني اڳيان قينچي هٿ ۾ جهليندي هٿ ڏڪيا هئم. ننڍپڻ کان مُڇن ۾ مردانگيءَ جي حوالي سان ٻُڌل سمورين ڳالهين جا عڪس تصور جي تالاب ۾ ترڻ لڳا هئا ! بيوسيءَ مان پوئتي مُڙي، ان اميد سان دودي ڏانهن ڏٺو هئم تہ ”من شهپرن کي جيئڏان ملي پوي.“ پر دودي چيو:

”شاباس! جلدي ڪر. توکي ڳوٺ ڇڏي مونکي واپس مهمانن کي بہ مُنهن ڏيڻو آهي!“

سالن کان سنگتي بڻيل ۽ ڇهري تي سدائين ٻن ڪارن نانگن جيان ڦُڻ ڪڍي بيٺل شهپرن مان هڪ کي قينچيءَ سان پهريون ڪٽ هڻندي، اکيون بند ڪري ڇڏيون هئم. ايئن ڄڻ ڪنواري ماءُ کي ناجائز ڄميل پنهنجي ٻار جو گلو گهٽڻو پوندو آهي!

ڏِگها شهپر مختصر ڪرڻ لاءِ گهڻي مٿا ڪُٽ بعد نيٺ مُڇن کي آخري شڪل ڏيئي، آئيني ۾ پنهنجو جائزو ورتو هئم. تڏهن لمحن لئہ پنهنجو پاڻ کي بہ اجنبي لڳو هئس! تڏهن ئي نواڻ، جهٽ پٽ قابل قبول نہ ٿي سگهڻ وارو فلسفو باريڪيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ لڳو هوا! سوچيم: ”هيراڪ حواسن جي پسند جو محرڪ خارجيت کان وڌيڪ داخليت ۾ ئي پاڙون پکيڙيندڙ رهيو آهي!“

باٿ روم مان وهنجي، ڪپڙا بدلائي، هيٽ ۽ چشمو لڳائي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو هئس. گيٽ تي بيٺل پوٺوهار ۾ ٿيلهو رکي موٽندڙ دودي مرڪي چيو هو:

”هن حُليي ۾ مون بہ ڪونہ سڃاتو. پوليس کي مجال آهي، جو توکي سڃاڻي. هونئن بہ گاڏيءَ جا شيشا بند رکنداسين. وچان ڪا خاص چيڪنگ بہ ناهي!“

پوٺوهار گاڏيءَ ميرپورخاص جي حدن کي ڇڏيو هو ته لڙڪ اکين ۾ ڦُٽي آيا هئا. پنهنجي دربدريءَ جو درد هو؟ والدين سان پوليس جي امڪاني سلوڪ جو اُلڪو هو يا وري تنهنجي پويان رهجي وڃڻ جو جهوريندڙ احساس؟! پاڻ کي گاما اسٽيڊيئم جو فوٽ بال محسوس ڪيو هئم. جنهن کي حالتن جا بلوچ رانديگر ٺُڏي رهيا هئا! اهڙو فوٽ بال جنهن جي نصيب ۾ سدائين گول جو وچوڙو لکيل هوندو آهي!

ايئن به نه هو ته ڪو ميرپورخاص کي پهريون ڀيرو ڇڏي رهيو هئس. يونيورسٽي ۾ پڙهڻ ۽ گهمڻ لاءِ ٻين شهرن ڏانهن ويندي،منهنجي هن ننڍڙي شهر کان ڏُور منهنجون ڪيئي راتيون گذريون هيون! پر اڄ الاءِ ڇو؟! منهنجي هن محبوب شهر جي ديوارن کي الوداعي نظرن سان ڏسي، اياٽين اکين جا ڳوڙها روڪڻ مشڪل لڳي رهيا هئا! سوچيم:

"ساڳيو ماڳ ۽ ماڻهو. ڪڏهن کلڻ, ته ڪڏهن وري روئڻ جو سبب ڇو بڻبا آهن؟!"

تڏهن سوچ جي ڪنهن وکرندڙ ڪُڪر مان ڪا ڦُڙي ڪري هئي:

"بدليل وقت ۽ اٽساڳي حالتن جا آئينا ئي هوندا آهن. جيڪي ساڳي ماڳن، ڏٺل وائٺل ماڻهن ۽ ڄاتل سُڃاتل شين کي بلڪل مختلف محسوس ڪرائيندا آهن!"

# (11)

جهڏي پرسان ڀرواڙيءَ ۾ دودي جي اوطاق اڳيان، انب ۽ سفيدي وڻن جي ڏگهن پاڇن ۾ رکيل کٽ تي ويٺو هئس. ڳچ دير اڳ دودو مون سان گڏ ماني کائڻ بعد سياڻي موٽڻ جو واعدو ڪري، پوٺوهار جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي هليو ويو هو. سندس وڏو ڀاءُ مانيءَ وارا برتن کڻي گهر ڏانهن ويو هو.

سامهون ڍاٽڪي پوشاڪ ۽ اڇا چوڙا پاتل عورتون مرچ چُنڊي رهيون هيون. اُس ۾ سُڪايل ڳاڙها مرچ ڏسي تصور ۾، مسڪين پوهيت جو ٽُڪيل رت، ڳاڙها جهنڊا ۽ بيگناهه ماريل عورتن جا رت هاڻا ڪپڙا نظر آيا هئم، پر ڪو خاص خيال نهي ڪون سگهيو هوس!

سامهون وهندڙ پڪي واٽر تي مهمانن جي وهنجڻ يا هٿ پير ڌوئڻ لاءِ ٺهرايل پڪي دِڪي تي ويهي، هٿ مُنهن ڌوئندي، ساڄي پاسي نهار ڪئي هئم ته، لاڙ تان لهندڙ سج جي لام، ناري جي شام کي اکيون پيچي، بيد مشڪ جي ٻيڙانگيءَ تي ٻولندڙ مسرور ڪوئل جي گيت تي مخمور  لڳي رهي هئي!

رومال سان هٿ مُنهن اُگهي کٽ تي اچي ويٺو هئس. اوچتو پاسي واري کيسي ۾ رکيل موبائل جي رِنگ وڃڻ لڳي هئي. اسڪرين تي تنهنجو نمبر مرڪڻ لڳو هو. وهندڙ واٽر تي لهندڙ سج جي ڪرڻن سبب پکڙيل جهرڻن جهڙا احساس، دل منجهه ته پکڙجي پيا هئا! ڪال وصول ڪري ”هيلو“ چيو هئم.

پڇيو هيئي:

”ڪٿي آهيو؟ ڇا پيا ڪريو؟“

”پوليس کان روپوش آهيان، ڪجهه به پنهنجي مرضيءَ سان ڪري نه پيو سگهان!“

ورائيو هيئي:

”اهو ته اڄوڪي اخبار ۾ به لکيل هو پر مون اهو پڇيو ته پنهنجي گهر آهيو يا ڪنهن ٻي جاءِ تي آهيو!؟ موجوده مصروفيت ڪهڙي اٿوَ؟“

تنهنجي طرفان سرد لهجي ۾ ”اخبار ۾ لکيل هو“ وارو جملو ٻُڌي، الاءِ ڇو دل کي ايئن جُهڙي آئي هئي، جيئن ناراض مالڪ پنهنجي پاليل رڇ جي ناڪيليءَ کي ڪاوڙ ۾ ڇڪ ڏيندو آهي! سوچيم:

”ڇا اخبار ۾ پوليس مونکي بدنام ڏاڙيل ڄاڻائي، جيڪو ڪجهه لکيو هو ءَ ايئن ئي اعتبار ڪري رهي آهي؟!“

پڇيو هيئي: ”ماٺ تي ويا ڇو؟“

”بس ايئن ئي!“

”مون کي خبر آهي ته تون بدترين مصيبتن ۾ ڦاٿل آهين، پر تنهنجين اکين ۾ آخري تُبي هڻڻ بعد الاءِ ڇو مونکي پڪ ٿي پيئي آهي ته تون منهنجي ئي وجود جو وڇايل ٻيو اڌ آهين. پاڻ جهڙا ماڻهو ڪڏهن به ڪو ڏوهه ڪري نه سگهندا آهن، پر سدائين نه ڪيل جرمن جي سزا ڀوڳيندا آهن!“

تنهنجي ڳالهہ ٻُڌي ڇرڪي پيو هئس. تنهنجي اکين ۾ مختلف وقتن تي ٽُٻيون هڻنديءَ، ڪنهن مهل مونکي بہ ايئن ئي محسوس ٿيو هو جيئن تون ٻُڌائي رهي هُئينءَ! غير معمولي ۽ بي عنوان رشتن جي معجزن کي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻو پيو هو!

پڇيو هيئي:

"لائين تي آهيو نہ!؟"

"جي بلڪل" ڪان وڌيڪ هڪ لفظ بہ ڳالهائي ڪونہ سگهيو هئس. ٻُڌايو هُيَئِي:

"توکان گهٽ ئي سهي، پر مصيبتون مون لئہ بہ گهٽ ناهن! توکي يونيورسٽيءَ جي سهيليءَ جو پاءُ ڄاڻائي چاچا کي تنهنجي مدد لاءِ چئي تہ وينيس، پر چاچا ماڳهين اجوڪي اخبار ڪڍي مون اڳيان اچي وينو. تنهنجي تصوير تي هٿ رکي چيائين: هيءُ ڏاڙيل پوليس کي آڱرين تي نچائي رهيو آهي. تنهنجي بقول تہ سندس پيڻ تنهنجي سهيلي آهي. تون هُن جي گرفتاريءَ ۾ منهنجي مدد ڪر، تہ جيئن مونکي ايس. پي طرفان انعام ۽ ترقي ملي سگهي!"

ان ئي ويل اخبار کي ڏسندڙ پاپيءَ وڏو ڇرڪ پري دانهن ڪندي چيو:

"هي تہ اهوئي وڏين مُڇن وارو ساڳيو بداخلاق آهي، جيڪو بہ تي ڏينهن اڳ پنهنجي گهر اڳيان ڪلفين جو ريڙهو بيهاري بيٺو هو جنهن جي شڪايت مون گهر وارن سان بہ ڪئي هئي. دولت دڪان واري بہ هن کي شڪي سمجهي پاڙيوارن کي خبردار ڪيو هو"!

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

پوءِ تہ هرڪو گهر ياتي، تنهنجي تصوير ڏسي، مونکي ايئن ڏسڻ لڳو ڄڻ آءُ بہ سندن منجهان نہ، پر بيلي جي ڏاڙيلن جي ساٿياڻي هجان...! بابا سائينءَ مون کان پڇيو: "هي ڏاڙيل پنهنجي گهر اڳيان ڇو بيٺو هو؟ تو چاچهين کي سندس مدد لاءِ پارت ڇو ڪئي؟!" مون سهيليءَ جي پاءُ کان وڌيڪ توسان ڪنهن بہ قسم جو تعلق ڄاڻائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پانيان ٿي منهنجي ڳالهين تي ڪنهن کي بہ يقين ڪونہ آيو هو. بابا دڙڪا ڏنا، ادا وڏي تہ مونکي بہ ٿڦڙون بہ هنيون. پر چاچا مونکي ڪانئس پري ڪندي، توکي گرفتار ڪرائڻ ۾ سندس مدد ڪرڻ جو منصوبو ٻُڌايو هو. امان رڳو بيوسيءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيا هئا ۽ پاڄائيءَ خوب انجواءِ ڪيو هو".

تنهنجون ڳالهيون ٻُڌي اُچرج ٿيو هئم. حالتن جي جبر ۽ قسمت جي کيل، ڪيئن نہ مونکي هفتي اندر ماءُ جي ڪاريل واندي بيروزگار مان پهرين ڪلفي فروش ۽ هاڻ بدنام ڏاڙيل طور مشهور ڪري ڇڏيو هو! تڏهن ئي دل جي پاتال مان مجبورن فرد ۾ جاڳيل سخت ترين بغاوت جي صدا بُلند ٿي هئي: "هاڻ آءُ سچ پچ ڏاڙيل ٿي، بابا کي گهيليندڙ ۽ امان کي گهٽ وڌ ڳالهائيندڙ پوليس وارن سان اڳيان پوبان حساب برابر ڪندس. مينا کي ٿڦڙون هڻندڙ هٿن کان ڪنوارين ڳلن جي درد جو بدلو وٺندس! ملڪيت جي ناجائز ذريعن جي تخت تي ويهي، پنهنجي اصلي اوقات کي وساريندڙ چاچيءَ کي سمجهائيندس تہ تنهنجي مڙس، هٿن ۾ جهليل قلم جو ناجائز استعمال ڪري، جيئن ڪرپشن سان ملڪيت ناهي آهي،

ايئن آئون بہ هٿ ۾ جهليل بندوق جو غلط استعمال ڪري ڏاڙن سان ساڳي ملڪيت ڦُري بہ سگهان ٿو! گُليل هلائيندي ڏڪندڙ هٿ، جڏهن ڪلاشن ڪوف جي ٽرگر جا هيراڪ بڻبا آهن تہ سندن انتقام جبل لوڏي ڇڏيندو آهي“!

چيو هيئي:

”مون لاءِ هاڻ توکان جُدا هن گهر ۾ رهڻ ڪاوا ڇيڻ جيترو ئي مشڪل آهي! اڄ مونکي بہ وٺي وڃ“

پهريان تہ چرچو سمجهيو هئم، پر تنهنجي سنجيدگيءَ جي پڪ ٿي پوڻ بعد چيم:

”ڏس مينا! هينئر تہ آءٌ پاڻ بہ دربدر ۽ مفرور آهيان. حالتون ڪجهہ ساهي پٽڻ ڏين تہ پنهنجي وچان ليٽيل ويڇوڙن کي هٽائڻ جي ڪا ڪوشش ڪجي“!

چيو هيئي:

”توهان حالتون بهتر ٿيڻ تائين صبر جي ڳالهہ ٿا ڪريو پر مون لئہ تہ سياڻي بہ ڏکهو آهي“!

چيم:

”پر آئون روپوشيءَ مان تو تائين ڪيئن پهچان؟“

چيئي:

رڳو پنهنجو پتو ٻڌائي، آءٌ پاڻ ئي تو تائين پهچي ويندس“!

لاجواب ٿي پيس. خاموشيءَ جو ڊينگهر گلي ۾ وچڙي پيو.

چيئي:

“سياڻي اسڪول وڃڻ بدران سڌو تو ڏانهن اچڻ جو فيصلو ڪري ورتو اٿم. جي تون ياڙيو ٿي وئين تہ پرينهن واري اخبار ۾ منهنجي خودڪشيءَ جي خبر پڙهي ونجان!”

گلي ۾ ڪا ڪنبري شيءِ ڦاسندي محسوس ڪئي هئم. درد جي درياهہ جي ڪا ڇولي هئي، جيڪا لتڻ لڳي هئي!

صرف ايترو چيم:

”پياري مينا! توسان گڏجڻ لئہ ست سمنڊ لتاڙيندي مري وڃڻ مون لاءِ مهٺو ناهي، پر آءٌ ڪنگال اڳي ئي دوستن تي بار بڻجي ضمير کي خراشي رهيو آهيان. ويتر ان حالت ۾ تو کي ياڳي يائيوار ڪيئن ڪجي؟!”

لاپرواهيءَ مان چيو هيئي:

”پاڻ ڪنهن تي بہ بار نہ ٿينداسين. بس رڳو مونکي تو تائين پهچڻ تہ ڏي!”

چيم:

”پوليس کان روپوشيءَ واري حالت ۾، پاڻ مذهب جي تبديلي سميت لو ميريج وارا لوازمات ڪيئن پورا ڪري سگهنداسين؟ سو بہ تڏهن، جڏهن ڪيسي ۾ ٽيڊي پائي بہ نہ هجي!”

وراڻيو هيئي:

“پئسن جي ڳڻتي نہ ڪجان. باقي مونسان پلئو اٽڪائڻ جو خفو ڪڻڻ نٿو چاهين تہ اها تنهنجي مرضي آهي!؟

منهنجي خودڪشي شايد توکي وفا جو يقين ڏياري وڃهي“!

سوچن جي ساحل تي سونامي برپا ٿي پيئي هئي. صرف ايترو چئي سگهيو هئس.

”رڳو اهو ٻڌائي تہ مونکي هاڻ ڪرڻو ڇاهي؟!“

چيو هيئي:

”آءُ سپاڻي سعي سنپري اسڪول ويندس. خريداريءَ جي بهاني جلد ئي موڪل ڪري، رڪشا ۾ چڙهي، بلديہ شاپنگ سينٽر پهچنديس. جتان ضروري شيون خريد ڪرڻ بعد لڳ ڀڳ صبح 10 کان 11 بجي تائين، جتي توهان چوندؤ اتي حاضر هونديس!“

”آءُ صبح سويل ميسيج موڪلي، توکي منهنجو فائنل پروگرام ٻڌائيندس.“

چيو هيئي:

”نيڪ آهي پر ڌس متان منهنجين ڳالهين کي سنجيدگيءَ سان نہ وٺين! آءُ سپاڻي گهران نڪرڻ بعد کنهن بہ حالت ۾ زنده واپس ڪونہ ورنديس!“

تنهنجين ڳالهين ۾ انساني ارادي جي مضبوطي هئي... عورتاڻو ضد هو.. يا وري باغي پيار جي ثابت قدمي هئي... پر آئون تنهنجي فيصلن ڪرڻ واري صلاحيت کان زبردست متاثر ٿيو هئس. ان وقت تون مونکي حُسن جي تصوراتي ديوي، نسواني محبت جو سمنڊ ۽ باغي گوريلن جهڙي اٽموٽ لڳي هُئينءَ! مونکي پڪ هئي تہ تون پنهنجن فيصلن تي عمل ڪري سگهڻ واري قدرتي صلاحيت سان مالامال هُئينءَ. ارادي ڪرڻ کانپوءِ توکي روڪڻ درياهہ جي اڳيان بند ٻڌڻ جهڙي ئي خودفريبي هئي!

سپاڻي توکي پڇائڻ واري ڳالهہ مايوسيءَ جو مينار لڳي هئي. توکي ميرپورخاص مان ڪٽي ڪٽي ترسايان؟! اهوئي سوال اُن جي وات ۾ هٿ وجهڻ جيترو پوائنٽو هو! اهو بہ احساس هئم تہ تنهنجا بااثر والدين پنهنجن ’ڏِکهن هٿن‘ سان تنهنجي ڳولا ۾ سڄي ملڪ جي ڌُوڙ ڇاڻي ڇڏيندا... ۽ اهو بہ احساس هئم تہ اقليتن سان ظلم ۽ مذهب جي زوري تبديليءَ وارن معاملن تي سياست کان ويندي قلمڪاريءَ تائين وڏو تماشو ٿيندو! پر پوءِ بہ الاءِ ڇو؟! تنهنجي اکين جي آسمان تي جنهن رشتي جي پُراسرار روشني پَسي هئم، ان ئي رشتي جو وشواس هو جنهن ڏاڙن ۽ ڦُر جي ڪيسن ۾ ڦاسي دربدر ٿيڻ باوجود، وري توسان پيار جو پرڻو ڪرڻ وارو بيو مشڪل محاذ بہ کولرايو هو!

دودي جو نمبر ملائڻ کان اڳ ئي، آءُ سپاڻي مشڪلاتن جي رڻ پَٽ جو راهي ٿيڻ جو فيصلو ڪري چڪو هئس. دودو پهريون آپشن هو. سندس ساٿ ۽ سهڪار سان تنهنجي ۽ منهنجي لڪڻ لئہ شهرجي نسبت ۾ ٻهراڙي وڌيڪ محفوظ محسوس ٿي هئم، پر دودي طرفان دل سان تعاون نہ ڪرڻ جي صورت ۾، توکي ڪراچي وٺي هلڻ جو رسڪي منصوبو بہ تيار هو جتي پنهنجي مُنهن هوٽلن يا ڪرائي جي

مڪانن ۾ ترسڻ يا وري اتي مزدوري سانگي رهندڙ والڪرٽ ۽ ٽالپر ٽائون جي ڪن دوستن ڪان سهڪار وٺڻ جو ارادو هئم، جن ماضيءَ ۾ مونکي پاڻ سان گڏ فئڪٽرين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ صلاحيو هو.

دودي ٽينءَ رنگ تي ڪال ڪنئي هئي.

پڇيم: ”پهچي وئين؟“

وراڻيائين:

”هاڻي هاڻي پهتو آهيان، پلا تون ٻڌائي ڀراڙيءَ ۾ سُک اچيوَ ٿو؟“

چيم:

”سک تہ اچي ٿو پر وري سياڻي جو ٻيو پروگرام نهي چڪو آهي!“

هجتي سختيءَ مان وراڻيائين:

”في الحال صبر ڪر، توتي دهشت گرديءَ جا قلم بہ لڳايا اٿن. وڪيل دوستن سان صلاح مشوري بعد تنهنجي ضمانت لاءِ ڪوشش ڪندس. دل چوي ٿي تنهنجي گهر وارن جي بہ خبرچار ڪيان، پر اجايو پوليس ۽ سندن ڇاڙتن جي نظر ۾ اچي ويندس، ان ڪري ئي في الحال آءُ بہ احتياط ڪري رهيو آهيان، تون بہ لاپرواهي نہ ڪر!“

ان وقت مونکي هن ڏرتيءَ تي، امان ۽ توکان پوءِ، ٽيون نمبر ڀاڄهاري هستي دودو ئي محسوس ٿيو هو!

ڪيس تنهنجي ڪيل تازي ڳالهہ ٻولهہ ۾ توسان منهنجي ڪيل واعدي متعلق سربستو احوال ٻڌايو هئم. هو سوچ ۾ پئجي ويو. مختصر ماٺ بعد چيائين:

”منهنجو بہ لک قرض ڦٻائڻ لئہ، مون وٽ نجي جيل هجڻ جو ڊرامو ڪري، عدالتي حڪم تي آيل پوليس سان گڏ ويندڙ منهنجن هارين جا ڪچا گهر خالي پيا آهن. ڏينگهرن جو لوڙهو بہ ايڏو وڏو آهي، جو پلين اُٿ لِڪائي ڇڏ! اهو حاضر آهي.... باقي شهري ڀاڄائيءَ ڪي ڀراڙيءَ جي اڪيلائي ۾ ڪچن گهرن سبب بوريت ٿئي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي!“

چيم:

”دودا! ڪاش... زندگي ڪڏهن تنهنجي خلوص جا اهي قرض، مون ڪي لاهڻ جو موقعو ڏي!“

زندگيءَ جي بدترين حالتن ۾، دودي ڪان مليل پيار ۽ پنهنجائپ ڪي محسوس ڪري اکين ۾ لُڙڪ تري آيا هئا! دودي جنگي سورمي جهڙي لهجي ۾ چيو:

”ڪا ڳالهہ ناهي، دوستي پوءِ ڪڏهن ڪم ايندي!؟ آءُ ادا وڏي ڪي چئي ٿو ڇڏيان، پُراڻ واري ٻنيءَ تي موجود انهن گهرن جي صفائي ڪرائي، ڪٽن ۽ بسترن سميت گهربل برتن وغيره رکائي ڇڏيندو. صبح سويل توکي بائيڪ تي ڇاڙهي جهڏي ڇڏيندو، جتان تون ڪرائي جي ڪار ڪٽي، ڀاڄائي وٺي موٽندين. ڪار جهڏي ۾ ڇڏجو، اتان ادا وڏي طرفان آندل رڪشي ۾ سوار ٿي پُراڻ واريءَ ٻنيءَ تي پهچجو! پنهنجو خيال رکجان. مٿي تي هئٽ ۽ اکين تي چشمو هجڻ لازمي آهي. ڪوشش ڪجان ڪار جا شيشا بند هجن! ڀاڄائيءَ ڪي نقاب پاتل هجي تہ بهتر آهي.“

“جي ها پيارا” چئي ڪيس اوڪي بائي چيو هئم. سندس ڳالهيون، تجربيڪار باس جي حڪمن وانگر فول پروف لڳيون هئم!

سامهون ساون ڪيتن مٿان آزاد اڏارُون ڪندڙا پکين ۽ مينهُون چاريندڙ من ـ موجي ڏنار ڇوڪرن جي زندگي قابل رشڪ لڳي هئم. گذريل ڪجھ ڏينهن کان خود ساخت ئي سهي، پر محدود ڇرپر واري زندگيءَ مان اڻ ـ لکي بيزاري محسوس ٿي رهي هئي! سوچيم:

”بندش جو درد رڳو قيدخانن جي کاٽي ناهي هوندو پر جسمن کان ذهنن تائين، اسيريءَ جي اذيت جا انيڪ روپ هوندا آهن، جن کي باريڪين سان سمجهڻ لاڳاپيل تجربي مان گذرڻ بنا ايتروئي مشڪل آهي، جيترو ڏرتيءَ وارن لاءِ بليڪ هول جي اندر لڪيل حقيقتن جي ڄاڻ مشڪل هوندي آهي...!“

خيالن جا ولر واريندي الاءِ ڪيترا پل گذريا هئا. سچ بہ اولھ ۾ وڃي ٽُبي هڻئي هئي. دودي جو وڏو پاءُ چانھ جي ٿرماس پري اچي پهتو هو. چانھ جو ڪوپ پري ڏيندي چيائين:

”ادا مون کي فون تي ٻڌايو هو. آءٌ پُراڻ واري ٻنيءَ تي ويو هئس. اتي مرچ چُونڊيندڙ مزدورن کان خالي گھر صاف ڪرائي آيو آهيان. سپاٽي سويل موٽر سائيڪل تي توکي جهڏي ڇڏڻ ڪانپوءِ واپس اچي ضروري سامان ٽريڪٽر ٽراليءَ تي ڪٽائي اتي رکي ڇڏيندس! تون پنهنجو موبائل نمبر مون کي ڏيئي ڇڏ، جيئن جوڙيءَ سميت تنهنجي آجيان ڪري سگهجي.“

جملو پورو هڪ هن وڏو ٿهڪ ڏنو. موٽ ۾ آءٌ بہ مرڪي پيو هئس.

دودي جي پاءُ پنهنجو نالو عاقيل ٻڌايو هو. سندس چوڻ مطابق اسلاميات ۾ ايم اي ڪرڻ بعد هن نوڪري ڪرڻ بدران راڄن پاڳن سان اباڻي اُتي ويني برقرار رکڻ ۽ اوطاق هلائڻ سان گڏ، زميداري سنڀالي هئي. شعر و شاعري، جاسوسي ڪهاڻيون ۽ ديني ڪتاب پڙهڻ سندس مشغلن ۾ شامل هئا. هن اهو ٻڌڻ بعد تہ آءٌ ڏوهن جي ڪيسن ۾ مفرور هجڻ سان گڏ عشق جي اٽُڻ ۾ پڻ ڦاٿل هئس. مونکي وندرائڻ ۽ پاڻ کي اظهارڻ خاطر، شاھ سائينءَ جي عشقيہ شاعري ٻڌائي، منهنجي دل جا ٽڪ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پٺائيءَ ڪانپوءِ هن شيخ اياز، فيض احمد فيض ۽ ٻين سنڌي توڙي اردو شاعرن جي شاعري، رات جو بستري تي ليٽڻ تائين، لاڳيتو مون کي ٻڌائي هئي! ۽ آءٌ شاعراڻن لفظن مان ڦُندڙ محظوظات جي مينهن ۾، خيالن ئي خيالن ۾ توکي ڳراٽي پائي، دير دير تائين وهنتو هئس، ۽ گڏوگڏ عاقيل جي علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيت کان زبردست متاثر ٿي الاءِ ڪيڏي مهل ننڊ جي پاڪر ۾ هليو ويو هئس. پر سمهڻ کان اڳ توکي موڪليل ميسيج ۾ سپاٽي وارو پروگرام پڪو ڪرڻ سميت برقعو پائڻ جي بہ تاڪيد ڪئي هئم. موٽ ۾ رڳو انگريزيءَ جا بہ اکر ‘او’ ۽ ‘ڪي’ لکيا هُيئي.

# (12)

دودي جي اوطاق کان موٽر سائيڪل تي جهڏي ايندي، عاقيل پڇيو:
”ڇوڪري ڪهڙي عمر جي آهي؟“
چيم:
”لڳ ڀڳ ويهن کان مٿي ۽ پنجويهن کان هيٺ...“
پنهنجي ساءِ چيائين:
”پوءِ ته استادن جي گُهمايل هوندي!“
ڪاوڙ جي ممڙي چٽي ويئي هئم، پر خاموشيءَ جي اجرڪ اوڍي ورتم. سوچيم:
”پيار ڪندڙ هر عورت متعلق اسانجو سماج ايئن ڇو سوچيندو آهي؟ پتائيءَ ته ايئن ڪونه سوچيو هوا؟“
ڳچ دير منهنجي چپندڙ خاموشيءَ کي، شايد بائيڪ هلائيندڙ عاقيل به محسوس ڪيو هو. جو ماحول جي تلخيءَ کي گهٽ ڪندي، چيائين:
”تون نيڪ ڪم ڪري رهيو آهين! غير مسلم کي مسلمان ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي.“
خاموش رهيس. عاقيل بائيڪ کي پڪي روڊ تي چاڙهڻ بعد وري خاموشيءَ ۾ ڪَڙو اُڇليو:
”منهنجي چاچي به هڪڙي هندو ناريءَ کي مسلمان ڪيو هو.“
هن موٽر سائيڪل جو گيئر بدلائيندي ڳالهه جاري رکي:
”ڪم ته ثواب جو ڪيائين، پر برادريءَ وارن ڪولهڻ جي پيٽان پيدا ٿيل اولاد سان نه سڱابندي ڪئي ۽ نه ئي عزيزاڻُو قريباڻُو تعلق رکيو.“
پڇيم:
”توهان پڙهيل لکيل هئا. ڀلا توهان ئي ان غليظ سماجي سوچ کي شڪست ڏيڻ لاءِ چاچي جي اولاد سان سڱابندي ڪريو ها!؟“
هن جي چهري تي الاءِ ڪهڙا تاثرات ابريا هئا، ڏسي نه سگهيو هئس. پر هن جي مختصر جوابي جملي، سندس شخصيت جا هيستائين لڪيل سمورا پهلُو مون اڳيان کولي ڇڏيا هئا. وراڻيائين:
”ڏنل مَک ڪير ڳڙڪائيندو ادا !؟“
سوچيم:
”هن شخص، شاهه سائينءَ جا ڪيترا بيت برزبان ياد ڪيا آهن، پر لطيف وارو ڪامل انسان سندس پر مان به ناهي لنگهيو! هن ڪتاب پڙهڻ ۽ ديني ڳالهيون ڪرڻ وارا چڱا ڪم ته ڪيا آهن، پر پرينءَ کي پَسڻ وارو ڪو بيو فهم، ڪيس ڪيڪاري ناهي سگهيو! هن وٽ ظاهري انسانيت جو رنگ روغن ته موجود

آهي، پر باطني طور اندر اُجارڻ وارو فلسفو سندس ساٿي بڻجي ناهي سگهيو! هن وٽ يونيورسٽيءَ جي ڊگري بہ موجود آهي، پر هن پنهنجي دل کي ڪڏهن بہ درسگاهہ بڻائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي!”

عاقيل جي ڳالهين وري ڌيان ڇڪايو هو:

”مون بہ ٽي سال کن اڳ هڪ ڪنواري هارياڻيءَ سان اکيون اٽڪايون هيون. سال کن هلايومانس، ماڳهين ڪنڌ ۾ لڳي ويئي، چئي شادي ڪر!”

پڇيم:

”پوءِ ڇا ڪيئي؟“

وراڻيائين:

”هڏو ڇوسي ڪنڌ ۾ ناهي ٻڌبو. نيٺ تہ اڇلبو نہ!؟“

سوچيم:

”ڪيڏو نہ اياڻُو هئس. رڳو ڊگريءَ ڳالهين جي بنياد تي هن ماڻهوءَ کي معتبر سمجهي رهيو هئس!”

تڏهن ئي اندر جي گهراين مان ڪٿان هڪ سوال جو ميزائل اڳيان اچي ڪريو هو:

”انسان ۾ موجود علم جي ڪٿ آخر ڪجي تہ ڪيئن ڪجي؟!”

پنهنجي ئي پُڇيل سوال ۾ وچڙي مُنجهي پيو هئس.

عاقيل ڳالهين جون ڳنڍيون کوليندو رهيو:

”هوءَ اڪثر پنهنجن برتن ۾ مونکي ڪجهہ نہ ڪجهہ کارائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. مون کي اڇوتن جي ٿانوَن ۾ کائيندي، اندر ئي اندر نفرت محسوس ٿيندي هئي، پر هوءَ ضد ڪري مونکي پاڻ سان گڏ کائڻ تي مجبور ڪندي هئي!”

ذهن جي اڱڻ تي دُکندڙ سوال جي جواب ۾، ڪي لفظ نهي پيا هئا:

”جيئن ڪن بيمارين جي ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ انهن بيمارين خلاف جسم ۾ موجود اينٽي باڊيز جي ڇڪاس ڪبي آهي، ايئن ئي ڇا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ موجود علم جي ڪٿ ڪرڻ لئہ منجهس موجود عملي ماڻپي جو معيار ۽ مقدار ماپي نٿو سگهجي؟!”

عاقيل چئي رهيو:

”هوءَ چوندي هئي تہ اونچي ذات وارا هندو ۽ اوهين مُسلا، اسان سان ساڳي برتنن ۾ گڏ کائيندي تہ ڇيپ ڪندا آهيو پر مونکي ڇمي ڏيندي ايئن لڳندا آهيو جيئن بکايل ڪتو هڏو چوسيندو آهي!”

عاقيل جي سنگتياڻيءَ جي ڏنل تشبيهہ دل کي مهتو ڏيندڙ ۽ هُوبهُو نهڪندڙ لڳي هئم. عاقيل چيو:

”پانيان ٿو هوءَ مونکي پنهنجي جسم جي لالچ ۾، پنهنجن برتنن ۾ کارائيندي، نيچو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي“.

منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال جي ڪُڙڪيتي ڇمڪو ڪيو:

”ٻالڪپڻ کان پنهنجي والدين، پنهنجي قبيلي ۽ پنهنجو پاڻ سان نسلي ۽ مذهبي بنياد تي ٿيل نفرت ۽ ڪمتر سلوڪ جو نفسياتي ردعمل ٿي هو جو هوءَ انهي طبقي جي مردن کي پنهنجي جسم تي ڪتن جيان نُوس نُوس ڪندو ڏسي، برتريءَ جي احساس ۾ انجواءِ ڪندي هئي ۽ پنهنجن برتن ۾ ڪاڏو ڪارائي نفسياتي تسڪين ماڻيندي هئي!“

عاقيل چئي رهيو هو:

”هڪ ڏينهن اسانجي گهر آئي ته ماڳهين پنهنجي اوقات وسري ويس. ڪٽ تي چڙهي ويهي رهي. اسانجون مايون هڪٻئي جي مُنهن ۾ ڏسڻ لڳيون. پر اسانجو گلاس ڪٽي، جڏهن اٿي وڃي گهڙي مان پاڻي پيتائين ته امان ڪيس ست سُريون ٻُڌائي رواني ڪئي هئي! ان ڏينهن کانپوءِ مون به ڪيس سندس اصل حيثيت ياد ڏيارڻ شروع ڪئي هئي! مون مان شاديءَ جو آسرو پلجڻ بعد سگهوئي سندس شادي ٿي ويئي هئي.“

”منهنجي ذهن ۾ وري هڪ نئين سوال جو نيرو پکي پرڙا ساهڻ لڳو هو:

”لاعلميءَ کي ته علم سان ڏڪارڻ ممڪن آهي، پر پڙهيل لکيل جاهل کي عالم ڪيئن ٿاهجي؟!“

جهڏي جي رستن تي عاقيل جي پويان موٽر سائيڪل تي ويني، اهوئي سوال اندر ۾ آلي ڪاٺيءَ جيان دُونهن ڪندو رهيو هو!

ڪرائي جي ڪار ۾ سوار ٿيڻ بعد موبائل مان تنهنجي آيل ميسيج ٺهڪ ڏنو هو لکيو هيئي:

”ٺيڪ ساڍا ڏهه وڳي سول هاسپيٽل جي اپرنڊئين مين گيٽ تي موجود هونديس. ڪار ويجهو بيهاري رڳو دري کولجان!“

هٿ ۾ ٻڌل سستي گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺو هئم. صبح جا ساڍا اٺ ٿي رهيا هئا.ڪار پڪي رستي تي ڊڪي رهي هئي ۽ ڊرائيور مونکي آثار قديمه جي ماهر جيان کوٽڻ لڳو هو.

”سر توهان ڪير آهيو؟ ڪٿان جا آهيو؟ ميرپورخاص ۾ ڪٿي وڃڻو آهي؟ . . .وغيره وغيره“.!

انتهائي احتياط سان فرضي قصا گهڙي ڪيس مطئمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئم. هن بار بار منهنجي ڳالهين جي تصديق لاءِ سندم اکين ۾ نهارون اڇلڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اکين مٿان موجود ڪاري چشمي کي لڳي موٽيل نگاهون، وري سامهين روڊ تي وڃائي، اسٽرنگ گُهمائي رهيو هو. تڏهن سوچيم:

”سچ ۽ ڪوڙ جي تصديق اکين جي آئيني ۾ ئي بهتر طريقي سان ٿي سگهندي آهي، پر نيڻ–شناسيءَ ۾ غير معمولي مهارت جو هجڻ ضروري آهي!“

سوچي سمجهي ڊرائيور سان سرد مهريءَ وارو رکيو هئم. جيئن سندس سوالن جي وڏيڪ باؤنسرن کان بچي سگهجي! گفتگو ۾ منهنجي عدم دلچسپيءَ کي محسوس ڪندي هو به خاموش ٿي ويو هو.

ڊگهڙي ڪراس ڪندي سوچيم:

”هونئن تہ روپوش آهيان، پر اهڙوڪي ڇُرپُر تہ عام رواجي اٿم. جيڪڏهن جهلجي پيس تہ پوليس چنيءَ جو کير ياد ڏياري ڇڏيندي“!

بيچين ٿي شيشو هٽائي ٻاهر ڏٺو هئم. ٻاهر ساون کيتن ۾ واريل پاٽيءَ تي مڙي آيل پکين جا ٽولا چلولايون ڪري رهيا هئا. سوچيم:

”پوليس منهنجو خاڪو هرويرو وڏي ڏوهاريءَ وارو ناهي ڇڏيو آهي. في الحال مون مان عام رواجي چرپر رکڻ جي توقع ڪون هوندن. ڪنهنجي وهم ۾ گمان بہ نہ هوندو تہ ڪو شرجيل جهڙو بدنام ڏوهاري ڪرائي جي ڪار ۾، هنن رستن تي عام ماڻهن جيان رلندڙ هوندو. هونئن بہ مونکي جتان جتان ويٺو آهي، اتي اڄڪلهہ نہ ڪا خاص پوليس چوڪسي آهي، ۽ نہ ئي آئون اهڙوٽي حُليي ۾ آهيان!“

پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيندي اکيون ٻوٽي ڇڏيون هئم. ٻوٽيل اکين جي سنسان واديءَ ۾، حسب معمول تون هلي آئي هُئينءَ. تنهنجي غير معمولي ڳوري رنگت جي زرد چانڊوڪي، خيالن ۾ پيوند ٿي پيئي هئي. بدترين حالتن جي درد کي هارائڻ جو اهوئي سادو فارمولو سوچيو هئم! جڏهن بہ ويري وقت جي حادثن جو زهر، وجود ۾ وڃڻ لڳندو هو تہ آءٌ اکيون بند ڪري تصور ۾ توکي سجائڻ لڳندو هئس. سوچيو هئم:

”هن جو رڳو تصور ئي ايترو سهڻُو ۽ من موهڻُو آهي. سندس حقيقي وجود جو واس تہ ماڳهين هوشرُبا هوندو!؟ حُسن جو اهو شاهپارو اڄ واپس موٽندي، منهنجي پاڪر ۾ ۽ رڳو منهنجو هوندو!“

اهوئي سوچي، خوشي ۽ سُرور جي آسمان تي اڏامڻ لڳو هئس. ايڏي خوشي ۽ ايڏو سرور، جنهن کي لفظن ۾ اوتڻ ايترو ئي مشڪل هو، جيترا نئين دؤر جي جوانين اڳيان سُر ساموندي جا وڇوڙا سمجهائڻ مشڪل لڳندا آهن!

جرواريءَ (شاخ) وٽ پهچي وقت ڏٺو هئم تہ ڏهہ ٿي رهيا هئا. مطلب تہ اڃان اڌ ڪلاڪ انتظار ڪرڻُو هو پر ڪٿي ۽ ڪهڙي بهاني؟! پهرين سوچيم تہ ڪٿي چانهہ پيئجي، پر ڪيسو اهو بار کڻڻ کان قاصر هو!. ڊرائيور پڇيو:

”سر ڪٿي هلڻو آهي؟“

وراڻيم:

”مون کي سول جي گيٽ تي لاهي، تون آسپاس موجود رهجان. بس هڪ مريض جي عيادت ڪري ڏهن پندرهن منٽن ۾ واپس موٽندس. منهنجي گهر واريءَ بہ خريداري ڪري، ساڍا ڏهہ وڳي سِوِل جي گيٽ تي اچڻ جو چيو آهي. بس تون ٽائيم جي سخت پابندي ڪجان“.!

سول جي گيٽ وٽ لهي جلدي جلدي اندر ويو هئس. گهڙي ڏهہ لڳي 14 منٽ ڏيکاري رهي هئي. ان جو مطلب هو تہ اڃان مونکي سورنهن منٽن تائين سول جي اندر ئي اجايو چڪر لڳائڻا هئا.

هيلٿ ٽيڪنيشن اسڪول کان ٿيندو ڪِڊني سينٽر تي پهتو هئس. جتان نُوس نُوس ڪري پوئتي موٽندي، اڳيان چانهہ جي بنيءَ وٽ نهيل ڇپري هيٺان رکيل کٽن مان هڪڙي کٽ تي اچي ويٺو هئس. ڇوڪري جڳ گلاس اڳيان رکندي پڇيو:

”سائين ڇانهه پيئندؤ؟“

ڪنگالپڻي جي ڀرپور احساس سميت انڪار ڪيو هئم. تڪڙو تڪڙو فون ڪيو، توکي مسيج روانو ڪيم:

”آءٌ سول ۾ ئي موجود آهيان، ساڍا ڏهه وڳي گيٽ تي پهچي وڃجان“.

عين ان ئي لمحي پري کان پوليس جي گاڏيءَ کي ايمرجنسي وارڊ ڏانهن ويندي ڏٺي هئم. اکين اڳيان جهرڪيون اڏرڻ لڳيون هُيون. وهمن ۽ وهلُورن جو واچوڙو عقل، اطمينان ۽ اعتبار سميت سڀ ڪجهه اُڏاري ڪٺي ويو هو. سوچيم:

”ڇا هن طرفان مونسان پڇي هلڻ وارو واعدو، پنهنجي صوبيدار چاچي جي ترقيءَ ۾ مددگار بڻجڻ لاءِ مونکي ڀڙائڻ واري منصوبي جو حصو ته نه آهي!؟“

ويتر تنهنجي طرفان جوابي ميسيج نه اچڻ شڪ کي پڪ جي پيچرن تي آڻي بيهاريو. هيڪر خيال آيو ته پوئين پاسي کان نڪري ڀڄي وڃان، پر ان ئي لمحي، ڪار جي ڊرائيور جو طنزيه آواز ڪنن سان ٽڪرايو:

”سر مريض جو حال پڇي وٺو هلڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي!“

سامهون ڏٺم، چيڙي واري ڪٽ تي، ڪار جو ڊرائيور چانهه جو ڪوپ خالي ڪري سگريٽ دکائي چڪو هو. هن شايد لاڳيتو مون کي نظرن ۾ رکيو هو. ڪاري چشمي باوجود منهنجي اُڻ تُڻ ۽ بيچينيءَ کي محسوس ڪري رهيو هو. اهو امڪان به موجود هو ته ڪرايو ڏيڻ بنا رَفُو چڪر ٿيڻ جي خدشي سبب، هن ڪئنٽي سينٽر تائين منهنجو پيڇو ڪيو هو ۽ مون طرفان مريض جي عيادت وارو ڪوڙ پڌرو ٿيڻ بعد منهنجي بهروپ وڏيڪ سندس ڏيان ڇڪايو هو!

مون ڊرائيور جي نظرن ۾ مشڪوڪ ٿيڻ کان بچڻ لاءِ به ٻيرا تنهنجو نمبر ملايو هو. هر دفعي نمبر بند آيو هو. نمبر بند ڪري، مون کي ويتر وهمن جي اوڙاهه ۾ اُڇليو هيئي!

ڏهه لڳي ٽيهه منٽ ٿيا هئا. سامهون ڊرائيور مرڪي رهيو هو. ڪيس چيم:

”ڪار گيٽ تي آڻيو آءٌ اتان چڙهندس“.

ڊرائيور وراڻيو:

”نه، هرگز نه! پاڻ هِتان گڏجي ڪار تائين هلون ٿا ۽ ڪار ۾ سوار ٿي، گيٽ وٽان توهان جي بيگم کي ڪڻيو هلنداسين. هن ”بيگم“ لفظ تي ڪجهه ايئن زور ڏنو جڻ درحقيقت منهنجي ڪا به بيگم ڪونه هئي!

ڊرائيور سان وڏيڪ ڪتراڳ ڪرڻ مناسب ڪون سمجهيم، ڇو ته هُو جيڪڏهن ڪرايو گُهري ها ته خالي کيسي وارو ڪاڪ محل زمين دوز ٿيندي، دير ئي ڪيتري ڪري ها!؟ ۽ خالي بندوق جهڙي منهنجي اصليت به ظاهر ٿي سگهي ٿي! ان ڪري ڊرائيور سان گڏگڏ هلندو اچي ڪار ۾ سوار ٿيو هئس. مون محسوس ڪيو ته ڪار جي سيٽ تي ويهي دروازو بند ڪرڻ تائين، ڊرائيور مونکي نظرن ۾ رکيو هو. ويتر

سامهون ڏٺو هئم تہ پڪ ٿي پيئي هئي تہ تنهنجي وڇايل ڄار ۾ بہ ٽنگو ڦاسڻ بعد ڦٿڪڻ اڄايو هو! ڇو تہ اڳاٽو ڏٺل پوليس جي گاڏي, هاڻ سول جي مين گيٽ ڏانهن وڌي رهي هئي. اهوئي ساڳي ٽائيم تي چڪو هو جيڪو تنهنجي طرفان مونکي ڏنل هو!

پهرين خيال آيو تہ ڪار اڃان رفتار ناهي ورتي, ڇو نہ دروازو کولي ٽپو ڏيئي ڀڄي وڃان, پر اهو طريقو بہ رسڪي هو.ان ڪري اونا ـ ٻوڙ پاٽيءَ ۾ قاتل اڻ تارُو شخص جيان پاڻ کي قسمت جي حوالي ڪرڻ تي ئي مجبور ٿيو هئس.

ڪار گيٽ تي پهتي هئي تہ حيرت جو هلڪو جهٽڪو لڳو هئم. پوليس گاڏي اڳتي لنگهي ويئي هئي, پر آس پاس ڪٿي بہ تون نظر ڪونہ آئي هُئينءَ! اسان واري ڪار بہ گيٽ کان ڪجهہ وکون اڳتي اچي, ساڄي پاسي مڙي هئي. ڊرائيور بہ زبردست طنز ڪئي هئي:

"اڃان تائين تہ توهان جي بيگم جو ڪو اتو پتو ناهي, رُٺل آهي ڇا؟"

ڪاوڙ جي ممڙي ڇٽڻ لڳي هئم, پر اهو وقت ڪاوڙ ڪڍڻ جو ڪون هو. ڊرائيور کي چيم:

"ڪار روڪ"

پڇيائين:

"ڇو؟ لهي پئجندين ڇا!؟"

پهريون پيرو ڪيس ڇڙٻ ڏنم:

"پنهنجين حدن ۾ رهو!"

ڪار مان لهي پوئتي نگاهہ ڪئي هئم تہ تنهنجي قد ڪاٺ جيڏي عورت, هاٽي هاٽي گيٽ وٽ پهتي هُئي. سندس ٻنهي هٿن ۾ ٿيلها هئا ۽ چهري تي نقاب چڙهيل هو!

اوندهہ ۾ تپ ڏيڻ جيان ڊرائيور کي چيم:

"ڪار واپس گهمائي اچ, آءُ بيگم کان ٿيلهو وٺان ٿو!"

برقعي واري عورت کي ڏسڻ بعد ڊرائيور بہ منهنجي حڪم جي تعميل ڪئي هئي.

"ضروري ناهي تہ اها نقاب واري عورت مينا هجي!؟"

ٽُٽل شيشي جهڙو اهو خيال, دل جي نازڪ هٿن ۾ لڪائڻ باوجود ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون کٽي گيٽ ڏانهن وڌيو هئس.

ويجهو وڃڻ سان, نقاب مان نهاريندڙ اکيون, نہ رڳو حسن جي انوکي وصف ٿي پيون هيون, پر سالن جي شناسائيءَ جي چُغلي بہ هٽي رهيون هيون...!

مونکي ڏسي ٿورڙو ڇرڪي هُئينءَ, شايد ڏکهن شهپرن بنا ڪاري چشمي ۽ پيلي هئٽ سان پهرين نظر ۾ مونکي سڃاڻي نہ سگهي هُئينءَ!

چيم:

"هڪ ٿيلهو مون کي ڏيئي ڇڏ. ڪار سامهون موڙ ڪاٽي رهي آهي"!

وري چتائي ڏنو هُيئي، ايئن جڻ موجوده مُهانڊي ۾، في الفور قبول ڪري نہ پي سگهين ءَ!

ڪار سامهون اچي بيٺي. ڊرائيور ڊِگي کولي، بئي ٿيلها اندر رکڻ کانپوءِ ڊرائيونگ سيٽ سنڀالي ورتي. ڊرائيور جي پرواري سيٽ خالي هجڻ کي آڪوَرڊ محسوس ڪرڻ باوجود، آءٌ توسان گڏ پوئين سيٽ تي ويهي رهيو هئس. تنهنجي آلي بدن جي هُڳاءُ ۾ ڪپڙن کي لڳايل هلڪي پرفيوم جي مهڪ سان گڏ، پهريون ڀيرو تنهنجي ويجهڙائيءَ جو ڪينچلو احساس، جوڀن جي جذبن سان ڇيڙڇار ڪرڻ لڳو هو!

اندلٽ جهڙو سهڻُو ۽ مِينهن- ماماٽي جهڙو نفيس هٿ وڌائي، منهنجي آڱرين ۾ پنهنجون آڱريون جڪڙي، منهنجو هٿ پنهنجي گوڏي تي آندو هيئي. ناقابل بيان احساس، برقي ڪرنٽ جي لهرن جيان اندر ۾ ڊوڙڻ لڳا هئا!

منهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل سستي گهڙيءَ ۾ وقت ڏسي چيو هيئي:

”مون وٽ نہ موبائل هو ۽ نہ ئي گهڙي، دڪاندار کان پڇيل ٽائيم جي ڏُڪي تي هلي آئي آهيان، پر ڪو خاص فرق ناهي“!

خاموش رهي، تنهنجي گداز هٿ جي ڇُهاءُ کي انجوائي ڪندو رهيو هئس! تنهنجي آڱر ۾ پاتل سوني مُنڊي ڏسي، سوچيو هئم:

”جن آڱرين کي قدرت سونَ کان وڌيڪ سهڻُو رنگ ڏنو آهي، تن ۾ سون پارائڻ، سون سان انوکي چِٽر آهي!“

توکي ڏسي ڊرائيور جون واڇُون بہ ڦاٽي پيون هيون. سندس نظرون سامهون واري آئيني مان مون تي رشڪ ڪري رهيون هيون.!

اڳيان روڊ تي پوليس موبائيل بيٺي هئي. بہ ٽي سپاهي هڪ جيپ ۽ هڪ ڪار جي تلاشي وٺي رهيا هئا. پاڻ واري ڊرائيور اڳئين ڪار جي پويان ڪار بيهاري، سپاهيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪيو هو.

ٽارچر سيل جي قيديءَ جيان نہ گُذرندڙ ۽ اذيتناڪ لمحن جو زهر پيئڻُو پيو هئم. اوچتو مصيبت ۾ ڦاسي پيل لاچار شخص واري جهوريندڙ بيوسي، دل منجهان سيرائيءَ جيان سَل ڪيندي رهي هئي!

انتهائي حاضر دماغيءَ سان دري کولي هيٺ لٿي هُئين ءَ. سپاهين سان مخاطب ٿي ڪاوڙيل انداز ۾ چيو هيئي:

”ڪجهہ خدا جو خوف ڪريو. آءٌ پنهنجي مرندڙ سس جو مُنهن ڏسڻ وڃان پيئي ۽ اوهين وري فضول چيڪنگ جي نالي ۾، اسانجو وقت وڃائي رهيا آهيو جهڙا اسين لا باڊي سٽيزن نہ پر ڪي سچ -پچلا ڌاڙيل هجون“!

پوليس وارا تنهنجن جملن، خاص ڪري انگريزي لفظن کان گهڻُو مرعوب ٿيا هئا. تڏهن ئي تہ هٿ جي اشاري سان ڊرائيور کي وڃڻ جو اشارو ڪيو هئِن.

منهنجي پرسان سيٽ تي ويٺي هُئين ءَ، تہ ڊرائيور ڪار کي اڳتي ڇوريندي چيو هو:

”ادي سنو ڪيئي، تڪڙي جان ڇُٽي.“

مون توکي ڇپن سان داد ڏيڻ بدران، تنهنجي آڱرين ۾ آڱريون پيڪڙي هلڪو زور ڏنو هو. ان شاباس جي گهرائي صرف تنهنجي ئي سمجهه ۾ ايندڙ هئي!

# (13)

شام جا هٿ، آسمان کي نيرو وڳو پارائي رهيا هئا. ڪچن گهرن جي ڳشادي اڱڻ تي تي رکيل کٽ تي ويٺي هُئينءَ. گهاٽن ۽ ڊگهن ڪارن زلفن، ڪجلين اکين ۽ پيلي وڳي مان شرارتون ڪندڙ تنهنجو هوشرُبا حُسن، مونکي پنهنجي هجڻ جو احساس ارپي رهيو هو. اکين ۾ اکيون پوئي پڇيو هئم:

“مينا! پنهنجي دولتمند گهراڻي جون سموريون آسائشون ٺُڪرائي، مون ۽ منهنجين مصيبتن کي پاڪر ۾ پرڻ بعد هي بيمنزل مسافرين جا درد، توکي مبارڪ هجن!!”

وجود جون سموريون سچايون، اکين ۾ اوتي وراڻيو هُيئي:

“جڏهن تون ئي منهنجي سپني سپنن جو مرڪز ٿي پيو آهين، تہ پوءِ پلا توکان سواءِ ٻي ڪهڙي خواهش ڪريان!

توکي حاصل ڪري سڀ ڪجهہ وڃائڻ وارو سودو، ايترو مهانگو تہ ناهي!”

حيرت مان پڇيو هئم:

“شاعري بہ ڪندي آهين ڇا!؟”

اندر جي عميق گهرائين مان اُٿندڙ پيار ۽ پنهنجائپ جا سمورا جذبا، اکين ۾ تري آيا هُيَئي. نيڻن سان نيڻ ٻڪي، مرڪي پيئي هُئينءَ. تنهنجين اکين ۾ نهاريندي، پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺو هئس. ان ئي ساڳي نقطي جو وري پرتوو پيو هو جتان زمان ۽ مڪان کان مٿانهين محسوسات جي شروعات ٿيڻ لڳندي هئي! رڳو “تون ۽ آءٌ” کان سواءِ سمورا ساز پٺتون ٿي پوندا هئا.

ان شام پڻ تنهنجي اکين ۾ هنئيل ٺُپي اڳي کان وڌيڪ ڊگهي ٿي پيئي هئي! هڪ عجوبي جهڙي سُرنگ جي ٻي پار، تون فرحت بخش روشنيءَ ۾، ڪائناتي لباس سان نظر آئي هُئينءَ. من موهيندڙ موسيقيءَ جهڙو وٺندڙ آواز ڪائنات جو گيت بڻجي پيو هو. ناقابل اظهار سرور ۽ سرمستيءَ ۾، جڻ پاڻ ٻئي “هڪ” ٿيندي، ٿيندي وري “بہ” ٿيڻ لڳا هئاسين! سگهارن هٿن جي اُگهاڙي تلوار، پنهنجي رت سان لائنون لڏيون هيون! اتي ئي توکي وري وڃائڻ جي احساس ۾، ڇرڪ ڪاڏو هئم. ان ڇرڪ سان گڏ، هڪبئي سان مليل پنهنجون نظرون بہ ڏار ٿي پيو هيون!

وڄندڙ ڪال بيل وارو موبائل کڻي نمبر ڏٺو هئم. دودي جي نمبر جون ٿي مس ڪالون لڳل هيون! ان جو مطلب هو تہ دودي جي ڪيل ڪالز دوران وڄندڙ رِنگ کي نہ تو ٻُڌو هو ۽ نہ ئي مون! سڀ ڪجهہ غير معمولي ۽ حيران ڪندڙ هو!

توڏانهن ڏٺو هئم، آليون اکيون اگهي رهي هُئينءَ. اکيون ملڻ واري ڪيفيت جي تجربي متعلق پڇيو هئم تہ اُڇرج مان لڳ ڀڳ ساڳي ڳالهيون ٻڌايون هُيئي، جيڪي تنهنجي اکين ۾ ٻُڏڻ ۽ ترڻ دوران، مون محسوس ڪيون هيون! فرق رڳو اهو هو جو ڪيفيت جي ان انوکي تجربي جي احساسن جو اظهار ڪرڻ وقت، بار بار مُنجهي رهي هُئينءَ، ايئن جڻ ان اظهار لاءِ توکي ڪنهن بہ ٻوليءَ مان لفظ ڪونہ ملي رهيا هئا!

اهو بہ ٿيو هو جو ”هڪ“ مان ”بہ“ ٿيڻ وقت تنهنجي اکين مان لڙڪ لڙيا هئا, جن جي آلاڻ تنهنجي اکين منجهہ اڃان موجود هئي!

حيرت مان پڇيو هيئي:

”توسان نظرون ملندي, ڪڏهن ڪڏهن عجيب محسوس ٿيندو آهي. پر ڪڏهن تہ مورڳو اکين ۾ نهاريندي, وقت بيهي رهندو آهي. آسپاس جو احساس ئي ناهي رهندو! اهو ڇا آهي؟ اهڙين پُراسرار ڪيفيتن متعلق اڳي ڪٿي ايئن ٻڌو اٿئي!؟“

وراڻيو هئم:

”اهڙن پُراسرار واقعن, ڪيفيتن ۽ رشتن جي نوعيت متعلق هوندئن تہ گهڻُو ڪجهہ ٻُڌو اٿم. پر سنڌ جي هڪ لوڪ قصي ۾ ٻن پيار ڪندڙن جون اکيون ملڻ دوران, ٻي سُڌ ئي پوڻ سبب, وڇان رکيل ٿال جا داڻا, جهرڪا چُڳي وڃڻ واري روايت تہ ڪافي مشهور آهي.“

پنهنجي ساءِ چيو هيئي:

”سالن کان ننڊ وارن خوابن ۾, هڪ اهڙي محبوب کي ڏسندي رهندي آهيان, جيڪو هُوبهو تو جهڙو آهي. انهن رنگين خوابن جا سحرانگيز احساس, جاڳڻ کانپوءِ بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيفيت تي ڇانئيل رهندا آهن.“

ان ئي ويل وري دودي جي نمبر تان ايندڙ ڪال جي رنگ ٽيُون وڳي هئي.

ڪال وصول ڪيم تہ دودي ٺهڪ ڏيندي چيو هو:

”ڦهريون ڏينهن آهي, خبر اٿم تہ ڪال ڪٽڻ جيتري فرصت ڪون هوندي, پر سچ تہ لهڻ ڏيو!؟“

دودي جو رومال ۾ ويڙهي هنئيل چرچو مٿي وارو لڳو هئم, کلي پيو هئس.

دودي سنجيدهہ ٿيندي چيو هو:

”آءٌ هڪ دوست جي ڪار ڪٽي جلد پهچان ٿو تون پاڃائيءَ سميت تيار رهجان. تنهنجا ساهرا تمام سگها ماڻهو آهن. سندن متحرڪ ٿيڻ کان اڳ ئي, پاڃائيءَ جو مسلمان ۽ نڪاح جو رجسٽر ٿيڻ ضروري آهي!“

”ٺيڪ آهي“ چيو هئم تہ ڪال ڊسڪنيڪٽ ٿي پيئي هئي.

دودي واري ڳالهہ ٻُڌي, مسلمان ٿيڻ ۽ نڪاح پڙهجڻ وارن لوازمات متعلق معلومات وٺڻ لڳي هُئينءَ!

دل ۾ ديني جذبا جاڳي پيا هئا. پنهنجي مذهب جي اعليٰ خاصيتن متعلق توکي ليڪچر ڏيڻ لڳو هئس, اهو سمجهندي بہ تہ توکي منهنجي مذهب سان نہ پر رڳو مونسان دلچسپي هئي ۽ مونکي تنهنجو مذهب تبديل ڪرائڻ کان وڌيڪ, توکي پنهنجي زال بنائڻ جو سپنو لُڀائي رهيو هو! مذهب جي تبديليءَ جو معاملو رڳو سماجي ۽ قانوني تحفظ حاصل ڪرڻ هو.

ڪڇي گهر جي واڙي کي باٿ روم طور استعمال ڪندي, توکي يقينن تڪليف ٿي هوندي, پر روپوشيءَ جي حالت ۾ پاڻ ٻنهي کي سڀ ڪجهہ سويڪار ڪرڻو ئي پيو هو! وهنجي نئون جوڙو پائي تيار

ٿي هُئينءَ ته تنهنجو عاليشان حُسن، ڏرتيءَ تي شاعريءَ جي دريافت جو نئون راز محسوس ٿيو هئم! ۽ تنهنجو رنگ، سونَ جي ڪيمسٽريءَ کي ري ڊفائن ڪرڻ ۾ مددگار هجڻ جو وسيلو لڳو هئم!

هٽ هٽ ۾ ڏيئي، گهٽيءَ تي بيٺل سرنهن جي وڻ هيٺان اچي بيٺا هئاسين. هڪ ٽاريءَ تان ڪوئل ڪوڪي اُڏاڻي هئي ته ٻي ٽاريءَ تي طوطن جو هڪ جوڙو اچي ويٺو هو. سامهون ساون ڪيتن مٿان جُهڪيل نيري آڪاش تان اُڏامندي نظر ايندڙ آڙيون ڏسي، دل تاڙيون وڄائي فطرت کي داد ڏنو هوا مرچ چُنڊيندڙ آڱرين جي چلن سان اکيون پڇندڙسج جي روشني ۽ سائي گاهه جي پرين ۾ زندگيءَ جي مشقتن جا لاش کڻي ويندڙ وجودن کي حيرت مان ڏنو هُيئي. پرسان وهندڙ پڪي واٽر ڪورس ۾ الف اُگهاڙو وهنجندڙ مستاني ڇوڪري کي ڏسي، پُنيري تي هُئينءَ! حيا جي هُرڪر ۾، وڏيڪ دلرُبا ۽ جاذب نظر آئي هُئينءَ! لڄاري ماحول جي دُونهن کي، ڳالهه بدلائڻ واري آرٽ جو ڦُونڪو ڏيئي، پڇيو هيئي:

“دودو ڪڏهن ايندو؟!”

تنهنجي شرميلي وجود جي سمورين باريڪين جا پنا پڙهندي ۽ انجوائي ڪندي، مستاني ڏانهن آڱر کڻي، وراڻيو هئم:

“دودي جي ڦِتي آهي، جو هن همراهه جي موجودگيءَ ۾ هيڏانهن ايندو؟!”

مزيدار کل جي ڪٽوري کولي چيو هيئي:

“ذليل ڪٿان جا؟!”

انوکي ڪيفيت ۽ هُجتي لهجي ۾ چيل، تنهنجي ان جملي جي جزئيات ۾ جرڪندڙ رنگن کان، تمام گهڻو محظوظ ٿيو هئس. سامهون ڪچي ڦُڙهه مٿان ايندڙ ڪار ڏسي چيو هئم:

“لڳي ٿو دودو آهي، پر جيستائين پڪ ٿئي تيستائين هل ته واپس اندر هلي ويهون، ڪو ٻيو به ٿي سگهي ٿو!؟”

گهر جي گهٽيءَ تي ڪار جو هارن وڳو هو ته اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو هئس. قميص جي چاڪ مان جهليو هُيئي:

“سائين ٻاهر مٿان نڪرين، ضروري ناهي ته دودو هجي!”

ويهي رهيو هئس.

“آهي ڪو مڙس ماڻهو!؟”

ٻاهر سڏ ٿيو هو. پريشان ٿي مون ڏانهن ڏنو هيئي! کِلي پيو هئس. وڏي واڪ وراڻيو هئم:

“جيڪڏهن مرد آهين ته اندر هليو اچ، عورت آهين ته گهٽيءَ تي بيٺو رهو ۽ جيڪڏهن ٽين جنس آهين ته واٽر ۾ وهنجندڙ مستاني سان گڏ وڃي موج ڪر!؟”

مونجهاري ۽ حيرت مان، مون ڏانهن ڏنو هيئي. ڀِڪي ۾ ٻڌايو هئم:

“دودو ئي آهي، پاڻ کي پريشان ڪرڻ لئه آواز بدلائي مذاق ڪرڻ جي اٽڪل ڪري رهيو آهي.”

ان ئي ويل دودو گهر جي گهٽيءَ منجهان، آگر ۾ ڪار جي چاٻي گهمائيندو ءِ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو ظاهر ٿيو هو.

***

توڪي مسلمان ڪندڙ ۽ پنهنجو نڪاح پڙهندڙ مولويءَ کي دودي چيو هو:

"نڪاح نامي سميت ٻيا ضروري ڪاغذ تيار رکجان. سپاڻي ڪٺي ويندس."

"انشاءِ الله"

دودي منهنجي ڪن تي ڪن رکي پُٽڪو ڪيو هو:

"ميان کي 2000 منائيءَ جا ڏيئي ڇڏ."

تنهنجي ئي ڏنل هزار جي نوٽن جي دستيءَ مان ٻه نوٽ ڪڍي ميان کي ڏنا هئم. هن نوٽ وٺندي چيو هو:

"ڇوڪرا وڏو ثواب جو ڪم ڪيو اٿئي. مون ۽ دودي کي ٻه ڏٺي تعاليٰ نيڪ ڪم ۾ تنهنجي مدد ڪرڻ جو موقعو ڏئي! رحمت جو دروازو کوليو آهي."

دودي پنهنجي ساءِ چيو:

"سبحان الله!"

ميان صاحب مونکي مخاطب ٿي چيو هو:

"هاڻ ٻئي ماٺهو نماز پڙهجو ۽ روزا رکجو! رب حج نصيب ڪندو."

"آمين" چئي ڪانئس موڪلايو هئم.

توسان گڏ ڪار جي پوئين سيٽ تي ويٺو هئس. ڪار جون اندريون بتيون بند هيون. ٻاهر ڏونئري چانڊوڪيءَ ۾ گونگن وڻن جا پاچا، اڳتي ڊوڙندڙ ڪار سبب پوئتي ڊڪندي نظر اچي رهيا هئا! تنهنجو نفيس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، چاڪليٽي آگر تي زبان رکي، پنجن ئي حواسن سان توکي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئم. مذهب بدلائڻ ڪانپوءِ، تنهنجي هوشربا وجود جي حسناڪين ۾ نه واڌارو ٿيو هو ۽ نه ئي گهٽتائي ٿي هئي! بس تون ايئن ئي هُئينءَ، جيئن اڳي محسوس ٿيندي هئينءَ. البت مون سان نڪاح جي ٻولن ۾ ٻڌجڻ بعد ڪنهن پل ملڪيت پسندي ۽ سماجي تصورن سان وچڙندڙ سوچن ۾، توکي لوڪ کان لڪائڻ وارو خيال به ڇُهنبڙيون پائڻ لڳو هو!

واپسيءَ ۾ دودي جا ديني جذبا وڏيڪ پُرجوش ٿي پيا هئا. هن غير مسلم کي مسلمان ڪرڻ سان ملندڙ ثواب سميت روزن کان نمازن بلڪ جهاد تائين، ديني فرضن جي فضيلتن متعلق ڳالهيون ڪيون هيون. هن اهو به ٻُڌايو هو ته عيد ڪانپوءِ پاڻ ديني تبليغ لاءِ جماعت سان گڏجي پنجاب جي سفر تي اُسهڻ وارو هو.

هن فخر سان سمجهايو هو:

“پاڃائيءَ جي مسلمان ٿيڻ جو ٻُڌڻ ڪانپوءِ نه رڳو سندس پونئيرن جو گهڻو تڻو زور ٽٽي پوندو پر قانوني ۽ سماجي طور به پاڻ بهتر پوزيشن ۾ هونداسين. مقامي ايم. پي. اي مذهبي قسم جو ماڻهو آهي. پنهنجي تمام گهڻي مدد ڪندو.”

شارٽ ڪٽ خاطر ڪار ڪچي رستي ڏانهن موڙيندي، دودو ايم. پي. اي جي تعريف جا وڏيڪ ڏِڪ پرڻ لڳو هو:

“هزارين ايڪڙ ٻني اٿس، پر پاڻ هروقت سادگيءَ سان تسبيح سوريندي نظر ايندو آهي. هيءَ ٻني به سائينءَ جي آهي.”

ٿورو اڳيان ڊرائيونگ سيٽ وٽان اندر ايندڙ هوا سان گڏ هلڪي بدبوءِ اچڻ لڳي هئي، ته دودي شيشو بند ڪري ٻڌايو هو:

“پوئين ٻوڏ دوران پاڻي سائينءَ جي ٻنيءَ کي ٻوڙڻ لڳو هو ته هن پنهنجي بنگلي تي آيل سرڪاري امداد واري اٽي جا ڪٽا پاڻيءَ جي سامهون رکي، رخ موڙائي پنهنجي ٻني بچائي ورتي هئي. اهو اٽو اڃان تائين ڏَپ ڪري رهيو آهي.”

تعجب مان پُڇيو هُيئي:

“پوءِ به توهان ڪيس سٺو ماڻهو سمجهي رهيا آهيو؟!”

تنهنجو جملو دودو سمجهي نه سگهيو هو پڇيائين: “جي...؟”

توکي نُونٽ هنئي هئم. منهنجو مقصد سمجهندي، ڳالهه کي سنئو ڏنو هيئي:

“سٺو ماڻهو آهي، تڏهن ئي سرڪار ايتري امداد سندس هٿن ۾ ڏني هئي.”

دودي حيرت پکيڙيندڙ لهجي ۾ چيو:

“هڪ سال تائين ته سندس نوڪرن کي به سندن گهرن جو سامان وٺڻو ڪو نه پيو هو. سائينءَ جي گهوڙن به داڻي طور دال کاڌي هئي. پر سائينءَ نوڪرن کي سختيءَ سان تاڪيد ڪئي هئي ته سرڪاري امداد جو هڪ ڪڻُو به وڪامڻ نه گهرجي ۽ نه ئي منهنجي بورچيخاني ۾ استعمال ٿيڻ کپي.”

هن پيري سرگوشيءَ ۾ چيو هيئي:

“انهي کي چئبو آهي، رهئو هلال، ٻوٽي مُردار!”

دودي پنهنجي نڪاڻي اڳيان ڪار روڪي چيو هو:

“رات ڪافي گذري چڪي آهي، آرام ڪريو. سڀاڻي ملنداسين.”

دودو ڪار ۾ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو هو ته آءٌ تنهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيئي اڱڻ تي آيو هئس. پهرين ياڳيري رات هئي، جنهن ۾ توکي ياڪر پائي، هڪئي بستري تي ليٽڻ جو رنگين سپنو ساڀيان ماڻي رهيو هو. زندگيءَ جي ايندڙ حسين ترين لمحن جو رڳو تصور ئي اندر ۾ ڪتڪايون ڪرڻ لڳو هو.

واڙي ۾ ناڙا ڇوڙ ڪري، گهٽيءَ ڪي ڍينگهرن سان بند ڪري موٽيو هئس. ان کان اڳي ئي مڇرداني ۾ بسترو لڳائي ليٽي پيئي هُئينءَ. پانيان ٿو ايندڙ رنگبرنگي لمحن جو اڳواٽ احساس هيئي. جو پاٽيءَ جي بالٽي پري رکي هُئي ۽ توليو به کٽ جي پاڳي تي لٽڪي رهيو هو.

چوطرف چوڏهينءَ جي چنڊ جي مزيدار روشني نچي رهي هئي. شبنمي هوائن سان ڇلولايون ڪندڙ سنڌ جي ٻهراڙي، وِلهه جي اجرڪ اوڍي ننڊ پيئي هئي! ويڪري کٽ تي لڳل ڪُشادي مڇردانيءَ مان وِٽي ناهي اندر گهڙيو هئس. پرفيوم جي مهڪ، تنهنجي بيقرار جوڀن جي خوشبوءِ سان گڏجي منهنجو سواڳت ڪيو هو! سنهي ڄاريءَ مان ڇڻندڙ سوجهري ۾، تنهنجو چهرو آسماني چنڊ جو هم شڪل محسوس ٿيو هئم. هڪ عجيب خيال سرگوشي ڪئي هئي:

”حسن جي عالمي مقابلي بدران سونهن جو ڪائناتي مقابلو ٿيو ته، مينا جو اصل حريف چنڊ ئي ثابت ٿيندو!“

توسان گڏ ليٽندي،سمورا ٿڪ ڍليٽ تي پيا هئا ۽ زندگي ڪهڪشان جي ڪٽولي تي وڄايل انڊلٺي رليءَ مٿان سجايل گلابن جي سيج پاسڻ لڳي هئم! ڳراٽي پائي،توکي ڏنل ڀرين ڇُميءَ جو ذائقو مجازن جا سمورا فلسفا نئين سر لکڻ لڳو هو! تنهنجي چقمقي ٻانهن جي ڇُهائن کان سڊول سَٽرن جي اُهائن تائين ۽ جوڀن جي گستاخين سان ڀرپور تنهنجي ريشمي چپن کان سونهري بدن جي گسن تائين، سرور، مستي ۽ مزي جي ننڊڙن ننڊڙن ذرن ۾ تُٽي وکري ويو هئس! تنهنجي ساهُن جي سرگم تي رقص ڪندڙ لمحن ۾، چکڻ کان ڏسڻ تائين ۽ سُنگهڻ کان ڇُهڻ تائين، توکي رجنيش اوشوءَ جي فلسفي ۾ ميڙيندي محسوس ڪيو هئم ته، فطرت جي هٿن زندگي، محبت ۽ سونهن جا سمورا رنگ، تنهنجي وجود جي وراڪن ۾ ويڙهي رکيا هئا! اهو به احساس ٿيو هئم ته جيڪڏهن تون نه ملين ها ته جيڪر منهنجي اندر جا اُهي سڀئي ناقابل بيان احساس، ڪڏهن به مون سان ملاقات ڪري ڪونه سگهن ها! جن جو خزانو کلڻ لاءِ قدرت توکي ئي پيٽرن ڪوڊ طور تخليق ڪيو هو!

# (14)

ڀھريون پيرو تنھنجي ھٿن جي پڪل لذيذ ماني کاڌي ھئم. گئس جي چُلھي تي رڌپچاءُ ڪرڻ جي ھيراڪ ھٿن کي ٻيرن جي ڪانين تڪليف ضرور ڏني ھوندي، پر پنھنجن ھٿن سان پڪل ماني، مون سان گڏ ڪائيندي سھاڳڻين جيان ٻھ ٻھ ٻھڪڻ ۾ واھ واھ وھسڻ لڳي ھُئينءَ!

اڳاٽو عاقيل پاڇيءَ سان گڏ لوارڙي ڇيلڙي واري ٻڪري بہ ڏيئي ويو ھو جيئن پاڻ کي صبح سويل پائوڊر واري چانھ پيئڻي نہ پوي. ٻڪريءَ جو گاھ ۾ بورچي خاني جون ڪانيون پھچائڻ جي ذميواري سندس ھڪ ھارياڻيءَ کي سونپيل ھئي.

ماني کائي ھٿ ڌوئي، توسان روح رچندي ڪچھري ڪرڻ لڳو ھئس تہ پريان ديويءَ ھينيان ٻڌل ٻڪريءَ جو ڇٽِ ـ ڪبرو ڇيلڙو ماءُ وٽان ڊوڙندو، نينگ ٽپا ڏيندو پنھنجي ڪٽ تي چڙھي آيو ھو. پيار ۾ شفقت سان ڪيس پاڪر ۾ پيري، نرم وارن واري نازڪ چمڙيءَ تي ھٿ گُھمائي، ننڍڙن ٻارن جيان ڇيلڙي ۾ پاڻ کي ڀلائڻ لڳي ھُئينءَ. تنھنجي چھري تي معصوميت ۾ مامتا جا تاثرات. ڇؤماسي جي ڪڪرن جيان نھڻ ۾ ڊھڻ لڳا ھئا! ان ئي ويل گھٽيءَ تي ڪار جي بيھڻ جو آواز ڪنايو ھُئي.

چند گھڙين بعد دودو ظاھر ٿيو ھو. سندس چھرو اُجھاميل اُجھاميل ھو. سامھون واري ڪٽ تي ويھندي، چيائين:

”يار باھ ٻري ويئي آھي. ميڊيا ڪان انساني حقن جي تنظيمن تائين، ھرڪو پاڇائيءَ جي لو ميريج کي يُنگ خاطر اغوا يا وري زوري مذھب بدلائڻ جو اشو ٺاھي، پنھنجي دانشوري چمڪائي رھيو آھي! چيف منسٽر، آءِ جي کي ڇوڪري بازياب ڪرائڻ لاءِ ٻاھتر ڪلاڪن جي مھلت ڏني آھي. ڪن ھندو تنظيمن جلد ڇوڪري بازياب نہ ٿيڻ جي صورت ۾، ملڪ مان لڏي وڃڻ ۾ ڇوڪريءَ جي والد پاڻ ساڙڻ جي ڌمڪي ڏني آھي. آمريڪا ۾ يورپ جي سفارتڪارن پاڪستان ۾ اقليتن سان ٿيندڙ سلوڪ تي ڳڻتيءَ جو اظھار ڪيو آھي.“

ھن اخبار مون ڏانھن وڌائي ھئي، پر جھٽ ڏيئي ڪٽي ورتي ھُئي. ڀھرئين ئي پيج تي تنھنجي تصوير سان گڏ ان باڪس خبر جي شروعات ھيئن ٿيل ھئي:

”ميرپورخاص ۾ ھندو سيٺ جي ڌيءَ ڏينھن ڏٺي جو اغوا، والدين کي بيھوشيءَ جا دورا.

چند ڏينھن کان ھڪ ڪروڙ لاءِ ڌمڪائيندڙ بدنام ڌاڙيل شرجيل عرف شرلُو تي اغوا جو شڪ ظاھر“.

وڏيڪ پڙھڻ بدران، اخبار کي اڇليو ھيئي، وڪيٽ ڪيپر ڪان ڊراپ ٿيل آسان ڪيچ تي ڪاوڙيل فاسٽ باؤلر جيان.!

”ھي ڪھڙي بڪواس آھي، مون پنھنجي مرضيءَ سان شرجيل سان شادي ڪئي آھي. مونکي ڪنھن بہ اغوا ناھي ڪيو. شرجيل ريڙھو ھلائيندڙ مسڪين پورھيت آھي. ڪير ٿو چوي تہ ھي ڌاڙا

هٽندڙ ۽ ڀُنگون وٺندڙ آهي.هن جي اکين ۾ مونکي هروقت ڏوهاري اکين جي وحشت بدران بيگناهہ ڦاسي چڙهيل انسان جهڙي معصوميت ۽ پڪڙيل پکين جهڙي نماڻائي نظر ايندي آهي“!

دودي بيوسيءَ مان وراڻيو هو:

”ياجائي اها تہ صرف توکي ۽ مونکي ئي خبر آهي. ٻين کي ڪيئن ٻڌائجي ۽ ڪيئن قائل ڪجي؟“!

چيو هيئي:

”ڪيسن جو قانوني بندوبست ٿيڻ تائين,شرجيل ڀلي روپوش هجي,مون کي وٺي هلو تہ پريس ڪانفرنس ڪري بدحواس ميڊيا, ٻي پرک سول سوسائٽي ۽ لڪير جي فقير دانشورن اڳيان حقيقتون پڌريون ڪريان“.

دودي اداس لهجي ۾ وراڻيو هو:

”جهڙي نموني بدمست پوليس جو ريڊ الرٽ جاري آهي, ان مان لڳي ٿو تہ پريس ڪانفرنس تائين پهچڻ کان اڳ ئي اوهان کي پڪڙي مائٽن حوالي ڪيو ويندو. ٽي. وي چينلن تي هلندڙ بريڪنگ نيوز جي هيڊ لائين هوندي:

”ڌاڙيلن سان مُبينا پوليس مقابلي دوران مينا ڪماري بازياب.... بدنام ڌاڙيل شرجيل عرف شرلو ساٿين سميت فرار...!“

اڌنگي نموني کلي پيو هئس. پڇيم:

”تنهنجي حوالي سان ڇا لکيل هوندو دودا؟“

وراڻيائين:

”گهڻو ڪري فُل فرائي ڪندا.ٻي ڏينهن وارين اخبارن ۾ ڇرڪائيندڙ سُرخين هيٺيان ٻقايا ڄاڻايل ڪالم ۾ ڪجهہ هيئن لکيل هوندو:

پوليس تفتيش موجب,مقابلي ۾ مارجي ويل دودو,جهڏي پرسان هڪ ڳوٺ جو رهندڙ ۽ سنڌ يونيورسٽي جو گريجوئيٽ هو. ڪافي وقت کان ميرپور خاص ۾ ڪرائي جي مڪان ۾ رهندو هو.جتي مشڪوڪ ماڻهن جي اچ وڃ جاري هئي. دودو سرڪاري نوڪري ڪرڻ جي خول ۾ ڌاڙن ۽ اغوا جي وارداتن ۾ بدنام ڌاڙيل شرجيل جو سهولتڪار بڻيل هو.مينا ڪماريءَ کي بازياب ڪرائڻ دوران پوليس سان ڌاڙيلن جي ٿيل مقابلي دوران, گولين جو کاڄ بڻجي ويو“.

مون دودي جي چهري تي خوف جي مبهم پاڇن سان گڏ کي ٻيا تاثرات بہ ڏٺا هئا, پر الاءِ ڇو سدائين دوستاڻن دولابن جا هيرا هضم ڪندڙ منهنجي البيلي دلڙي, دودي جي حوالي سان ڪنهن بہ شڪ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪون هئي!؟

ڪيس ياد ڏياريم:

”نڪاح نامي وارا ڪاغذ بہ اڄ ملڻ جو واعدو آهي“.!

مايوسيءَ مان وراڻيائين:

”مون جهڙي وچي ميان کي ڪال ڪري ڪاغذ ڏيڻ جو چيو هو. پر چيائين: ٿپو وڃائجي ويو آهي. جلد نهي ايندو. ٻه ٽي ڏينهن صبر ڪر. ڪاغذ تيار ڪري آءُ پاڻ ئي توکي ڪال ڪندس. پانيان ٿو اڄوڪي اخبار ميان کي ٻه لوڏي وڌو آهي!“

دودي جي ڳالهه دل سان لڳي هئم: ”اڄوڪي اخبار ميان کي ٻه لوڏي وڌو آهي.“

تنهنجي ڪاوڙ ۾ اڇلايل اخبار ڏانهن ڌيان ويو هئم. جنهن کي ڪٽ جي پاڳي پرسان بيٺل چيلڙو چٻاڙي رهيو هو.

اخبار کي چيلڙي جي وات مان ڇڪي ڇڏائيندي، ڳنڍ وارو ڪاڳر جو ٽڪرو ٽُٽي پيو هو.

هڪ ٻي خبر تي نظر اٽڪي پيئي هئم. وڏي آواز سان سرخيون پڙهڻ لڳو هئس. پانيان ٿو سُرخين مان هي جملا، مون جيان توکي ٻه تلوارن جيان لڳا هئا:

”زوري مذهب مٽرائڻ ڏوهه قرار: پنج سال سزا ملندي، ٻيڄاري ۾ ڌمڪائي مذهب تبديل ڪرڻ کي زوري مذهب تبديل ڪرائڻ تصور ڪيو ويندو. زوري مذهب تبديلي تي واقعي جي ايف. آءِ. آر ۾ اغوا، زنا، زوري شادي ڪرڻ ۽ نابالغ سان شاديءَ جا ايڪٽ لاڳو ڪيا ويندا. اهڙي ڏوهه جي ڪيس ۾ ناهه يا ضمانت ٿي نه سگهندي. اقليتي ماڻهو جي زوري مذهب تبديل ڪرائڻ ۾ سهولتڪار کي ٽي سال سزا ملندي. لاجسٽڪ مدد ڪندڙ کي ٻه پنج سال سزا ڏني ويندي. 18 سال کان وڏي عمر واري جي مذهب مٽائيندڙ کي محفوظ هنڌ منتقل ڪري مختلف مذهبن جي پيٽ جي اسٽڊي ڪرڻ ۽ سوچي فيصلو ڪرڻ لاءِ 21 ڏينهن ڏنا ويندا. اهڙي واقعي جي ٻار يا دماغي معذور شخص جا تفصيل ميڊيا ۾ رپورٽ نه ڪيا ويندا.

سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل بل اتفاق راءِ سان منظور“.

اخباري سرخين، پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙن کي ڄڻ گُهتو ڏيئي ڇڏيو هو. الاءِ ڪيئن چيو هئم:

”بااثر ماڻهو ونگاري پوليس معرفت رضا خوشيءَ کي ”زوريءَ“ ۾ بدلائيندي دير ئي ڪيتري ڪندا؟! مذهبن جي پيٽ جي اسٽڊي جي نالي ۾ خاص هند تي ترسائڻ لاءِ 21 ڏينهن، اصل ۾ بيوس فرد کي ذهني ۽ جسماني ٽارچر وسيلي من پسند بيان ڏيڻ لاءِ قائل ڪرڻ خاطر رکيا ويا آهن!“

غمگين خاموشي ڇانئجي پيئي هئي. اداسيءَ جي ڪنڊن کي ڄڻ پاڻ-وندرائيندڙ ڇپن سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي، چيو هيئي:

”سنڌ اسيمبليءَ مان منظور ٿيل اهو بل عملي جامو پائڻ ۾ وقت لڳائيندو“!

دودي ڪنڌ ڏوٽي تنهنجي راءِ سان اتفاق ڪيو هو. پر الاءِ ڇو مونکي ايئن محسوس ٿيو هو. ڄڻ اهو بل مون ۽ توکي مُڏي ڪاتيءَ سان ذبح ڪرڻ لاءِ تخليق ڪيو ويو هو. مونکي اهو ٻه محسوس ٿيو هو ته نظرين جي نمائش ڪندڙ معاشرن ۾ خود نظريا، ري ايڪشن ڪندڙ انجيڪشن تي پوندا آهن! مون کي اهو ٻه محسوس ٿيو هو ته فسطائيت سانڊي جيان هرروز نوان روپ مٽائي رهي هئي. مون اهو ٻه سوچيو هو

تہ سمورا نظريا ۽ سمورا فلسفا، اجتماعي سچائين جي لباس پائي، باريڪين ۾ ڪيئي ڪوڙ لڪائيندڙ هوندا آهن! مون کي اهو بہ مضحڪہ خيز خيال آيو هو تہ

”قدامت ۾ جدت موجود آهي ۽ جدت ۾ قدامت موجود آهي. بس رڳو اجتماعيت ۽ جزئيات جو اُبتو فرق ڏسڻ ۾ ناهي ايندو!“

اهڙين ڪيفيتن ۾ مونکي اهڙا ئي خيال ايندا هئا. ان ڏينهن پڻ مٿيان خيال ايندي، شايد منهنجو چهرو بہ مضحڪہ خيز ٿي پيو هو جو سامهون ويٺل دودي چرچو ڪرڻ جي ڪوشش ۾، ماحول جي بي سُرائي ڏوئڻ جي ڪوشش ڪئي هئي:

”ويامندڙ ٻڪريءَ جيان مُنهن ڇِپو نہ ڪر، ڪجهہ ڪون ٿيندو“.

مرڪي وراڻيو هئم:

”ڪونہ رهين نہ؟! نيٺ تنجڻ ڳوهہ جيان لِبرڪو ڪري وئين نہ!؟ زندگيءَ ۾ ڦهريون پيرو چڱو چرچو ڪرڻ جا، چار آنا ڏيان ها، پر ڪيسي ۾ ڪُلي چار آني آهي ڪونہ“.

دودي مرڪي ساڳي نوعيت جو وار ڪيو هو:

”چار آنا تہ وڏا آهن. مون ڪاليج لائيف کان هيستائين تنهنجي ڪيسي ۾ ڪڏهن ٽيبدي پائي بہ ڪونہ ڏٺي آهي“.

سدائين دودي جي چرچن تي مرڪي پوندڙ مون جهڙي زندهہ دل شخص کي بہ ان ڏينهن الاءِ ڇو؟ دودي جو پويون مذاق ناگوار لڳو هو. شايد تو اڳيان منهنجي مفلسيءَ جي بدترين تشريح ڏکي لڳي هئم. تڏهن سوچيو هئم:

”تنقيد يا چرچي ۾ ڪنهن سان منسوب ڪيل غير حقيقي خامي ايتري ڏکي ناهي لڳندي، جيتري حقيقي خاميءَ جي ڪيل نشاندهي“.!

وري مختصر خاموشيءَ وقت کي ڏنگ هنيو هو. پر جلد ئي ڇُنيءَ جو پلئو دودي اڳيان اُچليندي، ايلاز ڪيا هُيئي:

”ادا پئسن جو کُتڪو نہ ڪريو. شرجيل، مون ۽ منهنجن ساهُرن کي ظالمن کان بچائڻ لاءِ سٺن وڪيلن سان رابطو ڪري، قانوني حق ڏيارڻ لاءِ اسانجي مدد ڪريو“.!

دودي وراڻيو هو:

”رب سَٺائي ڪندو ڀاڄائي“.!

ان وقت تنهنجو چهرو ۽ مظلوم لهجي ۾ ايلاز ٻُڌي دل ميڻ جيان پگهرجڻ لڳي هئي ۽ اکين ۾ ٻُوندون پرجي آيون هيون.لمحن لاءِ مونکي ايئن محسوس ٿيو هو ڄڻ آءٌ پنهنجي خاندان سميت پوليس وارن،ميڊيا جي ماڻهن،اقليتي حقن جي طرفدارن، سياسي مدارين ۽ نمائشي دانشورن جي بيرحم تماشي ۾ رت ڳاڙي رهيو هئس. جيڪي چؤطرف خونخوار جانورن جهڙن ڏندن ۽ نُنهَن کي، لبرل ازم،

سيڪيولرازم، صنفي برابري، پرامن رياست، انارڪي، اقليتي مامرا ۽ مذهبي جبر وغيره جهڙن ماڊرن لفظن ۽ اصطلاحن تي سِراڻ چاڙهي، اسان جي وجود ۾ وري وري ڪُپائي رهيا هئا.!

توکي آئٽ ڏيڻ بعد دودي صلاح ڏني هئي:

”هتي اوهان هونئن تہ محفوظ آهيو پر مصيبت پڇي ناهي ايندي، احتياط ضروري آهي“.

پاڻ ٻنهي سندس چهري ڏانهن ڇتائي ڏٺو هو. هن ڳيت ڏيئي توکي مخاطب ٿي چيو هو:

”پنهنجي خرچ پکي وارا پئسا پاڻ وٽ رکو ۽ باقي ڳٽي ٿيلهي ۾ وجهي تالو لڳائي، ٿيلهو امان وٽ رکي ڇڏيو. ممڪن هجي تہ ڳهہ ڳٺا بہ ٿيلهي ۾ هٽي ڇڏجو. جيئن خدا نہ ڪري، پر جيڪڏهن توهان تي پوليس جو ڇاپو لڳي تہ اهي پئسا اوهان جي قانوني مدد ۾ ڪم اچن“.

ساڻس سهمت ٿيندي چيو هيئي:

”هينئر ئي ٿيلهو ڏيان ٿي، ڪٽيو وڃ ادا“.

دودي وراڻيو هو:

ايئن نہ پاڇائي! اڄ شام جو عاقيل بيل گاڏي وٺي ايندو. سڄ لٿي ڪانپوءِ ان ۾ چڙهي، توهان پاڻ امان کي هٿوهٿ امانت ڏيئي ڇڏجو. توکي ڏسڻ ۽ مهماني ڪرڻ واري امان جي فرمائش بہ پوري ٿي پوندي. رات جي مانيءَ تائين شرجيل اوطاق ۾ عاقيل سان ڪچهري ڪندو رهندو. ان بعد عاقيل اوهان ٻنهين کي وري بيل گاڏيءَ تي هتي ڇڏي ويندو“.

چيو هُيئي:

”ادا جيئن توکي مناسب لڳي“.!

آءٌ دودي کي ويجهو کان سڃاڻندو هئس. بنا شڪ جي هو هيستائين منهنجو وفادار دوست رهيو هو. پر مونکي خبر هئي تہ دولت ۽ عورت، ٻئي سندس ڪمزورين ۾ شامل هيون. ان ڪري تنهنجي پاڻ سان آندل ملڪيت ماڻس وٽ رکڻ ۽ مونکي اوطاق ۾ ڇڏي توکي گهر وٺڻ جي صلاح ڏيڻ تي ڇرڪي پيو هئس. مگر موجوده ڏُکن ۾ دودي جي ڏنل ڏورٽن سبب ڪجهہ بہ چئي ڪونہ سگهيو هئس.

”پنهنجي موبائلن مان سمون ڪڍي اڇلي ڇڏيو اڄ ڪلهہ موجود ٽيڪنالوجيءَ ۾ ايڪٽو موبائل نمبر جي مدد سان توهان تائين آرام سان پهچي سگهجي ٿو“.

دودي هدايت ڪئي هئي. وراڻيو هُيئي:

”مونکي خبر آهي، تڏهن ئي تہ گهران نڪرڻ ويل سم ۽ موبائل ٻئي جهوري ڇڏيا هئم. باقي سائين تہ مرضيءَ جو مالڪ آهي“.

دودي ويندي ويندي چيو هو:

”شرجيل توهان بہ سم ڪڍي واتر ۾ لوڙهي ڇڏجو ۽ گهر جي اندر ئي رهجو. مون کي ڪجهہ چوڻو هوندو تہ عاقيل جي واتان ميسيج موڪليندس“.

دودي جي وڃڻ بعد موبائل مان بيٽري ۽ سم ڪڍي ٽوڙڻ بعد موبائل گهر جي ڪائين پويان لڪائي ڇڏيو هئم. تنهنجي پرسان ڪٽ تي اچي ويٺو هئس. شيمپوءَ سان تازو ڌوتل تنهنجن پنين ڪاڪلن جو هُڳاءُ، اخبار ۾ پڙهيل ۽ دودي جي ٻُڌايل ڳالهين مان نهي پيل مايوسين جا ڪارا ڪڪر هٽائڻ لڳو هو. منهنجي آڱرين ۾ آڱريون ملائي پڇيو هُيئي:

”منهنجي ڪري ئي پريشان ٿي پيو آهين نه؟!“

مرڪي چيو هئم:

”تنهنجي ڪري ئي ته خوشين ۽ سُکن سان شناسائي ٿي آهي، ورنا اڳي ته سورن جي سنگت ۾، سُکن جون سَڌون ئي وسري ويون هيون“.

مرڪي اکين ۾ نهاريو هيئي. ڪجلين اکين ۾ حياتيءَ جو سمورو حسن ته نظر آيو هئم، پر اهو پراسرار نقطو نروار ٿي نه سگهيو هو جنهن ۾ پاڻ بئي ٻن مان هڪ ۽ هڪ مان وري ٻه ٿيڻ جي انوکي تجربي مان گذرندا هئاسين ۽ پنجن حواسن کان به اڳتي ڪجهه غير معمولي محسوس ٿيندو هو.!

چيو هئم:

مينا تنهنجي پاڪر ۾، زندگيءَ جي سمورن حادثن جا درد، ڇڙهندڙ سج جي اُس ۾ ماڪ جيان تحليل ٿي پوندا آهن! تون پنهنجي ڇپن جي ڇمين سان، ماضيءَ ۾ مون کي مليل محرومين جي ڏُکندڙ يادن جا ڪنڊا چُنڊي ڇڏيندي آهين! مون تنهنجي گوڏي تي ڪنڌ لاڙي وسايل لُڙڪن جي برسات ۾، رتورت دل جا داغ ڌوئڻ جي حسرت ڪئي آهي.!

پنهنجي هنج ۾ مونکي ننڍڙي ٻار جيان ليٽائي، مٿو پنهنجي گوڏي تي رکي، منهنجي وارن ۾ آڱريون قيرڻ لڳي هُئينءَ. سڄي زندگي ايئن ئي گذري وڃڻ جي تمنا، دل جو بورينڊو وڄائڻ لڳي هئي! اهڙين ئي خود فريب تمنائن جا ڪٽمنڙا چوسيندي، الاءِ ڪيڏي مهل اک لڳي ويئي هئم. توسان اک لڳڻ کانپوءِ آيل افراتفرين ۾، پهريون ڀيرو ڏينهن جي ننڊ جو ايئن مزو ورتو هئم. تون به منهنجي پرسان ليٽي، رات واري اوجاڳي کي کونگهرن ۾ اُڏائڻ لڳي هُئينءَ!

## (15)

ڏيڳي گاڏيءَ مان لهي، توڻ دودي جي گهر هلي ويئي هُئينءَ. پوِيان اوطاق جي اڱڻ تي، عاقيل سان ڪچهري ڪرڻ لڳو هئس. وٺن جي لامن مان لڙڪي ڇٽندڙ چانڊوڪيءَ ۾ هو چئي رهيو هو:

“دنيا ۾ پئسن کانسواءِ انسان اپاهڄ آهي!”

محسوس ڪيو هئم تہ مفادن جي پاٽيءَ ۾ ترندڙ انڌي مڇيءَ جهڙي موجوده سول سوسائٽيءَ جي پڇ ڊائي ذهنيت، عاقيل جي اکين مٿان پڻ هٿ ڏيئي ڇڏيا هئا. هو انسان هوندي بہ انسانيت جي ڪائناتي قدرن کان پاسيرو هوءِ جدت کي پسند ڪرڻ جي باوجود بہ ذهني طور مکروهہ قدامت جو قيدي بڻيل هو!

عاقيل رات جي ماني کٽڻ لاءِ گهر روانو ٿيو هو تہ پوِيان اڪيلائيءَ جي لمحن ۾، وهمن ۽ وهلُورن جا ڪيئي واچوڙا ورائي ويا هئم:

“تاريخ جي هر دؤر ۾ ملڪيت ۽ نسواني حسن جي مالڪي سدائين جان جي جوکم جو سبب رهي آهي ۽ تاريخ ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي دهرائڻ کان غافل ناهي رکيو!

اڄ دودي ۽ عاقيل کي بہ سونهري موقعو مليو آهي، مونکي مارڻ بعد مينا ۽ سندس دولت قبائڻ جو! ڇا هاڻ مينا دودي جي حويليءَ جو سينگار ٿي پوندي!؟”

ڇرڪي پيو هئس. گهٽُو اڳ ڇام شوري جي رات ۾ دودي جو چيل جملو ياد آيو هئم:

“مرد لاءِ حسين عورت ۽ بنا محنت ملي پيل دولت، قدرت جو بيمثال گفٽ هوندا آهن!.”

ڇڻ روح جي بليڪ هول ۾ ڪرڻ لڳو هئس، آڏو اُبتو هيٺ، مٿي، لهوارو، سِڌو۔ بس سمورين ڊشائن عدم جي اونهي وات ۾ وڃي آپگهات ڪري ڇڏيو هو!

دودي ۽ سندس گهر ڀاتين جي هٿن جي ڪات ڪهاڙن جا خيالي عڪس، رت ڇاڻ تي ڇري پوندڙ خونخوار جانورن جي ڏندن سان ملندڙ۔ جُلندڙ تصورن ۾ تحليل ٿي پيا هئا. سليقي سان سوچڻ واري سرڪش گهوڙي جي واڳ هٿن مان ڇڏائي ويئي هئي.

“ٿي سگهي ٿو مون ۽ مينا ٻنهي کي ماري دولت جي ٿيلهي تي ئي قبضو ڪيو ويندو.اسان جا لاش ڪنهن آڏي ساڏي کڏ ۾ اچلي پوريا ويندا. جتي گهٽو عرصو زميني ڪيڙن جا شادي ڪاج هلندا رهندا ! اسان جي جسمن جا جُذا، زمين جي زرخيزيءَ وسيلي ڪنهن وونئڻ سان پيوند ٿي پوندا، جنهن جو سفيد ڪپهہ چُنڊيندي ڪا پرديسياڻي پورهيت، چپن ئي چپن ۾، وڇوڙي جو گيت ڳائيندي! ۽ ايئن اسين ڪڏهن وري هن ديس جي هوائن جو حصو ٿي پونداسين!؟”

وٽن جا پُنا ٽپريندڙ هوا جي جهونڪي سان اُٿندڙ آواز تي ڇرڪي پيو هئس. فرسٽريشن ۽ بيقراريءَ ۾ وڇڙندو، کٽ تان اٿي ٿورو پريرو وڃي ناڙا۔ ڇوڙ ڪئي هئم. پيشاب جي سوساٽ سان گڏ ڪيئي اُبتا۔ سبتا خيال بہ مڇرن جيان من ۾ پُون۔ پُون ڪرڻ لڳا هئا:

“ڇا مون ۾ مينا جي وڇوڙي جي رت هاڻي ڇُني، اڄوڪي رات ڪي ٿي اوڊيٽي آهي؟! ڇا مرڻ کان اڳ هڪ دفعو ٿي سهي، هوءَ مونکي ۾ آءُ هُن ڪي وري ڏسي به سگھنداسين يا الاءِ نه؟!.”

اُتي اڳٺ ٻڏندي،پريان نظر ايندڙ دودي جي گھرن جا ڏُنڌلڪا، لڪي وار ڪندڙ نقاب پوش قاتلن جيان لڳا هئم.

لمحن لاءِ ايئن لڳو هئم، ڄڻ رتورت ڪاتن، کهاڙن ۾ ٻين ننڍين وڏن هٿيارن جي اُگھاڙي رقص ڪي،جيون جون دشمن ديوبون ۾ ديوتا محظوظيت مان ڏسي رهيا هئا! ۾ اُتان ئي ڪٿان ڪنهن به وقت، موت جو ڏُومي هٿ مون ڏانهن وڌڻ وارو هوا!

چانڊوڪيءَ ۾ نظر ايندڙ پنهنجي پاڇي کان به ڇرڪي پيو هئس.

ڪنوسرو ڏيئي ڪو آواز جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئم، پر هر پاسي پُراسرار ماٺ جو گھوريندڙ مُهانڊو نهاري رهيو هو. واپس وري اچي ڪٽ تي وينو هئس، سوچيم:

ڪاش اهي خيال اڳ اچن ها ته جيڪر مينا ڪي هيڏانهن وٺي اچڻ جي غلطي ڪون ڪريان ها؟! دودي ڪي ٻاج ڏيئي ڪنهن اڻ ڏٺل منزل ڏانهن نڪري پوان ها. ايئن آسانيءَ سان سندس وڇايل ڄار ۾ نه ڦاسان ها؟!”

ان ئي ويل ڪتيءَ پويان ٻوڙندڙ ڪتي جي قدمن جي آواز ٻُڌي ڇرڪ پريو هئم ۾ روح تائين ڏنڌوڙجي پيو هئس. پانيان ٿو عجيب و غريب آواز ڇپن تائين ايندي ايندي وات ۾ ئي وڃاڻو هو. سوچيم:

“شڪر آهي جو آسپاس ڪو به موجود ناهي، نه ته جيڪر منهنجي نارملتي به شڪي ٿي پوي ها. پر ڇا هينئر جيڪو ڪجھ سوچي رهيو آهيان، اهو نارمل آهي؟ يا وري اوچتو آيل غير معمولي حالتن جا درد، هضم ڪري نه سگھندڙ لاشعور، اڻ- سيبائيندڙ خيالن جي اُلٽي ڪري رهيو آهي! يا وري مينا ڪي وڃائي ويهڻ واري لاشعوري خوف جا مونجهارا ئي آهن، جيڪي مونکي لاڳيتو شڪ ۾ وهم جي ٿوهرن سان وچڙائي رهيا آهن!

رڳو ايئن به ناهي ته منهنجون موجوده سوچون هڪطرفي ماليا خوليا جو پرتوو ٿي پيون آهن، پر حالتن جي هٿن وهمن تي حقيقتن ۾ حقيتن تي وهمن جو رنگ هاري وڌو آهي! ان ڪري ڪيئن ڇئجي ته جيڪو ڪجھ سوچي رهيو آهيان، سو وهم آهي يا وري حقيقت!؟”

دودي جي گھر وٽان ايندڙ قدمن جو آواز ٻُڌي وري وکرڻ لڳو هئس:

“ايندڙ همراهه منهنجو قاتل به ٿي سگھي ٿو! مون ڪي مارڻ لاءِ کھڙو بم گُهربل آهي؟ بس رڳو ڇُرو، کهاڙي يا پستل سان به ڪم ٿي ويندو...

ذهن کوکلي لوهي دٻي جيان ٿي پيو هو جنهن ۾ مُنتشر خيالن جون نڪريون ٺڙڪڻ لڳيون هيون. قدمن جو آواز جيئن جيئن ويجھو آيو هو تيئن تيئن خواب گاڏڙ خيالن ۾ ڪي شبها ۾ شبيهون نهڻ ۾ ڀڃڻ لڳيون هيون! ڪيئي رت هاڻا ڪات ۾ کهاڙا، امڪاني قاتل جي رت پياڪ ڀٽيءَ جا ڏند محسوس ٿيڻ لڳا هئا!.

“وڻن پويان لڪي حالتن جو جائزو وٺان” ان ئي سوچ ۾ ڪٿ تان لهي وڻن جي پويان وڃڻ لڳس. هڪ وڻ جي ٿُڙ آڏو بيهي ايندڙ همراهه جو جائزو ورتم. جيڪو هاڻ وڻن جي ڏگهن پاڇولن جي تاريڪيءَ کان اڳتي نڪري، چانڊوڪيءَ ۾ چٽو نظر اچڻ لڳو هو. مون ڪيس چٽائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هُو عاقيل هو ۽ سندس هٿ ۾ گهران آندل مانيءَ وارا برتن هئا. ڪٿ تي برتن رکي هُو آسپاس نهارڻ لڳو هو. ان جو مطلب هو ته هن وٽ في الحال هٿيارن سان مونکي مارڻ جو منصوبو موجود ڪو نه هو. سوچيم:

“مون کي مارڻ لاءِ زهر جو استعمال به ڪري سگهجي ٿو. شايد تڏهن ئي ته دودي رقم سندس گهر ڇڏڻ جي صلاح سان گڏ رات جي ماني پنهنجي گهر کائڻ لاءِ زور ڀريو هو؟! زهر وارو طريقو وڏيڪ آسان ۽ ڪنهن حد تائين محفوظ آهي.”

وري هڪ ٻئي خيال اچي آگُر جهلي هئي:

“ڪاڏي ۾ زهر هوندو ته به زوري اُڏي مُنهن ۾ ته ڪو نه پوندو؟!”

وڻ جي اوٽ مان نڪري عاقيل جي پير واري ڪٿ تي وڃي ويٺس. سوچيم:

“وڻن ۾ پيشاب ڪرڻ جو بهانو گهڙي وٺان، پر وري خيال آيو:

“عاقيل شڪ ڪندو ته پيشاب لاءِ بنا پاڻيءَ ايترو پري ڇو ويو آهيان.”

عاقيل چيو:

“آءُ ته ماڳهين پريشان ٿي پيس. سوچيم همراهه ڪيڏانهن ويو؟!”

خيال آيو:

“پريشان ٿيندين ڪونه؟! مون جهڙو سستو ۽ قيمتي شڪار هليو ويو.”

پر اندر ئي اندر ان خيال جو گلو گُهٽي ڇڏيم. هڪ چڱو بهانو ملي ويو چيم:

“پيٽ ۾ سور اٿم. ڇهل قدمي ڪرڻ لاءِ ٿورو اڳتي نڪري ويو هئس.”

عاقيل اٿي وڃي بدنو کنيو ۽ هٿ ڌئارڻ لاءِ مون ڏانهن وڌيو. پهرين سوچيم ته عاقيل کي گڏ ماني کارائڻ لاءِ زور ڀريان. ڪاڏي ۾ زهر هوندو ته هرگز ماني ڪونه کائيندو. پر وري سوچيم:

“هن جيڪڏهن گهران ماني کائي اچڻ جو بهانو ڪري ورتو ته مون وٽ ماني نه کائڻ جو ڪهڙو جواز بچندو؟!”

عاقيل ويجهو پهچي چيو:

“ادا هٿ اورتي ڪر ته پاڻي لڳايان.”

وراڻيم:

“عاقيل يار پيٽ ۾ گهڻو سور آهي. ماني ته وٽي ڪونه ٿي.”

عاقيل زور ڀريندي چيو:

“ٻه ٽي گرهه ته کائو يلا؟!”

سوچيم:

“ٻن ٽن گراهڪن ۾ ئي ڪم ٿي ويندو!”

پر ان خيال جو اندر ئي اندر گلو گهٽيندي وراڻيم.

“سور عادتي آهي. هڪڙو گرهه کاڌم تہ اُڪت ماريندو. توهان ماني واپس کڻي وڃو.”

عاقيل ٻُڪٽيءَ جو اظهار ڪندي چيو:

“اسين بہ هيڪل گهراڻي ويٺا آهيون. هتي تہ گوري بہ ڪونہ ملندي!”

هُو واپس وڃي کٽ تي ويٺو ۽ سگريٽ دُکائي سوٽا هڻندي، چيائين:

“ڪافي دير ٿي چڪي آهي. بک سبب پيٽ ۾ ڪوئا ڪُڏي رهيا آهن. آءُ تہ سگريٽ پورو ڪري ماني کايان ٿو باقي تنهنجي مرضي توسان!”

تڏهن ئي پڇتاءَ جي پاڻيءَ ۾ ٻُڏندي سوچيو هئم:

“ڪيڏو نہ اياڻو آهيان، محسن دوستن تي اجايا شڪ ڪري، انومانن جي اتاڪي ڪُتيءَ کان انڌا گُلر چٽائي رهيو آهيان!”

ان ئي ويل شام وارو تنهنجو چيل جملو ياد آيو هو:

“رات وارو ويلو تہ دودي جي گهران ٿري ويندو، پر صبح لاءِ سامان گهرائجان. چو تہ بنا دروازي واري بورچيخاني ۾ رکيل اٽو ڪتا خراب ڪري ويا آهن!”

ان جو مطلب هو تہ توسان گڏ واپس پهچڻ بعد بہ ماني ملڻ جو آسرو ڪونہ هو.

مارجي وڃڻ ۽ تنهنجي ڦرجي وڃڻ جي نفسياتي دڙڪن سبب پيٽ جي گُندلي پوڻان لڪي ويٺل بک جو ٻارڙو، وري روئڻ لڳو هو. سوچيم:

“رڳو خوف جي اُلرن، فن جي محظُوظات، سونهن جي نظارن ۽ ٻالهين جي ڳهر سان بک کي ٽارڻ ممڪن هجي ها تہ جيڪر دنيا جون سڀ ملون بند ٿي وڃن ها!”

عاقيل سگريٽ وسائي، اُٿي وڃي برتن رکيل کٽ تي ويٺو. پنهنجي ساءِ چيائين:

“ماني ٿرڻ بعد ذائقو چڙي ويندي.”

منهنجي وات ۾ پاڻي پيرجي آيو. دل چاهيو تہ بنا صلاحڻ جي ساڻس گڏ وڃي ماني کايان. پر تهذيب جي نالي ۾، سماج جي سيکاريل مصنوعيت روڪي وڌو:

“هينئر هينئر ماني کائڻ کان انڪار ڪيو اٿئي، هاڻ وري بنا سڏڻ جي ماني کائيندين؟ نڪ صفا ڪو لُوسڻ جو اٿئي ڇا؟ وڃيا ويهہ تہ موريا تيهہ؟!”

پاڻ تي اخلاقي مارشل لا لڳائڻ جي ڪوشش ڪيم. پر پيٽ ۾ بُک جو پُرتشدد احتجاج وڌڻ لڳو. بار بار هڪ سوال جو ڏينڀُو ڏنگيندو رهيو:

“عاقيل وري ماني کائڻ لاءِ صلاحيندو يا الاءِ نہ؟!”

عاقيل واري واري سان ماني، ٻوڙ ۾ چانورن تان ڍڪ لاٿو. هرسُو وڻندڙ هٻڪار پکڙجي پيئي. پيٽ ۾ وڏيڪ وٽ پوڻ لڳا. بک جو ناقابل برداشت احساس، وات ۾ نهي پيل ڏيڍ تولي جي ٽُڪ ۾ گهڙي آيو. ٽُڪ ٽُڪيندي سوچيم:

”امير ۽ غريب جي بُک هڪجهڙي هوندي آهي، بس ڍؤ ۽ بک جون حالتون ۽ سبب مختلف ٿيندا آهن!.“

عاقيل وڏي چمچي سان ڏُونگهي مان ٻوڙ ڪڍي پليٽ ۾ وجهڻ لڳو. پليٽ ۾ ڪرندڙ ٻوٽين جو هرهڪ ٽُڙڪو ٻُکي پيٽ کي سِڪائڻ جون ستم ظريفيون ڪرڻ لڳو. هڪ حسرت هانءُ کي نپوڙڻ لڳي:

”ڪاش! عاقيل وري ماني کائڻ لاءِ صلاحي!“

عاقيل مانيءَ مان گرهه پٽڻ لاءِ هٿ وڌايو. ايئن لڳم ڄڻ اجوڪي رات پيٽ ڀرڻ جون سموريون اميدون ٻه، عاقيل جي ڏندن هيٺيان اچڻ واري گرهه جيان ذرو ذرو ٿيڻ واريون هيون!

مانيءَ مان ٽُڪر ڀڃندي، ڄڻ کيس ڪجهه ياد آيو. رسمي صلاح هڻندي، چيائين:

”اچو ته ماني کائون.“

مون کٽ تان اٿندي وراڻيو:

”هاڻ ته پيٽ جو سور به گهٽجي رهيو آهي ته بک به وڌي رهي آهي. ذائقي کي ٿورو تبديل ڪري ڏسون پلا؟!“

عاقيل کٽ تي منهنجي لاءِ جڳهه ٺاهيندي چيو:

”اڄ اڄ هن اوطاق تان نيراني پيٽ وڃڻ سنو سنوڻ ناهي.“

عاقيل سان گڏ ماني کائيندي سوچيم:

”پلي بک پرم جي، شال مَ وڃي شان“ جهڙي سماجي چوٽي جن چپن تان پهريون پيرو تِرڪي هوندي، انهن چپن زندگيءَ ۾ شايد ڪڏهن به بک مري ڪونه ڏٺو هوندو!

ماني کائڻ بعد ٺلها ٿانوَ گهر ڏانهن کڻي ويندي، عاقيل چيو:

”تون باٺونڊري وٽ هلي ويهي، آءٌ پاڄائيءَ کي ڍڳا گاڏيءَ ۾ ويهاري پهچان ٿو.“

باٺونڊريءَ تي تنهنجو انتظار ڪندي، سوچيو هئم:

”ساعتن ۾ صديون سمائيندڙ اوسيئڙا، واڳونءَ جي وات ۾ هُجڻ کان به وڌيڪ اذيتناڪ هوندا آهن!“

عاقيل جي ڍڳا گاڏيءَ تي توکي صحيح سلامت ڏسي، ان کان به وڌيڪ خوشيءَ کينچل ڪئي هئي، جيتري سول اسپتال جي اڳيان، ڪار جي پوئين سيٽ تي توسان گڏ ويهندي، بدن ۾ ڪتڪائي ٿي هئي. سوچيو هئم:

”دلواريون ۽ قيمتي شيون پهريون دفعو ملڻ وقت ايتري خوشي ناهن ڏينديون، جيتري وڃائجي وڃڻ جي احساس مان وري موٽي ملڻ وقت محسوس ڪرائينديون آهن!“

توکي پهريون ڀيرو ڏسڻ کان هيستائين، وري وري وڃائڻ جي خدشن باوجود، تنهنجي هيستائين جي رفاقت زندگيءَ جي انمول دريافت محسوس ٿي هئم. ڀر دودي جي گهر وڃڻ واري تنهنجي ٽن ڪلاڪن جي ڏوريءَ، ڀاٽيءَ ۾ پوندڙ ڪچي گهڙي جيان ايترو ته ڀوري ڀُڪا ڪري وڌو هوجو دودي جي اوطاق تي عجيب ۽ ايبنارمل خيال آيا هئم، جن کي لاشعوري طور پوليس جي خوف ۽ اخباري سُرخين جي تلخ ترين اثرن ويتر وڌايو هو.

وياڪل چانڊوڪيءَ ۾ ڏيگا گاڏيءَ جا لوڏا کائيندي، توکي ايئن محويت سان ڏٺو هئم،جيئن ڪو خبطي سائنسدان سالن جي ناڪام تجربن پڄاڻان، پهرئين ڪامياب ٿيندڙ تجربي کي ڏسندو آهي! چنڊ جي ڪرڻن ۾ ڪيتري نه سهڻي ۽ من موهڻي لڳي هُئينءَ. وري وڃائجي وڃڻ جي اُلڪن سان گڏ، پنهنجي هٿن ۾ تنهنجو هٿ جهلي، توکي ڇُهائن ۾ ايئن محسوس ڪيو هئم، جيئن ڪو چٽو نابين لوڪ کان لڪايل پنهنجن زيورن تي وڏي وڇوتيءَ کانپوءِ هٿ ڦيريندو آهي! يا وري انڌپڻ سبب سُڃاڻڻ جي بهاني، ڪنهن جوان عورت جي ٻانهن کي ڇُهندو آهي!

اڳتي ڏُڪندڙ ڏيگن پويان گهيلجندڙ گاڏيءَ تي، آسپاس نگاهه ڪئي هئم ته صبح جي ڊوڙ ڪندڙ فوجين جيان وڻن جا پاڇولا پوئتي ڀُڪندي ڏسڻ ۾ آيا هئم. ڏُور ساون کيتن ۾ گدڙن جي اونائڻ جا آواز، جهنگلي فطرت جون ٻوليون ٻُرائي رهيا هئا! ڪچي رستي ڪناري وهندڙ ڪي واٽر ۾ ٽپيون هڻندڙ چنڊ جو عڪس،ناچُو ڇوڪريءَ جيان رقص ڪري رهيو هو. اولهه جي هنيلي هوا ۾، مٽي تان سرڪي پيل پٽوريون ۽ ڦڙ ڦڙ ڪندڙ پڙا درست ڪندڙ جوان ڏاتياڻين جيان،ڪجين جي لُڏندڙ لامن مان ڇڻندڙ چانڊوڪي، ڄڻ چنڊ جي ڪنجري مان نڪتل سونا ڌاڳا زمين تي وڇائي رهي هئي! ڪمند جي فصل ۾ گهڙي پوندڙ آوارهه هوائن جي ڇُوڙين جا ڇِڪڪا، مخمور جوين جي پيرن ۾ پاتل ڇيرن جي ڇمڪي جيان لڳا هئم. شبنمي هوائن ۾ هندورو ٻڌجي پيل سنڌ جي خاموش ڀهراڙيءَ جي تصوير، محبوبه جي مرڪ جهڙي دل آويز لڳي رهي هئي. دل چاهيو هو، آسپاس جي وڻن تي لوڪ کان لڪي، ڪچڙي ننڊ مان خواب چورائيندڙ پکين جيان، هلندڙ گاڏيءَ ۾ ئي، تنهنجي هنج ۾ ليٽي پوان! پر ليٽي نه سگهيو هئس، رڳو تنهنجي جوين جي رس- ڇَس سان ڀرپور پينڊين ۽ سَٽرن تي هٿ گُهمائي، قدرت طرفان جوانيءَ جي ڪوڏ ۾ لڪايل زندگيءَ جو فلسفو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئم!

ڏيگن کي ڇهبڪ ڏيکاري ۽ هُش هُش ڪري هڪليندڙ عاقيل، گاڏي روڪيندي پُڇيو هو:

”هاڻ آءٌ واپس وڃان ٿو. ٻيو ڪو حڪم احڪام؟!“

گاڏيءَ تان لهندي وراڻيم:

صبح 11 وڳي کان اڳ جهڏي مان 10 ڪلو اٽو ۽ اخبار وٺي اچجان!“

وڏي لوڙهي جي گهٽيءَ کي ڇڳي طرح ڊينگهر ڏيئي، واڙي ۾ پيشاب ڪري اڳڻ تي آيو هئس ته تون بستري مٿان ميڇرداني لڳائي، اڳ ئي اندر ليٽي چڪي هُئينءَ.

اندر گهڙيو هئس تہ پيار ۽ مستيءَ منجهان مونکي چنبڙي پيئي هُئينءَ. ايئن جڻ بکايل جهرڪي داڻن جي ٻوريءَ کي چُهنب سان ٽوڙي اندريان ڪجهہ ڪِرڻ جي جستجو ڪندي آهي! هڪٻئي جي وجود ۾ وروڪيل مسرتن ۽ حسرتن کي دريافت ڪرڻ جي مزيدار مشغلي دوران، هڪٻئي جو هٿ ونداڻ لڳا هئاسين! وِلهہ ۾ وهنتل ٿڌڙي رات، تنهنجي پُوري بدن جي حرارت تي هٿ سيڪڻ لڳي هئي! چنڊ تنهنجي سونهري بدن ۾ پيوند ٿي پوڻ جا جاڳندي خواب ڏسڻ لڳو هو! منهنجي جسم جي وار وار مان، تنهنجن مينڌي هاٿن هٿن جي لمس جون تمنائون پگهر جيان ڦُٽي نڪتيون هيون! منهنجي هيٺي حال جا سمورا درد، خوف ۽ خدشا، ڊيل وانگر چمين سان چُڳي رهي هُيئين! لذتن کي ڦُلورينديءَ،جوانيءَ جو ڪوڊ کولڻ دوران پانيان ٿو هڪ ئي وقت زندگيءَ جو فلسفو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هُئينءَ! تنهنجي هر چميءَ جو چَسڪو منهنجي اندر ۾ هوندي بہ هيستائين مون کان اٽسُجاڻُو بڻيل جذبن کي جاڳائڻ لڳو هو. جذهن سنگمرمر جهڙن سفيد پر نشتري ڏندن سان، مستيءَ ۾ منهنجي ڳل تي چڪ پائي،منهنجي برداشت جو امتحان ورتو هُيئي تہ رت نڪرڻ باوجود، لذتن ۽ سرور جي انتهائن ۾، نہ توکي زبان رت ۾ آلي ٿيڻ جو احساس ٿيو هو ۽ نہ ئي منهنجو درد مون کي چُهنڊڙي پائي سگهيو هو! اهوئي زندگي ۽ موت وچان موجود مخفي راز جي ڪوڊ جو پهريون نقطو هو جنهن ۾ درد کي لذتن ۾ ڪنورڊ ٿيڻُو پوندو آهي! ڇهون نقطو پاڻ ٻنهي هڪٻئي جي اکين ۾ پسيو هو ۽ باقي وچ وارا چار ڳجها نقطا، اجان احساسن ۾ اچي ڪون سگهيا هئا!؟.

# (16)

واڙي ۾ رکيل بالٽيءَ جي پاڻيءَ سان وهنجي، آسماني رنگ جو وڳو پائي،مون سان گڏ ساڳي کٽ تي اچي ويٺي هُئينءَ. صبح جي تازي هوا تي سُکندڙ وارن مان ڇڻندڙ ڦُڙو ڦُڙو پاڻي، منهنجن پيرن تي ڪري ٽڏڙا ڪيدي رهيو هو. تنهنجي هنيل راتوڪي ڇَڪ سان، منهنجي ڳل تي پيدا ٿي پيل زخم کي ڏسي، افسوس مان چيو هيئي:

”قربان وڃان منهنجا منا! مونکي تہ پتو ئي ڪون پيو تہ ڪو ڏند ايترا کُپي ويندا؟ تو بہ ٻڙڪ ٻاهر ڪونہ ڪيدي؟“!

وراڻيم:

”پاڻ ٻئي سمورن حواسن سميت لذت جي گلن جا جهول ڀري رهيا هئاسين. اهڙين ڪيفيتن ۾ ڪلاشنڪوف جون گوليون ۽ کهاڙين جا ڌَڪ بہ ڏيان ڇڪائي نہ سگهندا آهن. ڀلا گلابي چپن سان ڳراٽي پاتل ڏندن جو رهندبون ڇا ڪنديون؟“!

پشيماني ۽ شرمندگيءَ جي شال ۾ ويڙهجي چيو هُيئي:

”تنهنجي ڳل جو اهو زخم ڏسي ماڻهو ڇا سوچيندا، عورت آهي يا گڏهڙي آهي؟“!

مرڪي وراڻيم:

”زخم ٿيڻ جو ڪو نہ ڪو ٻيو سبب ٻڌائيندا سين! گهٽيءَ جو تارو ڇپڻ يا وري اوندهہ ۾ واڙي واري ڪاٺيءَ جو لڳڻ“!

مرڪي پُڇيو هُيئي:

”۽ ڀالا ڀولا ماڻهو اعتبار ڪري وٺندا ؟“!

وراڻيم:

”ٻيا ڪن نہ ڪن، باقي دودو سمجُهو آهي، سمجهي ويندو“.!

اوچتو اداس ٿي پيئي هُيئين. تنهنجي چهري تي اُداسيءَ جا پاڇا، جيترو ڏکيا ٿيندا هئا، تنهنجي شخصيت اوتري ئي پُرڪشش ٿي پوندي هئي!!

چيو هُيئي:

”اڙي يار! دودو تہ رڳو زمين، نوڪري، ڊگري، ڇند ڦُوڪ ۽ ڪپڙن ۾ ڏِکيو پيو آهي!؟“

چِرڪي پيو هئس. دودي ڇا ڪيو هو، جو سندس حوالي سان اهو ڪمنٽ ڪيو هُيئي؟! منهنجن راتوڪن وهمن ۽ وسوسن مان ڪو پاڇولو حقيقتن جي هٿن ۾ تہ ڪونہ هليو ويو هو؟ رات ڊگا گاڏيءَ تي واپس ايندي،تنهنجي اداس خاموشيءَ بہ مون اڳيان ڪن سوالن جا آئينا آندا هئا، پر آسپاس جمالياتي حُسن جي هُبڪار سبب مٿن ڌيان ڌري ڪون سگهيو هئس!

اتاولو ٿي پڇيم:

”ڇا ڏنئي دودي ۾؟“!

وراڻيئي:

”ڇڏ يار! ڪنهنجو ليمڪ ڪائي گلا نہ ڪجي“.

ويتر بيقرار ۽ مُتجسُس ٿي پيو هئس. شڪايتي نظرن سان توکي ڏسي پڇيو هئم:

”مون کي بہ نہ ٻڌائيندئين مني؟“!

سوچ ۾ ٻُڏي ويئي هُئينءَ. ايئن لڳم ڄڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ مون کان لڪائڻ متعلق سوچي رهي هُئينءَ. دودي جي اوطاق تي ڏنگيندڙ راتوڪن خيالن وري ذهن جي ڪنن ۾ سُس-پُس ڪئي هئي:

”ڇا دودو رات مونکي بيخبر رکي پنهنجي ئي گهر ۾ موجود هو؟ ۽ مينا سان سندس ڪي اهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون. جيڪي هوءَ مون کان لڪائي رهي هئي!؟“

پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ کي توکان گهڻُو دُور دُور بيٺل محسوس ڪيو هئم. شايد ريشمي محبتن کي نہ رڳو شڪ جي قينچي ڪتيندي آهي، پر لڪايل ڳالهين جون نوڙيون بہ نانگ ٿي ڏنگينديون آهن. رشتن جي بقا لاءِ صاف گوءِ همراز هجڻ بہ هڪڙو شرط آهي“.!

پنهنجي ساءِ چيو هُيئي:

”يار ڇا ٻڌايان؟! هر انسان جي اندر بصر جي ڳنڍ جيئن الاءِ ڪيترائي تهہ هوندا آهن! جيڪي رهي معلوم ٿيندا آهن يا وري وهي ظاهر ٿيندا آهن! دودي جو ٻاهريون تهہ اهو آهي، جو هُو يونيوسٽيءَ جو ڊگري هولڊر، مهذب ۽ ماڊرن انسان آهي. هن جي پاڻ سان هيتري همدردي ۽ مدد ڪرڻ بہ سندس انمول انساني خوبين جو حصو آهي پر....!“

جملو پورو ڪري مون ڏانهن ڏٺو هُيئي. خاموش رهي رڳو توکي نظرن سان تڪيو هئم!

”دودي جو ڀيو روپ رات سندس گهر ڏسي افسوس ٿيو هوم“.

تنهنجو جملو ٻُڌي وري اندر جي آسمان تي،شڪ جي ڪنوڻ سيلهو هنيو هنيو هو:

”دودي يقينن ڪا اهڙي حرڪت ڪئي آهي، جيڪا مينا مون کان لڪائي رهي آهي! آخر ڇو اهڙي انسان جي سهاري اجان وينا آهيون. هن وشال دنيا ۾ هتي نہ تہ ڪنهن ٻئي هنڌ داڻُو پاڻي لکيل هوندو. ڀلا اوڏانهن نڪري ڇو نٿا هلون؟“!

مون کي اداس ۽ گُم سم ڏسي، پيار مان ڳل تي ٿڦڪي ڏيئي چيو هُيئي:

”دودي جي گهر وارن جي ڪهاڻي ٻُڌندين تہ ڇهري تان موجوده اُلجهن اُڏامي ويندئي.رڳو حيرتن جي انڌيرن ۾ هتوراڙيون پيو هڻندين؟“!

التجا آميز لهجي ۾ چيم:

”ٻُڌائيندئين ڪونہ؟“

وراڻيو هُيئي:

”رات دودي جي گهر وڃي معلوم ٿيو ته دودي جي مرحوم والد جون به شاديون ٿيل هيون. هڪ ڏاڏي ٻوٽي، جنهن مان دودي ۽ عاقيل ڪان به وڏيون به ڀينرون آهن. 50 سال ٽپي وڃڻ باوجود جبري ڪنوارپ جا ڪپڙا پارايل اٿن، ڇو ته دودي جي فيمليءَ ۾ خانداني برتريءَ سان گڏ، ملڪيت ورهائجي وڃڻ جي خدشن سبب ڌيئرن کي جبري ڪنوارپ جي اوڙاهه ۾ اُڇلڻ جو رواج آهي! رات مون ٻنهين جي چهري تي پوڙهپڻ جي لڪيرن ۾ جلايل جوڀن جا دردناڪ داستان پڙهيا هئا.!

دودي جي والده، ستر اسي سالن جي ڄمار ۾ آهي، پر ڪڏهن گهر کان ٻاهر ڪونه نڪتي آهي.سندس پوڙها پائر به ساڻس ملڻ ايندا آهن ته گهر ٻاهران مال جي واڙي وٽ ٺهيل ڪمري ۾ ڏهن منٽن جي ملاقات ڪري هليا ويندا آهن.

دودي ۽ عاقيل جي زالن جي حالت ڏسي لڳو ڄڻ تازو گيريج مان اُٿيون هجن.ڪين پنهنجن والدين جي گهر وڃڻ جي اجازت به ڪونهين. سڀني عورتن مان هر ڪنهن لاءِ سال ۾ ٻن عيدن تي به سادا وڳا ۽ به مضبوط جتيون وني اچڻ جو روراج آهي ۽ بس!

گهر ۾ تعليم جي اڻهوند سان گڏ، ٽي وي، ريڊيو ۽ موبائل جي به منع ٿيل آهي. انهن مظلوم عورتن پنهنجي لاءِ انهن پابندين کي قدرتي زنجير سمجهي، ڄڻ ته قبول ڪري ورتو آهي! مون جڏهن ڪين نئين دنيا جي عورتن جون ڳالهيون ٻڌايون هيون ته سندن اکين کان حيرت ۾ ڇنيجڻ وسري ويو هو. اڻپورين تمنائن جي لاتعداد لاشن، سندن چهري کي درد جي انوکن ڪُتبن وارين قبرن جو قبرستان ٺاهي ڇڏيو آهي! جنهن جي مجاور اکين ۾ مقتول نسوانيت جو رت، جديد دنيا کان ڪيئي سوال پڇي رهيو آهي؟“!

جملو پورو ڪري خاموش ٿي ويئي هُئينءَ. اهڙي خاموشي جيڪا سموري ماحول کي ملول ڪري وجهندي آهي.

تڏهن دل بيساخته توکي چمي ڏيڻ چاهي هئي. پڇتايو هئم ته اڳاٽو وهمن ۾ وڃڙي، تنهنجي لڪايل ڳالهين کي غلط سمجهي رهيو هئس. پر تنهنجي چهري تي وري کي لڪائڻ وارا آثار اُڀريا هئا ته پڇيم:

”رات دودي جي گهر ٻيو ڇا ٿيو هو؟“!

ڇرڪي پيئي هُئينءَ. چپن تي ايندڙ لفظن کي، لچاري لوئيءَ ۾ لڪائي چيو هُيئي:

”اهو ٻڌائڻ سنو نٿو لڳي“.

ويتر وهمن ۽ وهلورن جي وات ۾ هليو ويو هئس.پاڻ کي توکان گهڻو پري پري محسوس ڪيو هئم.سوچيو هئم:

”ازدواجي زندگيءَ ۾ ايئن ئي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون پٿر بڻجي، آهستي آهستي محبت کي سنگسار ڪنديون آهن. تڏهن ئي ته شادي محبت جي ۽ محبت شاديءَ جي دشمن هوندي آهي.!

منهنجي ناگواري ۽ روسامي کي شايد ڀهريون ڀيرو سنجيدگيءَ سان ورتو هُيئي جو منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيئي:

”توسان ڪوڙ ڳالهائڻ محبت جو جرم لڳيم ته پر سچ ڳالهائڻ به گناهه وارو پارڙو هنج تي ڪٽڻ جيان اُڳرو آهي. ڇو ته سچي عمر غير مرد کان لڪايل ۾ رواجن جي قتل ڪيل عورت جو راز مون وٽ امانت آهي“!

تسلي ٿي پيئي هئم ته تنهنجون لڪايل ڳالهيون، دودي جي گهر ڏٺل عورتن جون ۾ مٿئين تسلسل جو حصو هيون. پر وري به چيم:

”مون کي نه ٻڌائيندئين مينا؟“!

ٻڌايو هُيئي:

”دودي جي ٻي ماءُ ۾ ان جي 25 سالن جي ڇوڪريءَ جا گهر ۾ اجان الڳ برتن رکيل آهن. ڇو ته دودي جي والد هڪ اڇوت هندو ناريءَ کي مسلمان ڪري ٻي شادي ڪئي هئي. جنهن ڪري اڳوٽي زال ۾ سندس اولاد، مسلمان ڪيل ماءُ ۾ ڌيءَ سان نه رڳو اڃان تائين نفرت ڪندڙ آهن، پر هٿ سان توري تڪي سيڌو سامان ڏيڻ کان ويندي، روئين ۾ مهڻن سان ڪين روز روز مارينديڙ به آهن! دودي جي نندي ڀيڻ آسيت جي ماءُ جيئري کي ڏسي، مون کي ايئن لڳو ڄڻ هوءَ رڳو نالي ۾ جيئري آهي، پر مرڻ کان اڳ ۾ الاءِ ڪيترا ڀيرا مري چڪي آهي! مون کي ايئن به لڳو ته هڪ ڀيرو موت اچڻ واري ڳالهه، فلسفياڻي سطح تي ڪن فردن جي حوالي سان بلڪل غلط ثابت ٿيندي آهي!؟“

زندگيءَ کي ايئن باريڪين سان پرکڻ واري تنهنجي غير معمولي صلاحيت جو دل ئي دل ۾ اعتراف ڪندي، سوچيو هئم:

”مون ڪهڙا ڪهڙا وهم پي ڪيا پر حقيقت ته مورڳو ٻي آهي! رات به اجايو وهمن ۾ وچڙي پيو هئس. پر نه ڪنهن هٿيار سان ۽ نه ئي ڪنهن زهر ڏيئي ماريو! بس ڪالهه کان الاءِ ڇا ٿي ويندو اٿم. حقيقتن ۾ وهمن جا ڪنڊا وچڙيل نظر ايندا آهن. خيال طوفاني هوائن ۾ اُڏندڙ صحرائي ريت جي ذرڙن جيان تڙپڪڙ ٿي پوندا آهن“!

ڪجليون اکيون ڪٽي مون ڏانهن ڏٺو هيئي. بيچين ٿي پيو هئس. چيو هُيئي:

”دودي جي وڏين ڀيڻن مون کان شهرن جي زندگي ۾ منهنجي پيار پرڻي متعلق پڇيو هو. جڏهن ڪين ذرو پرزو ٻڌايو هئم ته عجب مان ڦاٽل سندن اکين منجهه، مونکي مري ويل سپنن جا مرده چُرپُر ڪندي نظر آيا هئا! جڏهن ته دودي جي نندي ڀيڻ عجت عرف عجوءَ جون اکيون حسرتن جو قبرستان ۾ بغاوتن جو پوسٽر ٿي پيون هيون! سندس اڻجهل جوڀن جا جلوا، ڪاروڪاريءَ جي ڪهاڙين کي للڪاريندڙ لڳا هئم! هن مونکي پنهنجي هٿن سان ٺاهيل چانهه پيئڻ لاءِ صلاحيو هو ته وڏين ڀيڻن هن ڏانهن ايئن نهاريو هو ڄڻ هن ڪو ڪبيرو گناهه ڪري وڌو هو. پر آءٌ عجو سان گڏ هلڻ لڳي هئس ته دودي جي ماءُ پنهنجي پهاج جيئري جي اڇوت پس منظر متعلق ٻڌائي، مون مان به اها اميد رکي هئي ته آءٌ به سندن جيان جيئري ۾ عجو کي ڌڪاريندس.!

عجوءَ سندس ماءُ جو ڪمرو گهر جي ٻين ڪمرن جي نسبت پراڻو هو.منجهس رهندڙن سان ٻين گهر ڀاتين جي نفرت ۽ ناانصافي ڪمري ۾ موجود سامان مان سِڃاڻون هٽي رهي هئي!؟

چانهه پيئڻ بعد جڏهن جيئري بورچيخاني ڏانهن هلي ويئي هئي تہ عجو ٻڌايو هو:

”گهر ڀوبان ٻڌل مينهن ۽ ڏڳين جا ڀاٽا هرروز مون ۽ امان کي صاف ڪرڻا پوندا آهن“!

چيم:

”آئون ادا دودي کي چونديس تہ نہ رڳو توکان اهو ڪم نہ وٺي، پر تنهنجي شادي بہ جلد ڪرائي“.!

شادي جو لفظ ٻڌي ڪن پل لئہ تہ سندس اکين منجهہ مجازن جا پوپٽ اُڏرڻ لڳا هئا پر چند لمحن بعد هوءَ خوف جي ڪَڌ ۾ ڪري پيئي هئي، ايلاز ڪندي چيائين:

”ادي خُدا جي نالي دودي کي ڪجهہ نہ چئجو، هُو مونکي ماري ڇڏيندو! جيئن هُن منهنجي وڏي ڀيڻ“!.....

جملو اڌورو ڇڏي هوءَ ڏڪڻ لڳي هئي. ڇرڪي پيئي هيس:

”ڇا عجو جي وڏي ڀيڻ بہ هئي؟ ڇا ڪيو هو دودي ان کي؟“!

ڀوبان سوال اندر مان ديوين جي تارين جيان ڦُٽڻ لڳا هئا. عجوءَ کي سڏي پاڻ سان گڏ کٽ تي ويهاريو هئم. ڪيس وارن تي پيار ڪرڻ بعد همرازيءَ جو يقين ڏياري مٿيان سوال پڇيا هئم تہ هن ٻڌايو هو:

”دودي منهنجي وڏي ڀيڻ کي لوڙهي تان جهاتي پائي، پريان ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ مرد هاريءَ سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي ڏٺو هو تہ ٻي رات ڪيس ڪهاڙيءَ سان ڳيا ڳيا ڪري، هن ئي گهر ۾ ئي پوري ڇڏيو هو“.

سندس اکين ۾ خوف جا وسندڙ ڪڪر نهي پيا هئا. سندس لڙڪ اگهندي پڇيم:

”پلا ڪنهن پوليس کي ڪون ٻڌايو؟“.

وراڻيائين:

”ادي هتي گهر ۾ دودي ۽ عاقيل ڪانسواءِ ٻاهر جو ڪي بہ ناهي ايندو. هتي جون ڳالهيون هتي ئي دفن ٿي وينديون آهن“.

مونکي محسوس ٿيو هو تہ صدين کان سنڌ جي ٻهراڙين جون حويليون، تارچر سيلن، قتل گاهن، ۽ ڪُڌن ڪرتوتن کي لڪائڻ جي ماڳن جو هُوبهُو آئينو رهيون آهن، جن کي سدائين غيرتن ۽ نقابن جي رنگ روغن سان لوڪ کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي!

مون عجو جو موڊ خوشگوار بنائڻ لاءِ موضوع بدلايو هو. شهري زندگيءَ جي گليمر کان ازدواجي حسناڪين تائين، مون ڪيس گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ شروع ڪيو هو تہ هن جي وجود ۾ سالن کان دٻايل جذبن جي گل ٻاتي وري ڦُٽڻ لڳي هئي. مونکي ويجهو سُرندي چيائين:

”مون لاءِ اهڙو مرد ڳول جيڪو مونکي هتان ڪڍي وڃي. آءٌ سڄي حياتي نوڪرياڻي ٿي تنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪنديس، بس تون مونکي هن قيد مان ڪڍائي“.

هن جملو پورو ڪيو ھو تہ لائيٽ ھلي ويئي ھئي. ھن مون کي پاڪر ۾ پري ورتو ھو. رازداريءَ مان ڪن تي چپ رکي چيائين:

”خدا جي واسطي مون کي ھتان وٺي وڃ. دودو ۽ عاقيل ڏسندا تہ ماري ڇڏيندا, آءُ ايندڙ جمعي واري ستين رات چنڊ اڀرڻ کان اڳ, گھر جي پوئين ڪنڌي ٽپي ڪچي رستي تي ايندس. بس خدا جي واسطي ڪنھن کي موڪلجان تہ مون کي ڪڍي وڃي! ھيو ڪير نہ اچي تہ بہ تون پنھنجي مڙس سان گڏ گاڏي ڪڍي اچجان. آءُ ھلي ايندس, بس ڪيئن بہ ڪري مون کي ھتان وٺي وڃ!

عجو جي لھجي جي صدا ۾ ايتري التجا ۽ ايترو تہ درد سمايل ھو جو آئون ڪيس چاھيندي بہ انڪار ڪري ڪونہ سگھيس! رڳو ڪيس ڳلن تي پيار ڪيم. پوءِ تہ بس ھوءَ ساخ آيل پيلي انب جيان ڇڻي پيئي! پانيان ٿي ھن مون کي تصوراتي مرد جيان بند اکين ۾ سجائي, منھنجي بدن جو واس وٺڻ شروع ڪيو ھو.ان وقت ھوءَ مون کي مجازن جي ماريل مومل لڳي ھئي, جنھن سومل کي گڏ سمھاري راڻي جون سڪون لاھڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي! ھن منھنجي بدن جي سھاري, پنھنجي نسوانيت جو رس ڪيئن نپوڙيو ھو؟ اھو ھڪ عورت جو ٻي عورت وٽ امانت ڇڏيل راز آھي“.!

ان ئي ويل گھنٽيءَ تان عاقيل کي بائيڪ تي ايندي ڏٺو ھيوسين! ھن جھڏي کان گھرايل سامان موٽر سائيڪل تان لاٿو ھو ۽ پوءِ پنھنجي پرسان رکيل کٽ تي ويھندي, اخبار مون ڏانھن وڌائي ھئي,جيڪا تو ڪڍي ورتي ھئي.ھڪ خبر جون سرخيون پڙھڻ لڳي ھُئينءَ:

”مينا جي اغوا ۾ ملوث بدنام ڌاڙيل شرجيل عرف شرلو کي گرفتار ڪرائيندڙ لاءِ ڏھ لک انعام مقرر. مينا جو ڏس يا بازيابيءَ ۾ مدد ڪندڙ کي پڻ پنج لک انعام ڏنو ويندو. آءِ جي سنڌ پوليس“.

تنھنجون سُرخيون پڙھندي,مون عاقيل جي چھري تي بہ اھڙا ئي تاثرات ڏٺا ھئا, جيڪي ڪالھ دودي جي چھري تي اُڀريا ھئا! منھنجو وھم ھو يا وري حقيقت جو مونکي ايئن لڳو ھو جڻ اڄوڪي اخبار جي سرخين دودي ۽ عاقيل کي, مون ۽ تنھنجي متعلق نئين سر غور ويچار ڪرايو ھوندو!

عاقيل کي چيم:

”تنھنجي موبائل تان دودي جو نمبر لڳائي ڏي, ضروري ڳالھ ڪرڻي اٿم“.

عاقيل دودي جو نمبر لڳائي,موبائل ڪن تي رکي انتظار ڪيو ھو.چند سيڪنڊن بعد مايوسيءَ مان چيائين:

”دودي ڪال ڪٽي ڪون پيو“.

عاقيل کان موبائل ڪڍي,دودي جو نمبر ري ڊائل ڪري ڪال رسيو جو انتظار ڪيو ھئم, ڪال ختم ٿيڻ تي ھئي, جو دودو ڪال رسيو ڪري بيزاريءَ مان ڳالھائڻ شروع ٿي ويو ھو:

”ادا آئون ايس پي آفيس ۾ آھيان, ٿورو انتظار ڪري بہ نٿو سگھين؟“

دودي ڪال ڪٽي ڇڏي ھئي ۽ ھن تي موجود منھنجو بچيل- سچيل اعتبار جو ڪچو ڌاڳو بہ ڪٽجي پيو ھو.!

”ڇا ھُو مونکي گرفتار ڪرائڻ ۾ مينا کي ”بازياب“ ڪرائڻ لاءِ پوليس سان ڊيل ڪرڻ لاءِ ايس پي آفيس ۾ موجود ته نه ھو؟! عاقيل جي نمبر تان ويندڙ ڪال ڏسي، ھن منھنجو آواز ٻُڌڻ بنائي عاقيل سان مخاطب ٿي بيساخته حقيقت بياني ڪري ته نه وڌي ھئي!؟“

سوال ڄڻ ھٿوڙا ھئا. جيڪي وھم جي واڍي ھٿن ۾ جهلي ھانءُ تي ھرھر ھنيا ھئا!

# (17)

شام جا پاڇا ڊگها ٿي رهيا هئا. تون مختصر سامان سهيڙڻ بعد اڱڻ تائين پهتل نم جي پاڇي ۾ رکيل کٽ تي، منهنجي پرسان اچي ويٺي هُئينءَ. آڌي اڪ سان مون کي ڏٺو هُيئي. تنهنجي اکين ۾ سنج رکيل گهوڙي جي نيٽن جيان اٽڪل منزل جي سفر جا سعيا هئا! پڇيو هيئي:

”ميرپورخاص کان ڪار ۾ هيڏانهن ايندي، تو دودي جي ڪيتري نه تعريف ڪئي هئي ۽ هاڻ وري دودي جي حوالي سان هي ڳالهيون ڪري رهيو آهين!؟“

وراڻيو هئم:

”جيڪي ماڻهو انتهائي باريڪين سان، ڪنهن جون خوبيون کوٽي تعريف ڪري سگهندا آهن، اهي ئي جزئيات سان حقيقي خاميون کولي، ڪنهن کي نقاد واري نظر سان ڏسي به سگهندا آهن! اصل ۾ حالتون ۽ واقعا ئي آهن، جن مونکي مجبور ڪيو آهي ته دودي کي ايئن ناقداڻي نظر سان ڏسان ۽ شڪ جي ساهميءَ ۾ توريان! جتي سندس وزن ايترو هلڪو ٿي پيو آهي، جو وڌيڪ مٿس اعتبار ڪري ئي نٿو سگهجي“.

”اڳ ۾ ٻڌائين ها ته جيڪر پئسن وارو ٿيلهو سندس گهر، ماڻس وٽ ڇو ڇڏيون ها؟ هاڻ پُٽ ۽ مُٽ بنا خالي هٿين ڪيڏانهن هلنداسين؟“.

وراڻيو هئم:

”مون ان وقت ئي دودي جي اکين ۾ لالچ جا پاڇا ڏسي ورتا هئا.جڏهن هن توکي رقم، گهر رکڻ جي صلاح ڏني هئي.پر ان وقت چوان ها ته توکي به اعتبار ڪونه اچي ها.پر توکي ٻڌايل عجوءَ جي ڳالهين ۽ اڄ صبح عاقيل جي نمبر تان ڪيل ڪال ڪانپوءِ پڪ ٿي پيئي اٿم ته هو هڪ ئي وقت منهنجي گرفتاري ۽ تنهنجي بازيابيءَ جو انعام حاصل ڪرڻ سان گڏ، ماڻس وٽ رکيل رقم وارو ٿيلهو به ڦٻائڻ چاهي ٿو“.

چيو هيئي:

”دودو پنهنجي هڪڙي پيڻ جو به قاتل آهي، ان ڪري هن مان ڪجهه به ايڪسيپٽ ڪري سگهجي ٿو“.

توکي ياد ڏياريو هئم:

”هڪ نه پر ڇئن پيڻين ۽ هڪ ويڳي ماءُ جو قاتل“!

ٿورڙو سوچڻ بعد، مونسان متفق ٿيندي، ”ها“ چيو هُيئي. ۽ پوءِ ٻانهن جي رنگت کان شرمائيندڙ سونهري گهڙيءَ ۾ وقت ڏسي پڇيو هيئي:

”هاڻ ڇا پروگرام آهي؟“.

وراڻيم:

”بس رات جي انڌاري ٿيئي تہ ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن نڪري هلون. لڳي ٿو هڪ لمحو دودي ۽ پوليس جي وڃايل ڇار ڪي ويجهو آٽي رهيو آهي. هر ساهہ خطري جو سائرن ٿي پيو آهي“!

چيو هُيئي:

تنهنجا خدشا جيڪڏهن درست آهن تہ ايئن ئي هوندو پر ٿي سگهي ٿو اڄ دودي جو ايس پي آفيس ۾ هجڻ جو سبب ڪو ٻيو ڪم هجي؟“.!

وراڻيو هئم:

”ايئن بہ ٿي سگهي ٿو؟“!

آرس موڙي نيري آسمان ڏانهن ڏٺو هُيئي، جتان گذرندڙ جيٽ جهاز جو ڇڏيل ڊنڊلو ليڪو تحليل ٿي رهيو هو بيساختہ چيو هيئي:

”پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون، هن لڪير کان بہ وڌيڪ غير جٽادار رهيون آهن“.!

آسمان جي وسعتن ۾ تري،پنهنجو وجود وڃائيندڙ ڪڪريءَ ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي، وراڻيو هئم:

”۽ هاڻي لڳي ٿو پنهنجا نڪاڻا ۽ پنهنجا سهارا پيپي ايئن ئي لالچن جي فضائن ۾ وکري رهيا آهن،جيئن هُن اڪيلي ڪڪريءَ جا ڊنڊلا نشان“.!

ڪجهہ چوڻ بنا بس رڳو نماڻن نيڻن سان مون ڏانهن نهاريو هُيئي.تنهنجي اکين مان اروڙ جي پٽن جهڙي ماٺ جهاتيون پائي رهي هئي. پڇيم:

”پوليس ڪوڇي ڪتن جيان پنهنجي ڪڍ لڳل آهن. ٿي سگهي ٿو جلد پاڻ کي گرفتار ڪري،هڪٻئي کان هميشہ لاءِ جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي! اڄ تہ انهيءَ کان اڳ هڪٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري، امڪاني وڇوڙن جي اڳيان لڙڪن جي دريائن جون رڪاوٽون اڏي ڇڏيون ۽ دل جي اُلڪن ۾ اُٿلي آيل دردن کي سُڏڪن جي سنگيت سان وقتي طور سُمهارڻ جي ڪوشش ڪريون“.!

هنجهون هاري روئڻ لڳي هُيئين.ٻارن جيان رڙين مان رسو ڪڍي ڇڏيو هُيئي.توکي ڀاڪر ۾ ڀري ماٺ ڪرائيندي چيو هئم:

”ماٺ....ماٺ ٻاهر ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هارين، تنهنجي روئڻ جو آواز ٻڌو تہ ڇا سوچيندا؟“.!

مون کي پاتل ڀاڪر تي زور وڌائيندي، روئڻهارڪي آواز ۾ وراڻيو هُيئي:

”هڪڙيون حالتون ڏکوئيندڙ ٻيو اندر ۾ اداسيون ۽ ٽيون وري تنهنجا دردناڪ لفظ. آخر روئڻ کي روڪجي تہ ڪيئن روڪجي؟“.!

تنهنجن ڀنين وارن تي آڱريون گُهمائي، چيو هئم:

”مينا! نہ محبتن ۾ وڇوڙا نوان آهن ۽ نہ ئي دوستين ۾ ويساهہ گهاتيون نيون آهن!؟ بس تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائڻ لاءِ هن وقت شايد تنهنجو ۽ منهنجو انتخاب ڪري آهي“.!

روئڻ تي ضبط ڪندي، لڙڪ اُگهي چيو هيئي:

”شرجيل! محبت جي هن مقام تي، تو ڪانسواءِ جيئڻ مهڻُو ٿي پيو آهي! خدا نہ ڪري پر جي جدائي آئي بہ سهي، تہ اها جيئري مونسان گهڻُو عرصو ہِڪ وجهي هلي ڪونہ سگهندي“!

وري تنهنجي روئڻ جي خوف ڪان توکي دلداري ڏني هئم:

”تو پنهنجي مرضيءَ موجب رضا خوشيءَ سان مونسان مذهب تبديل ڪري نڪاح ڪيو آهي. منهنجي حوالي سان پڪيڙيل سمورا افواهہ بڪواس آهن. ان ڪري پاڻ کي تنهنجن بااثر مائٽن ۽ جاهل پوليس وارن کان ڊڄڻ جي قطعي ضرورت ناهي! ڪورٽ ۾ سندن ظلم جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪيرائي وجهنداسين. قانون ڪٿي نہ ڪٿي تہ پاڻ کي انصاف فراهم ڪندو؟! بس ڪورٽ ۾ تنهنجي بيان جي ئي وڏي اهميت هوندي، جنهن سان ئي آءٌ مري يا تري سگهندس!؟“

وراڻيو هيئي:

”تون تہ بيان جي ڳالهہ ٿو ڪرين، پر تنهنجي خوشين جي عيوض، منهنجي حياتيءَ جو سودو بہ صفا سستو آهي!؟“

تنهنجي محبت ۽ خلوص جي يقين سان ڦُٽي پوندڙ جذبا، اکين ۾ آلاڻ بڻجي ظاهر ٿي پيا هئا. نرم نرم آڱرين سان منهنجا لڙڪ اُگهي، پڇيو هُيئي:

”گهر سولو وينو هُئين. اجايو منهنجي ڪري گهروارن سميت مصيبت ۾ ڦاٿو آهين“.!

وراڻيو هئم:

”مصيبتون تہ منهنجون دائمي دوست آهن، پر پنهنجي بدنصيبيءَ ۾ توکي شريڪ ڪري وڏو گناهہ ڪيو اٿم“.

منهنجي قميص جي کُليل بٽڻن مان ظاهر ٿيندڙ ڪارن وارن سان ڀرپور ڇاتيءَ تي ٿڦڪي هڻي، چيو هُيئي:

”تو تہ هڪ غير مسلمان کي مسلمان ڪري وڏو ثواب ڪٽيو آهي“.!

مزاح سان ڀرپور تنهنجي پوئين جملي تي پڻ مُرڪي ڪونہ سگهيو هئس، ڇو تہ مجموعي طور ماحول سُر سامونديءَ جي وڇوڙن جيترو ئي اُداس اُداس ٿي پيو هو. سوچيم:

”مجموعي طور تہ سوڳوار ماحول ۾، مشڪل ئي سهي پر ذاتي طور مسرتن جا مٽيان ڇُنڊي سگهجن ٿا، مگر اندر جي اُداسين ۾ سمورو سنسار اداس، اوپرو ۽ اٽوٽندڙ لڳندو آهي“.!

”ان ئي ويل هڪ رنگبرنگي پوپٽ اڏري اچي تنهنجي ٻانهن تي وينو هو. ذري گهٽ دانهن ڪندي ڪندي، مدد طلب نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو هيئي، ايئن جڻ پوپٽ منهنجو موڪليل هجي ۽ منهنجي حڪم تي ئي واپس وڃڻو هو. بيساختہ مرڪي پيو هئس.

سگهوئي پوپٽ اڏري واپس روانو ٿيو هو. اوچتو آيل خوشي ۽ حيرت جو تاثر اکين ۾ اوتي، مون ڏانهن ڏسي چيو هيئي:

”ڏس ڪيئن نہ اک ڇنڀ ۾ آيو ۽ ڪن پل ۾ اُڏري ويو“.

بيخياليءَ مان وراڻيو هئم:

”مقدر ۾ نہ لکيل محبتن جيان“.!

ٻانهن جي ان حصي ڏانهن آڱر رکي چيئي:

”هتي ويٺو هو“.

وراڻيو هئم:

”گُل سمجهي ويٺو هو ۽ لمس جو مزو وٺي اُڏري ويو“.

شلوار جو پانچو ٿورڙو مٿي ڪري، پينڊيءَ تي موجود ڳاڙهي داغ تي هٿ رکي چيو هيئي:

”رات مڇر چڪ پاتو هوا،جان سوزش بيٺي آهي“.

شرارتي حسن جي جلوَن سان ڀرپور ڪٽڪ رنگين پيندين مٿان، جوڀن جي مستيءَ جو اهڃاڻ بڻجي پيل ڪارن وارن جي نفيس جهالر، نسواني حسن ۽ بيقابُو جوانيءَ جي ڪشش جي انوکي تشريح پاسي هئم. تنهنجي پينڊيءَ جو ديدار، برقي ڪرنٽ جيان جسم ۾ ڊوڙي ويو هو. ڀانت ڀانت جا احساس ۽ ناقابل بيان جذبا جاڳي پيا هئا. بس اهڙا جذبا، جيڪي هيستائين مون ۾ ۽ منهنجا هوندي بہ، مون لاءِ اجنبي هئا، پر تنهنجي حسن جي هزارين روپن مان رڳو هِڪڙي روپ جي جهلڪ ئي ڪين متحرڪ بڻائي ڇڏيو هو. سوچيو هئم:

”منهنجي اندر ۾، مون کان بہ مخفي ڪجهہ اهڙو موجود آهي، جنهن کي رڳو مينا ئي محسوس ڪرائي سگهندي آهي. جڏهن تہ مينا ۾ موجود گهڻو ڪجهہ اهڙو بہ آهي، جنهن کي رڳو آءٌ ئي سمجهي سگهان ٿو! ماڳهين ايئن تہ ناهي جو ”هڪ“ کي ”ٻن“ ۾ ورهائيندي، قدرت ڪان کي ٽيڪسٽ مسنگ ٽيون آهن!؟“.

ان ئي ويل هڪ کان وڌيڪ گاڏين جو آواز ٻڌي ڇرڪي پيئي هُيئين. ڪٽ تان اٿي گاڏين جي آواز واري طرف ڪنايو هُيئي. گاڏيون گهرن جي چوڌاري ڪڙو ڏيئي ڇڪيون هيون. پريشان ٿي مون ڏانهن ڏٺو هيئي. تنهنجن ڊگهن ڪاڪلن ۾ لڪي وڃڻ وارو عجيب خيال، ان وقت بہ الاءِ ڪيئن من ۾ موٽي آيو هو؟.!

ست اٺ پوليس وارا بندوقون تاڻي، ويجها پهچي چڪا هئا.هڪ وردي پوش آفيسر اڳتي رعب مان چيو:

”ٻئي ٻانهون مٿي ڪر“.

سندس حڪم جي ايئن جو ايئن تعميل ڪئي هئم. هنن مون کي سوگهو ڪرڻ واري اسٽائل ۾، منهنجي اکين تي ڇڪي پٽو ٻڌو هو ۽ پوءِ بي احتياطي ۽ بيرحميءَ سان گهيليندا ٻاهر هليا هئا.اگهاڙن پيرن ۾ گهتيءَ وٽ ٻہر جو ڪنڊو لڳو هو، پر ڪيڏڻ واريون آڱريون ڪونہ هيون. ڪنن تنهنجي آواز جا ڪي جا ڪي جملا ٻُڌا هئا:

”ظالمو بدماشو شرجيل منهنجو مڙس آهي. جنهن سان مون شريعت محمدي موجب نڪاح ڪيو آهي“.

هڪ ٿلهي آواز چيو هيئي:

”مائي توکي خبر آهي تہ، جنهن کي تون مڙس چوين ٿي،سو اصل ۾ سنڌ جو بدنام ڌاڙيل شرجيل آهي“.!

وراڻيو هيئي:

”بڪواس....بڪواس....!؟“

پوليس موبائل جي پوئينءَ سيٽ تي ويهاريو هئن تہ ڪنن پريان ہي ڪنهن گاڏيءَ وٽان ايندڙ تنهنجي آواز جا ڪي جملا جهٽيا هئا:

”اڙي دودا! پوليس جا ڪُتا، دلال، ڀڙوا، لعنتي، پنهنجي پيءُ جا قاتل...ٽَڪن جي لالچ ۾ هيڏي وڏي ويساهہ گهاتي ڪجي؟! توکي شرم......!“

تنهنجو آواز گاڏيون اسٽارٽ ٿيڻ جي شور ۾ وڃائجي ويو هو ۽ مون پهريون ڀيرو ڏسڻ جي حس بنا دنيا کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هٿن ۾ لڳل پوليس جي هٿ ڪڙيءَ جيان، دل ۾ وري آزادي کسجڻ جي درد جون ٽانچڙيون چڀيون هئم! ۽ پوليس جي امڪاني اذيتن جا سوالي نشان ”؟؟“ احساسن ۾ ڪنڊا ٻڻجي ٽُٽي پيا هئا.

ڪجهہ دير بعد پرسان ويٺل پوليس واري ہي کي چيو هو:

”هتان جي ٽاڊيل مشهور آهي“.!

اندازو لڳايو هئم تہ پيلهاڙو شاخ وٽان گذري رهيا هئاسين. سگريٽ جي ڌونهين جي بوءِ محسوس ڪرايو هو تہ آسپاس ڪوئي سگريٽ ڇڪي رهيو هو. نابين جي حواسن سان دنيا کي ڏسڻ جو شروعاتي تجربو، ”هجڻ“ ۽ ”محسوس ڪرڻ“ جو فلسفيانہ فرق سمجهائڻ لڳو هئم. جنهن جي باريڪين ۾، روح ۽ مادي کان، حقيقتن ۽ نظر جي فريبن تائين گهڻو ڪجهہ موجود هو.!

آسپاس جي آوازن احساس ڏياريو هو تہ منهنجي منڙي شهر ميرپورخاص ۾ پهتا هئاسين. سوچيم:

”هي اهوئي دلفريب شهر آهي، جنهن جي رستن تي ٻالڪپڻ کان جوڀن تائين، منهنجي جيون جون سدا بهار ساروڻيون ليٽيل آهن. هنن ئي رستن تي ڪڏهن امان جي آڱر جهلي، اڏڙين سان گڏ ڪيتا ڪري هليو هئس. هن ئي شهر جي گلين ۾، ڪڏهن دوستن سان گڏ لغڙ اُڏايا هئم ۽ ڪرڪيٽ کيڏي هئم. ڪنهن وقت ۾ ڪرائي جي سائيڪل تي چڙهي، هن شهر جا سمورا رستا دل جي قِيٽ سان ماپيا هئم. جرواريءَ جي جُوءِ کان بلديہ جي بازار تائين ۽ لوڪوءَ جي گسن کان ڀنور ڪالونيءَ جي ڪسن تائين، هن شرارتي شهر جو عڪس جڻ تہ منهنجي دل جي آئيني ۾ سدائين رقص ڪندڙ رهيو آهي.مينا بہ هن ئي محبوب شهر جو مونکي اربيل انمول تحفو آهي، پر اڄ پوليس جي قافلي ۾، مونسان گڏ هوندي بہ مون کان ڌار ڪئي ويئي آهي! ۽ هُتي وري هوءَ امان،جنهن جي پاڪر ۾، زندگيءَ جا سمورا ٽڪ لهي پوندا

هئم.سا بہ اڄ الاءِ ڪهڙي حال ۾ آهي؟! ۽ هُو منهنجو پورهيت بابا. جنهن هن ئي شهر جي رستن تي پگهر هارڻ عيوض مليل اجرت سان, منهنجي پالنا ڪئي هئي, اهو پڻ پوليس جي وحشي هٿن ۾ پهچڻ بعد هينئر الاءِ تہ ڪهڙي حال ۾ هوندو؟! ۽ هُو منهنجو گهر, جتي بابا جون پونڪليل اکيون, گاهہ ڪائيندڙ گڏه جي ڏاٽ جو آواز,ادي لالان جون چلولايون,ادي امينہ جي مشين جي نُڪ نُڪ, ۽ امان جي ٻاجهارين نگاهن جون يادون پکڙيل آهن. اهو گهر بہ آسپاس ڪٿي چند منٽن جي مفاصلي تي موجود هوندو.پر اڄ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏينهن اهڙو بہ آيو آهي, جو آءٌ چاهڻ باوجود اوڏانهن وڃي نٿو سگهان“.!

منهنجي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا هئا, پر منهنجي اکين مٿان ڏنل ڪاري ڪپڙي سبب ڪنهن کي نظر بہ اچي سگهيا هئا يا الاءِ نہ؟! پر جيڪڏهن ڪنهن ڏٺا هوندا تہ بہ ان جو سبب, پنهنجي شهر ۾ بيگناهہ قيدي هجڻ ۽ پنهنجن پيارن سان ملي نہ سگهڻ جي ڏکوئيندڙ احساس بدران پوليس جي موچڙن جو خوف سمجهيو هوندن !ڇو تہ پوليس موبائل ۾ پڻ منهنجي آسپاس سپيئي اکين وارا انڌا موجود هئا ! سوچيم:

”مقدر جي ڪاتب جي ننڊڙي پروف غلطيءَ سبب اڄ ڪيئن نہ ان بي احساس مخلوق جي تحويل ۾ بي يار و مددگار موجود آهيان, جيڪا ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ تفتيش جو نالو استعمال ڪري مون کي ذهني ۽ جسماني تشدد جو نشانو بڻائيندي! مينا جا بااثر مائٽ مينا کي مغوي ۽ مونکي ڏاڙيل قرار ڏيارڻ لاءِ پئسن کان ويندي اثرورسوخ تائين, سڀيئي حيلا هلائيندا يا وري ڪورٽن جي چڪرن ۾ پوڻ بدران ڪوڙو پوليس مقابلو ڄاڻائي مونکي ماريو ويندو! پوليس جي ڦهري ڪرتوتن جون ٻُڌل سڀيئي ڇرڪائيندڙ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون هئم.

الاءِ ڪٿي پهتا هئاسين؟ پر گاڏيءَ کي بريڪ لڳڻ جو مطلب اهو هو تہ هاڻ سگهوئي منهنجن عذابن جي شروعات ٿيڻ واري هئي!

## (18)

مون کان تنهنجي اغوا سميت ڌاڙن ۾ ڦُرن جا اعترافي بيان وٺڻ لاءِ پوليس ذهني ۽ جسماني عذاب جي اُپن ڪاون مٿان ايترو گهيليو هئم. جو بدن بيسارو،روح رتو رت ۽ سوچون ٿوهرن کي پاڪر ۾ پري بيئل پٽن جهڙيون پڙپانگ ٿي پيون هيون! پر اهو تنهنجو محبوب تصور ئي ته هو جنهن هن هيڏي ساري عذاب کي سهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي هئي.جڏهن به اذيتن جون ميخُون ڪُپڻ لڳنديون هئم ته تنهنجي تصور جي سِي. ٻڍي هلائي ڇڏيندو هئس.۽ ايئن عام حالتن ۾ به ناقابل برداشت عذاب، هيستائين ڪٿي پار پيو هئس. تڏهن ئي ته تشدد جا ڪيئي طريقا آزمائڻ بعد ٿڪجي پوندڙ پوليس جي جاچ ٽيم جي انچارج ڏند ڪرٽي چيو هو:

تون انتهائي سخت جان قسم جو ماڻهو آهين. جيئري جرم ڪون قبوليندين.تو جهڙا چالاڪ مجرم پنهنجي پويان ڄر گهيلي ڇڏيندا آهن! ڪو به ثبوت ناهي ملندو. بس تو جهڙن ڏوهارين کي اسين هاف يا فل فرائي ڪندا آهيون“.

سندس جملي ڇرڪائي وڌو هو.

ڇا هاڻ فرائي ڪندا؟“

روح جي گهراين مان نڪرندڙ دانهن چپن تي اچڻ بعد ماٺ جو ميٽ ڪائڻ لڳي هئي.شايد تڏهن دانهون به گونگيون ٿي پونديون آهن. جڏهن پنهنجي “اڻ ٻُڌڻ جوڳو” هجڻ جو احساس اڳيان هوندو آهي! سوچيو هئم:

“هاف فرائي ڪياٺون ته مرندس ڪونه پر ڪري پوندس. سڄي عمر سُور ڪاٽا پوندا. عمر ڀر جي محتاجي ۽ پروَسي پلئي پوندم...!”

وري به زور واري دانهن چپن تي اچي اجهامي پيئي هئي! سوچيو هئم:

“غربت ڪيتري به سهي، پر ايتري ڏکوئيندڙ ناهي هوندي جيتري معذوري.ان ڪري عمر ڀر جي اپاهج پڻي کان هڪ پيري جو موت ئي بهتر آهي. پر مرڻ بعد ڇا ڪنهن فرشتي کان اهو پڇي سگهندس ته ايڪويهين صديءَ جي مهذب سڏائيندڙ دنيا ۾، جتي ڪن خطن جا رهواسي جانور جي حقن لاءِ قانون ناهي رهيا هئا،اتي اسين سنڌ ۾ قانون جي رکوالن کان ڦرائي ٿي رهيا هئاسين“.!

خردماغ پوليس اهلڪار سان مخاطب ٿي چيو هئم:

”فرائي ڪرڻو ئي آهي ته پوءِ فل فرائي ڪجو ڇو ته هاف فرائي ٿيڻ بعد وري ڪٿي نه ڪٿي پنهنجي ملاقات ٿي سگهي ٿي“.!

خردماغ اهلڪار تپي ٻاڙهو ٿي پيو هو. ساٿين سميت مون مان پنهنجي ڪاوڙ ڪيڻ جي آخري ڪوشش ڪرڻ کان اڳ، ڪنور انداز ۾ چيو هئائين:

”تنهنجو اهو شوق ٻه پورو ڪريون ها پر بدقسمتيءَ سان معاملي کي ميڊيا ۾ ڪورٽن ۾ وچڙائي ويٺا آهيون. تڏهن ئي نه تون اهي ٻولڪيون پيو ڪرين! نه ته هينئر سولو ڳالهائي به ڪونه سگهين ها!؟“

ان ڪانپوءِ هن مون تي وري حيواني تشدد شروع ڪيو هو. مون خيالن ئي خيالن ۾, وري ننڍڙي ٻار جيان تنهنجي تصور پويان لڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي! اصل ۾ پوليس تحويل ۾ پهچڻ بعد مون ڪاڏو ڪائڻ گهتائي ڇڏيو هو جيئن سچ پُترا لڳندي يا ايذاءُ ايندي ئي جلد هوش و حواس وڃائي ويهان ۽ سمورن عذابن مان جان ڇُٽي پوي. ان ڪري جيستائين هوش ۾ هوندو هئس, ذهني طور تنهنجي تصور وٽ شرن وٺندو هئس, جڏهن ته هوش وڃائڻ بعد به ورديون پاتل وحشي مخلوق ڪان پري ٿي پوندو هئس. ٻنهين حالتن ۾ منهنجو جسم منهنجي روح جي نمائندگي ڪندڙ ڪونه هوندو هو! سوچيو هئم:

”مئلن ۾ بتالن سان ڪنهن جو به ڪو تڪرار ناهي ٿيندو. ڇا سمورا مسئلا هوش ۾ سمجهه جي پيداوار هوندا آهن؟“.!

خيالن جي ڪتولي تي پاسو ڦيريو هئم, ته تشدد سبب چُور چُور ٿيل جسم مان درد جون ڪنڊيدار تاريون ڦُٽڻ لڳيون هيون. بيساخته نڪتل رڙ چپن تائين هلي آئي هئي. پهري تي موجود بيرحم سپاهيءَ تنگ ٿي تڏو هٽي پڇيو هو:

” ڇا ٿيو راڻا؟ ڏاڙا هڻڻ سولا آهن يا اولا؟“!

تڏي لڳڻ سان جاڳيل درد جي زبان کي ڪپي ضبط جي صندوق ۾ رکي ڇڏيم. سپاهيءَ سان ڳالهائڻ بدران نيم بيهوشيءَ جي ناٽڪ کي ڊگهو ڪرڻ لڳس. سپاهي به ٿي ڪچيون گاريون ڏيئي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

سوچيم :

”هن وردي پوش انسان جي وجود ۾ انسانيت جي اٿهوند سبب رحم جي جذبي به شايد خودڪشي ڪري ڇڏي آهي, جو منهنجي اذيتن سان پنهنجي بدذوق دل کي بهلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن لاءِ آءٌ شڪار ٿيل زخمي جانور ڪان وڌيڪ اهميت نٿو رکان. شايد ٻڪريءَ جي گوشت جي ڪٽ ڪرڻ وارن لاءِ ٽڻن جي ڪا به اهميت ناهي هوندي“!

خاردار سوچن ۾ وچڙڻ لڳو هئس ته وري تنهنجي تصور کي ڀڪ وڌا هئم, جيڪو هميشه جيان, آئيني ۾ پنهنجو پاڻ تي عاشق ٿي پوندڙ حويليءَ جي حُور جيان پُرڪشش لڳي رهيو هو. تصور ئي تصور ۾ توکي ڪي ميارون ۽ ڪي ڏوراپا به ڏنا هئم. ڇو ته ٻُڌو هئم ته تو پوليس اڳيان لکت ۾ ڏنل بيان ۾ مون هٿان پنهنجي اغوا ٿيڻ جو قصو ٻڌايو هو. دل جهري پيئي هئي. روح رهڙجي پيو هو. تنهنجي بيوفائيءَ جو زخم, پوليس ٽارچر ڪان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ لڳو هئم. پر دل اعتبار ڪرڻ لئه هرگز تيار ڪونه هئي. سوچيو هئم:

”هوءَ جنهن کي ڏسي رڳون رباب ٿي پونديون اٿم. جزئيات ڪُل ۾ قابو ٿيڻ لڳندي آهي. فطرت جي جاميٽريءَ جو قائدو سمجهڻ ۾ آسان ٿي پوندو آهي, سا مون سان بيوفائي ڪيئن ٿي ڪري سگهي!؟ منهنجو وڃايل ٻيو اڌ, مون ڪان ڌار ٿيڻ جي پرواني تي ڪيئن ٿو صحيح ڪري سگهي؟“.!

تڏهن دل جي غفائن مان آواز آيو هو:
”ايئن وري ڪيئن ٿيندو؟! ايئن ٿي ئي نٿو سگهي“.!!

**

ميرپورخاص جي جيل جي گهٽ ۾ پوسٽ واري ماحول جا ڏينهن ۽ راتيون تنهنجي وڇوڙن جا ويس اوڍي گذري رهيا هئا. اهوئي ساڳيو شهر هو جنهن جي پُرهجوم رستن تي آوارگيون ڪندي، ڪڏهن دوستن سان گڏ هليو هئس ۽ هُن رنگين بازار ۾ توسان اکيون اٽڪيون هيون! پر اڄ هنن ديوارن ۾، قيد خاني جا عذاب سهڻ لاءِ صرف تنهنجون ڪي يادگيريون ئي دل ۾ ڪتڪايون ڪري رهيون هيون! آسپاس تنهنجي هجڻ جو احساس، روح جي لامن تان لڙڪي پيل گلن جي خوشبُوءِ ٿي پيو هو! سمورو اندر زخم زخم هجڻ باوجود تنهنجي تصور جي آئيني ۾، پنهنجو پاڻ ڪائنات جي مرڪ پاسڻ لڳو هئم!

جيل ۾ ئي ڪنهن ڪان سنگت جا احوال ٻڌا هئم ته لڙڪ روڪي ڪونه سگهيو هئس. شمن ڪان الهداد تائين گهڻا ئڻا هاف يا فل فرائي ٿيا هئا ۽ سندن خاندان، دربدريءَ جي بيابان ۾ انصاف جي انڌي سج ڪي پُوندا ڏيئي رهيا هئا! جيل ۾ ئي ڪنهن ٻڌايو هو ته گهڻن ڏينهن کان منهنجو گهر به ويران ٿيل هو ۽ گهر وارن جو به ڪو پتو ڪونه هو ته اهي ڪيڏانهن هليا ويا هئا؟!

سوچيم:
”پوليس ماڳهين بابا کي فل يا هاف فرائي ته ناهي ڪيو جو گهر وارا بدحالي ۾ لوڪ جي مهڻن کان تنگ ٿي، انسانن جي سمونڊ ۾ ڪٿي ٽُٻي هڻي لڪي ويا آهن“.!

بيساخته اکين مان لڙڪ نڪري آيا هئا. امان، ادي وڏي ۽ ادي ننڍيءَ سان گڏ ڪلهن وٽان ڦاٽل قميص پاتل بابا جي رحم جوڳي تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي هئي، جنهن ۾ پُنير و بينل بابا، گڏهه کي گاهه ڏيئي رهيو هو. الاءِ ڇو ان وقت مون کي ايئن لڳو جڻ آئون گاهه هئس، جنهن کي اکپُور حالتن جو انڌو گڏهه ڏاٽ هيٺيان چٻاڙي رهيو هو!!

هڪ رهزن اکين وارو قيدي ويجهو سُري آيو مڇ وٽيندي چيائين:
”مڙس ماڻهو ٿي چريا. جيلون مڙسن جو ڏاج هونديون آهن! مون کي ڏس، زال ۽ ڏيءَ کي ڪاري ڪري مارڻ جو ڪيس هلي رهيو آهي، پوءِ به تو وانگر پڇڪان ته نٿو؟!“.

مون لڙڪ اُگهي سندس اکين ۾ نهاريو. جتي پڇتاءُ ۽ ڏک بدران فخر ۽ خوشيءَ جي چمڪ موجود هئي. سوچيم:
”هڪ جهڙين حالتن ۽ هڪجهڙن واقعن ۾ هڪجهڙا ڪم ڪرڻ باوجود، انساني محسوسات جي مٽي ايتري مختلف ڇو هوندي آهي؟“.!

ان ئي ويل آصف سان ملاقات جو سڏ ٿيو هو.گهڻن ڏينهن بعد لوهي سيخن جي هُن پار کنهن حجتي چهري کي ڏسي اندر ۾ اٿجهل خوشي کلڻ لڳي هئي!

” ڪيئن آهين شرلُو؟“

وراڻيو هئم:

” ٺيڪ ٺاڪ“

پر اسان ٻنهي کي خبر هئي ته ٺيڪ ٺاڪ ۾ ڪجهه به ٺيڪ ٺاڪ ڪونه هو. شايد اسان سيني کي ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙن ماڻهن جيان ڪوڙن لفظن کي به مجبورن قبول ئي ڪرڻو پوندو آهي!

بيتاب ٿي آصف کان پڇيو هئم:

” منهنجي گهر وارن جي ڪا خبرچار؟ “!

وراڻيائين:

”ڪافي ڏينهن کان تنهنجي گهر جو دروازو بند آهي. ڪا خبر ناهي ته گهر وارا ڪيڏانهن ويا.....چ...ون...؟ “!

هُو وات چٻي، خاموش ٿي ويو. ايئن ڄڻ مون کان ڪجهه لڪائي رهيو هو! ڪانئس وڌيڪ پڇڻ مناسب ڪونه سمجهيم.

”مينا جي بااثر والدين مون واري سڄي ڪاوڙ منهنجي گهر وارن مان ته ناهي ڪڍي؟! پوليس جي ظلم ۽ لوڪ جي مهڻن ۾ منهنجي گهر وارا ڪٿي لڪيا هوندا؟ “!

انيڪ وهمن ۽ وسوسن جي مٿيءَ ۾ پاڻ کي جيئري درگور ڪري ڇڏيم. بيمروت ماٺ جي ٻہر کي چانگهيندي، آصف چيو:

”جيڪو ٿيو سو ٿيو پر آئيندي جو سوچيو اٿئي؟ “!

وراڻيم:

”منهنجي سوچ جا سمورا دروازا مينا جي وجود ڏانهن کُلن ۽ بند ٿين ٿا؟ “!

چيائين:

”ان مينا پوليس کي ڏنل پنهنجي بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته تو کيس ڀنگ لاءِ اغوا ڪيو هو“.!

نانگ جي ڏنگ وگهي مرندڙ شخص جيان ڦٿڪي پيو هئس. وراڻيم:

”ڪاري ڏُڏي اچو نڪرڻ جي نفي ڪندڙ اهڙو بيان مينا ڏيئي نٿي سگهي. ڪا ٻي هوندي، جنهن کي برقعي ۾ مينا ڄاڻائي من پسند بيان ڏياريو ويو هوندو“.

آصف تڪ ٻڌي مونکي ڏسڻ لڳو. مختصر ماٺ بعد چيائين:

”اگر ڪورٽ ۾ به ايئن ئي بيان ڏياريو ويو ته توکي ڪير سزا کان بچائي سگهندو؟ “.!

لاجواب ٿي پيس. چيائين:

”تون ننڍڙڪو ملزم آهين. مينا جي مائٽن جا هٿ تمام ڊگها آهن. منهنجي معلومات مطابق،توکي سزا ڏيارڻ لئہ پوليس کان وڪيلن تائين سمورا بندوبست ٿي چڪا آهن! بس تنهنجي بچڻ جو هڪ ئي رستو بچيو آهي“.!

ٻُڌڻ ويل آخري سهاري لئہ هٿوراڙيون هڻندڙ شخص جيان ڦٿڪي پڇيم: ”ڪهڙو“ وراڻيائين:

”اصلي مينا جو سچو بيان ۽ ماهر وڪيل جون خدمتون ئي توکي سزا کان بچائي ۽ مينا سان ملائي سگهن ٿا“.

نااميديءَ مان چيم:

”پر اهو ڪيئن ٿيندو؟“

وراڻيائين:

“تنهنجو صرف هڪ واعدو

”ڪهڙو؟“

”اهو تہ رهائي ۽ مينا ملڻ بعد تون انهن ماڻهن جي ڪم ايندين، جيڪي تنهنجي لاءِ مهانگي وڪيل جو بندوبست ڪندا ۽ رهائي بعد گهر گهاٽ، ڪاڏي پيتي ۽ اوڍ ويس جو بندوبست ڪندا“.

آصف وارن متعلق گهڻو اڳ هيروئن ڪپائڻ جي ٻُڌل سُڌل افواهن تي هاڻ سچ جو گمان ٿيڻ لڳو.

آصف چيو:

”هن وقت تون آزادي ۽ مينا کان 99 سيڪڙو پري آهين. اگر اسين اهي ٻئي توکي ڏياري سگهياسين تہ اهو تنهنجو نئون جنم هوندو. ڇا تون نئون جنم ڏيارڻ وارن لئہ ڪم نہ ڪندين، سو بہ هِر ڪائيندڙ پگهار تي!؟“

مختصر ماٺ بعد اُنن تي بہ ڪجي نہ سگهجندڙ بيوسيءَ جي بار ۾ وراڻيم:

”ها مونکي قبول آهي“.!

آصف چيو:

”اسين تنهنجي لاءِ نامور وڪيل هٿ ڪريون ٿا، جيڪو عدالت ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ تون ڏاڙيل ناهين. تو مينا سان لو ميريج ڪئي آهي. مينا جي مائٽن ۽ پوليس طرفان لڳايل الزام ڪوڙا ۽ منگهڙت آهن. وڪيل اها ڪوشش بہ ڪندو تہ مينا جلد جج جي اڳيان پيش ٿئي ۽ بنا ڪنهن دٻاءَ جي ڏنل بيان ۾ تنهنجي بيگناهي ثابت ڪري!

اسان کي اميد آهي تہ اگر ايئن ٿيو تہ مينا جو بيان سموري جُڙتو ڪيس جا ڌاڳا ڪيري ڇڏيندو“.!

اندر جي اونده ۾ اميدن جا ڪيئي ڪُڙڪٻيتا اُڏرڻ لڳا.

ملاقات جو وقت ختم ٿيڻ ڪري، آصف کي وڇڙُو پيو هو تہ مونکي وقت ۾ آزاديءَ جو حقيقي احساس ٿيڻ لڳو!

# (19)

عدالت جي احاطي ۾ داخل ٿيندي ئي آسپاس نهاريو هئم. ان پورڙي اميد سان ته تون ڪٿي نه ڪٿي نظر ايندينءَ. پوئين ملاقات ۾ وڪيل اها پڪ ڏني هئي ته ايندڙ ٻُڌڻيءَ تي توکي ضرور پيش ڪيو ويندو.ڇو ته پوين ٽن شنوائين تي توکي پيش ڪرڻ کان نتائڻ سبب جج سخت ڪاوڙيل هو. هن اهو به ٻڌايو هو:

”لڳي ٿو پوليس ۽ مائٽن کي ڇوڪريءَ تي ڀروسو ناهي. ان ڪري ڇوڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ کان لنوايو پيو وڃي. پر ايندڙ شنوائيءَ تي ڇوڪري پيش نه ٿي ته سڄو ڪيس هيٺ مٿي ٿي ويندو“.

وڪيل اهو به پڇيو هو ته

“ڪيئن ٿو ڀائين مينا ڪورٽ ۾ توکي پنهنجو مڙس تسليم ڪندي؟”

”مون کي مينا تي ايترو ئي يقين آهي، جيترو سياڻي سج ايرڻ تي!!“

سينيئر وڪيل پٺي ٺپري چيو هو:

“ته پوءِ دلجائي رک نوجوان -پيار زنده باد“.

گهڻن ڏينهن بعد کلي پيو هئس.وڪيل ويندي ويندي چيو هو:

“ڏس ته مان ڪيئن ٿو ڪين سوڙها ڪريان“!

پر اڄ ڪورٽ جي احاطي ۾ داخل ٿيندي ئي توکي ڏسڻ لاءِ منهنجي دل سوڙهي ٿي رهي هئي. ڪيترن ڏينهن جي سڪ هئي، جنهن کي دل ۾ دٻائي رکيو هئم. ڪيترين راتين جا اوجاڳا هئا، جن کي ننڊڪ هينئڙي سان سلهاڙي ڇڏيو هئم. اويلن وڇوڙن جا ڪيترا زخم هئا،جن کي ڳٽڻ بنا ئي اندر جي انڌار ڀُونئري ۾ لڪائي رکيو هئم. دردن جا ڪيترا انبار هئا، جيڪي وجود جي واٽن تي وڏي وڻ ٿيا هئا.ڳُجهيون ڳالهيون جون ڪي پريون هيون، جيڪي پيٽ جي ورن ۾ وروڪيل هُيون!!

عدالت ۾ گهڻي رش لڳي پيئي هئي، شايد ميڊيا سميت سڀني کي تنهنجي بيان ٻُڌڻ سان دلچسپي هئي. پرسان هڪ پوليس وارو ٻئي کي چئي رهيو هو.

”هن سامهون بيٺل ڇوڪريءَ جو به اڄ بيان ٿيندو،جنهن لو ميريج ڪئي آهي ۽ ٻُڌو آهي ته ان صدمي ۾ ڪالهه سندس امڙ گذاري ويئي“.

مون کي انهن والدين تي سخت ڪاوڙ آئي، جن لاءِ پنهنجي اولاد جون خوشيون شاڪ ٻڌبيون آهن.سوچيم:

”اهڙا نازڪ دل والدين پنهنجي اولاد کي پهريان ايتري آزادي ڇو ٿا ڏين“!

مون ساڄي طرف نهاريو برقعي ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري ٻُنيري بيٺي هئي.

سپاهي وري ڳالهاڻو:

”۽ جنهن سان شادي ڪئي اٿس، اهو ڀنگي آهي ۽ ڪجهه مهينا اڳ مسلمان ٿيو آهي“.

الاءِ ڇو مونکي سيئوڪري محسوس ٿي. نفرت ۾ ٻچان ۾ ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺم. ڇوڪريءَ ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو. منهنجي پيرن هيٺيان زمين کسڪڻ لڳي. وڏي ادي امينه هڪ پنگيءَ سان گڏ ڪورٽ جي احاطي ۾ عدالتي سڏ ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪري رهي هئي.

چڪر اچڻ لڳا، پر تنهنجي ڪرشماتي تصور سان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪيم. ان ئي ويل سينيئر وڪيل پرسان اچي پٽڪو کيو هو:

”ڇوڪري موجود آهي، عنقريب سڏ ٿيندو. ڏسجان ڇوڪري ساڳي نه هجي ته مون کي اکين ئي اکين ۾ اشارو ڪجان“.

**

عدالت جي ڪمري ۾ توکي گهڙندي سيني عيد جي چنڊ جيان ڏٺو هو. منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي. تون ڪيتري نه ڏٻري ۾ ٽڪل ٽڪل لڳي رهي هُئينءَ! توکي ڏسي، منهنجي دل جي ڳوٺ منجهان هڪئي لمحي خوشبُوئن جا ڪيئي قافلا اٿي پيا هئا!

سوچيو هئم:

”بس هاڻ سورن جو سج لهڻ وارو آهي. جيئن ئي مينا ڳالهائڻ شروع ڪندي، مون ۾ ساڻس ٿيل ناانصافين جا بکيا اُڏڙڻ لڳندا. هوءَ نه رڳو والدين سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪندي، پر جج آڏو منهنجي آزاديءَ لاءِ پڻ ٻاڏائيندي ۽ ايلاز ڪندي!!“

جج جي سوال جي جواب ۾ تو کنگهي گلو صاف ڪيو هو. ڳالهائڻ چاهيو هُيئي، پر ڳالهائي نه سگهي هُيئين. جج چيو:

”هتي توهان سئو سيڪڙو محفوظ آهيو. شاباس... بنا خوف جي ٻڌايو“.

چيو هُيئي:

”ان ڏينهن بازار مان خريداري ڪري جيئن ئي موٽيس ته روڪ رقم ۽ زيورن سميت ڌاڙيلن اغوا ڪري ورتو.....!!“

تنهنجا لفظ پگهريل شيهو هئا، جيڪي ڪنن ۾ عذاب بڻجي داخل ٿيڻ لڳا.

جج مون ڏانهن آڱر ڪڍي توکان پڇيو:

”اهوئي ڌاڙيل هو نه جنهن توکي اغوا ڪيو هو؟“

نيڻ ڪڍي مون ڏانهن نهاريو هيئي:

هجتي ڏوراپن کي لڙڪن ۾ لڪائي تنهنجي نيڻن سان نيڻ ملايا هئم. ڪيترن ڏينهن بعد نگاهون نگاهن سان مليون هيون، جڻ ته ستارا هڪبئي ۾ تحليل ٿي پيا هئا. اکين ۾ اوتجي آيل سنگسار محبت جو درد، رياستي انتظام ۽ قانون اڳيان گونگو ٿي پيو هو. تنهنجي اکين ۾ اڳ ڏٺل انهن پُراسرار نقطن جا سحر وري روح پاتال ۾ پيوند ٿي پيا هئا، پر هڪ سطح اهڙي به آئي هئي، جتان مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ڪي غيبي هٿ پنهنجي محبت جي مورتيءَ کي وري مسمار ڪري رهيا هئا. هڪ وجود جا به

حصا ٿيڻ دوران ڳڙندڙرت کي اذيتن جون ڳجهون پيئڻ لڳيون هيون.پڪ ٿي پيئي هئم ته جنم جنم کان اڻپورتا جي پنڌ ۾، تون وري مون کان وڃائجي رهي هُئينءَ!

ڪيترو نه ناقابل يقين ۽ دردناڪ لمحو هوجو تون دنيا جي هڪڙي منصف اڳيان ان شخص کي هڪ ڏاڙيل طور شناخت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هُئينءَ، جنهن سان تنهنجي ڪن جنمن جي شناسائي هئي! ڪجهه ڪُڇڻ بنا بيهوش ٿي پَٽ تي ڪري پيئي هئينءَ. نهنجا وارث توکي ٻاهر کڻي وڃڻ لڳا هئا.ظاهري طور ته توکي مون کان جدا ڪيو ويو هو پر اصل ۾ تون مون کان جُدا ٿي نه سگهي هُئينءَ! بس ڪيئي ڪم اڌورا ڇڏي ايندڙ جهَنمَپَتِيي مهمان جيان اويلي آئي هُئينءَ ۽ سويلي هلي ويئي هئينءَ! ملي جدا ٿي هُئينءَ ۽ وڇڙي ملي هُئينءَ! توکي حاصل ڪري وڃايو هئم ۽ وڃائي حاصل ڪيو هئم. تون ڪُليل اکين جو خواب هُئينءَ يا وري يا وري نه ٻُڌائڻ جهڙو خيال هُئينءَ! جيئن به هو تون منهنجي هُئينءَ ۽ آئون تنهنجو هُيس. بس رڳو وري وري وڃائجڻ جي وادين ۾ خونخوار جانورن هٿان زخمي ٿي، مون هر ڀيري توکي وڃايو هو!

”ڇوڪري ايتري ته حراسيل آهي، جو ڏاڙيل ڏسي بيهوش ٿي پيئي. سندس بيان مڪمل ۽ ڏوهه ثابت ٿي چڪو آهي. هاڻ ڪورٽ سڳوري جلد مجرمن کي وڌ کان وڌ سزا جو فيصلو ٻڌائي “.

مخالف وڪيل ڪورٽ کي استدعا ڪئي هئي.

ان ئي ويل منهنجا پير ٽڙڻ لڳاهئا.هيٺ ڪرڻ کان اڳ سامهون بيساکين تي بيٺل معذور بابا کي ڏٺو هئم،جنهن جي اکين مان اڄ ڪو به ڏينهو مون ڏانهن ڪو نه اُڏاڻو. بس اهي ئي به اکيون هيون، جيڪي مون کي بي قصور سمجهي رهيون هيون ...!!